# تعارف

زير نظر ڪتاب جيئن نالي مان ظاهر آهي، هندو ۽ مغربي ڏاهن جي اسلام قبول ڪرڻ جي واقعاتي حقيقتن تي ٻڌل آهي. هندو ۽ مغربي ڏاهن کي اسلام تائين پهچڻ جي واٽ ۾ ڪيترو عملي سفر ڪرڻو پيو ۽ ڪهڙين مشڪلن سان منهن ڏيڻو پيو. ڪتاب ۾ ان جي تفصيل پڙهي، هڪ ته مفت ۾ اسلام جي حاصل ٿيندڙ نعمت جو قدر ٿيڻ لڳي ٿو. ٻيو اهو ته اهڙن خوش قسمت ڏاهن جي ايمان افروز زندگي اسان جهڙن بي عمل مسلمانن لاءِ آئيڊيل زندگي جي حيثيت سان نروار ٿي سامهون اچي ٿي. ٽيون اهو ته سيڪيولر ۽ ترقي پسند مسلمانن کي اهو پيغام ملي ٿو ته حق ۽ صداقت جي واٽ جي تلاش ۾ هي ڏاها پنهنجن سمورن ڪوششن کان پوءِ اسلام جو سهارو وٺڻ تي مجبور ٿيا آهن ۽ ڪين اسلام کان سواءِ ٻئي ڪنهن به نظام ۽ دين ۾ تسڪين ۽ راحت نه ملي سگهي ته اسان جي سيڪيولر ڏاهن کي سمجهڻ گهرجي ته اسلام کي ڇڏي، زندگي جي مشڪل مسئلن جي حل لاءِ هيڏي هوڏي واجهائڻ، اها ڏاهپ هرگز ناهي.

زير نظر ڪتاب ۾ ڪن چند هندو ۽ مغربي ڏاهن جا واقعا بيان ڪيا ويا آهن، جڏهن ته اسلام قبول ڪندڙ اهڙن ڏاهن جو انگ سون کان هزارن تائين پهچي ٿو. ان ڏس ۾ ٽن جلدن ۾ شائع ٿيندڙ ڪتاب "نسيم ہدایت کے جھونکے" ۾ ڪافي تفصيل موجود آهي. هي مضمون "بيداري" ۾ قسط وار ڇپجندا رهيا آهن. هنن مضمونن جو ترجمو محترم عبدالهادي ٽيپو صاحب جن ڪيو آهي، ڪتاب اهڙو ته متاثر ڪندڙ آهي، جو جنهن فرد ۾ ذري جيترو به ايمان موجود هوندو، اهو هنن ايمان افروز واقعن کي پڙهي ڳوڙها وهائڻ ۽ پنهنجي زندگي جي رنگ ڍنگ کي بدلائڻ جي سوچ کان سواءِ رهي نٿو سگهي.

ڪتاب جي مترجم محترم عبدالهادي صاحب کي الله تعاليٰ اهڙن قيمتي ڪتابن جو سولي ٻولي ۾ ترجمي ڪرڻ جو جنون جي حد تائين



جذبو عطا ڪيو آهي، موصوف پوين ٽيهن سالن کان وٺي ان ڏس ۾ اسان سان ڀرپور سهڪار ڪندو رهيو آهي. اسان جي چوڻ تي هن ڪيترائي اهم ڪتاب ترجمو ڪيا آهن، جيڪي ڪافي عرصي کان شايع ٿيندا رهن ٿا. انهيءَ تعاون لاءِ اسين سندس مشڪور آهيون ۽ دعاگو پڻ.

**محمد موسيٰ ڀٽو**

# مس روز ميري

## چرچ اسڪول جي پرنسپال

روز ميري منهنجي سؤٽ هئي ۽ هو پڪي ڪيٿولڪ عيسائي هئي. جيتوڻيڪ هوءَ هڪڙي چرچ اسڪول ۾ استاد هئي، پر وقت ڪڍي، عيسائي مذهب جي تبليغي سرگرمين ۾ وڏي خدمت سر انجام ڏيندي هئي، جنهن جي ڪري ڪيس اسڪول ۾ پرنسپال بنايو ويو هو. روزي تي عيسائيت جو رنگ تمام گهرو چڙهيل هو. هوءَ جڏهن به اسان جي گهر ايندي هئي، ته عيسائي مذهب جون بيشمار خاصيتون بيان ڪندي هئي ۽ مون کي اڪثر چوندي رهندي هئي ته تون تارڪ دنيا بڻجي، پنهنجي زندگي پاڪ مريم لاءِ وقف ڪري ڇڏ. هڪڙي دفعي اهڙو به مرحلو آيو جو مون فيصلو ڪيو ته آئون تارڪ دنيا بڻجي پنهنجو پاڻ کي هميشه لاءِ چرچ لاءِ وقف ڪري ڇڏيان. پاڪ مريم جي زندگي جون، هوءَ مون کي اهڙيون اهڙيون ته حيرت انگيز ڳالهيون ٻڌائيندي هئي، جو آئون ڏاڍي متاثر ٿيندي هيس. اڪثر مون کي محسوس ٿيندو هو ته روز ميري جيڪو ڪجهه چوي ٿي، سو بلڪل صحيح آهي ۽ مون کي واقعي دنيا تياڳي پنهنجو پاڻ کي چرچ لاءِ وقف ڪري ڇڏڻ گهرجي ۽ پوءِ مخلوق جي خدمت ڪندي پنهنجي زندگي گذاري ڇڏيندس.

اهي ڳڻتيون ڪائيندي هڪڙي ڏينهن مون اها ڳالهه پنهنجي ماءُ سان ڪئي ته هوءَ عجب ۾ پئجي وئي، چوڻ ته هوءَ منهنجي شادي هڪڙي سني عيسائي خاندان ۾ طيءِ ڪري چڪي هئي، ظاهر آهي ته تارڪ دنيا تي راهبه بڻجي وڃڻ جي حالت ۾ سندس اهو خواب هميشه لاءِ ختم ٿيو ٿئي، تنهنڪري هن ڏاڍي سختي سان ان جي مخالفت ڪئي ۽ مون کي حڪم ڪيائين ته آئنده آئون روز ميري جي ڳالهين تي نه لڳان ۽ زندگي ۾



دلچسپي وٺان. هن مون کي اهو به ٻڌايو ته تارڪ دنيا بڻجڻ عيسائي مذهب جي برخلاف آهي. هن چيو ته چوڪرين کي ورغلائي پادري حضرات انهن کي پنهنجو تابعداري بنائيندا آهن ۽ پوءِ ڪين چڱن مٺن سيني ڪمن لاءِ استعمال ڪندا آهن. آئون هتي اهو ٻڌائڻ به ضروري سمجهان ٿي ته آئون پنهنجن مائٽن جي سڪيلڌي ڌيءَ هيس. تنهنڪري گهر جا سمورا ڀاتي مون کي ڏاڍو پيائيندا هئا ۽ انهن مان وري سيني کان وڌيڪ منهنجي ماءُ ئي مون سان محبت ڪندي هئي. امان مون کي روز ميري سان ڪچهري ڪرڻ کان منع ڪري ڇڏي چوڻ ته سندس خيال ۾ روز ميري مون کي وري تارڪ دنيا بڻجڻ جو شوق ڏياريندي. پر هڪڙي ڏينهن حيرت وچان اسان جا وات ڦاٽي ويا، جڏهن اسان اوچتو ٻڌو ته روز ميري پاڻ مسلمان ٿي وئي آهي. اسان جي خاندان وارن کي انهيءَ ڳالهه تي اعتبار ئي نه اچي، پر پوءِ جڏهن اسان پڇا ڳاڇا شروع ڪئي ته چؤ طرف کان تصديق جون مهرون لڳڻ شروع ٿي ويون، دل نه وسهڻ جي ڪري امان پاڻ تصديق ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وئي.

اسين، آئون ۽ امان روزي جي اسڪول وياسين ته اتي خبر پئي ته روزي کي اسلام قبول ڪرڻ جي ڪري نوڪري تان جواب ڏنو ويو آهي. سو آئون ۽ امان گڏجي روزي جي گهر وياسين، جتي هوءَ برقعي وارين ڪن مسلمان عورتن سان گڏ ويٺي هئي. اسان جو خيال هو ته اسان جي اوچتي اچڻ جي ڪري روزي گهبرائجي ويندي ۽ اسان جي آڏو اچڻ جي همٿ ڪونه ٿيندس. پر آئون ۽ امان ششدر ٿي ويوسين، جڏهن هن اٿي اسان جو آڌر ڀاءُ ڪيو. مون سمجهيو پئي ته روزي مون سان ته منهن پائي ڳالهائي ڪونه سگهندي، چوڻ ته هن مون کي عيسائي راهبه بڻجڻ لاءِ ڪيترائي دفعا پاڻ چيو هو ۽ هاڻي هن اهو رستو ئي ڇڏي ڏنو آهي ۽ ويتر وڃي مسلمان ٿي آهي. پر مون کي ڏندين آڱريون اچي ويون، جڏهن منهنجي نظر روزي جي منهن تي پئي، سندس منهن گلاب جي گل وانگر ٽڙيل ۽ نور وچان ٻهڪيو

پئي. ائين پئي لڳو ڄڻ سندس منهن مان نور جون لاٽون پيون نڪرن. مون هن کان اڳ سوين ڀيرا ڪيس ڏٺو هو، پر هن کان اڳ ڪڏهن به هوءَ مون کي ايڏي سهڻي، حسين ۽ نوراني شڪل واري ڏسڻ ۾ ڪونه آئي، جيترو اڄ ڏسڻ ۾ پئي آئي. نور وچان سندس منهن ٻڪيو پئي.

روزي سان گڏ ٻيون به جيڪي مسلمان ڇوڪريون ويٺيون هيون، تن به مشڪندي اسان کي ڀليڪار چئي ۽ هٿ ڏنائون، مون امالڪ روزي کان سوال پڇيو ته توهان جي منهن تي ايڏو نور ڪيئن پيدا ٿيو آهي؟ هن ٺهه پهه جواب ڏنو ته اهو اسلام جو نور آهي. هن وضاحت ڪندي ٻڌايو ته جڏهن هوءَ عيسائي هئي، تڏهن هن جي منهن ۾ رونق ڪانه هئي، پر هن جڏهن کان اسلام قبول ڪيو آهي، ته هن کي به محسوس ٿيڻ لڳو آهي ته سندس منهن ۾ سونهن پيدا ٿي پئي آهي.

روزي جي حياتي ۾ جيڪا تبديلي آئي هئي، تنهن اسان جي سڄي خاندان کي ڌڪائي ڇڏيو هو. آئون ۽ امان سوچڻ لڳيوسين ته خبر ناهي ته آخر روزي جي زندگي ۾ اهو ڦيرو ڪيئن آيو؟ نيٺ هڪڙي ڏينهن روزي کان پڇيوسين ته هوءَ عيسائي مان مسلمان ڪيئن ٿي؟ ۽ هن پنهنجو اباڻو ڏاڏاڻو مذهب ڪيئن ترڪ ڪيو؟ جڏهن ته هوءَ عيسائي مذهب تي فدا هئي ۽ مجلسي زندگي ۾، جيڏانهن به ويندي هئي ته عيسائيت جون صفتون بيان ڪندي، سندس زبان ڪانه ٿڪجندي هئي.

روزي اسان کي حيران پريشان ڏسي چيو ته اسلام سندس زندگي ۾ تمام آهستي آهستي قدم کڻي داخل ٿيو، ايتري قدر جو هن کي پاڻ به گمان ڪونه هو ته هوءَ ڪو پنهنجو اباڻو مذهب ڇڏي ڏيندي ۽ اسلام قبول ڪندي.

روزي جي چوڻ مطابق ڪڏهن ننڍڙيون ننڍڙيون ڳالهيون به زندگي جو رخ بدلائي ڇڏينديون آهن. ٿيو هيئن جو هڪڙي ڏينهن ماستراڻين جو هڪڙو وفد چرچ اسڪول ۾ وزٽ تي آيو. روزي پرنسپال جي



حيثيت سان انهن سڀني جو وڏو آدر ڀاءُ ڪيو. چرچ جي ميمبرن طرفان انهن لاءِ دعوت جو انتظام به ڪيو ويو هو. ماستراڻين مان هڪڙي ٽيچر ماني ۾ شامل ٿيڻ کان انڪار ڪيو. جڏهن ڪيس ماني جي ميز ڏانهن هلڻ لاءِ چيو ويو ته هن ٽيچر پنهنجي مجبوري ظاهر ڪندي چيو ته جيئن ته هوءَ مسلمان آهي ۽ حلال گوشت واپرائيندي آهي ۽ حرام کاڌي کائڻ کان سندس دين منع ڪئي آهي. ان تي روزي کي ڏاڍي حيرت ٿي. روزي پنهنجي سوٽ کي ٻڌايو ته هن کي ڪابه خبر ڪانه هئي ته حلال ڇاکي چئبو آهي. يا حرام جو مطلب ڇا آهي؟ روزي جي چوڻ مطابق هن کي اڃي هورا ڪورا لڳي ته انهيءَ حلال حرام جي ڄڄهارت کي ڪيئن سمجهان ته اها ڇا آهي؟ تنهنڪري هن ان مسلمان ٽيچر سان رابطو رکڻ شروع ڪيو. اهو رابطو هلندي هلندي هن لاءِ هدايت جو ذريعو ٿي پيو.

ان مسلم ٽيچر جو نالو زاهده هو. هن سان دوستي قائم ٿيڻ کان پوءِ روزي جي عادت ٿي وئي ته جڏهن به ڪيس فرصت ملندي هئي ته زاهده سان ملڻ لاءِ هن وٽ هلي ويندي هئي ۽ هوڏانهن وري جڏهن زاهده کي وقت ملندو هو ته هوءَ روزي سان ملڻ لاءِ هلي ايندي هئي. ٻئي هڪٻئي جي سامهون پنهنجي پنهنجي مذهب جون خوبيون بيان ڪنديون هيون، پر زاهده هميشه دليلن سان گفتگو ڪندي هئي ۽ اڪثر اسلام جون خوبيون واضح ڪرڻ ۾ هن کي ڪاميابي ملندي هئي. روزي کي ان ڳالهه تي وڏو عجب لڳندو هو ته مسلمان حضرت عيسيٰ عليه السلام جو احترام عيسائين کان به وڌيڪ ڪن ٿا، ۽ بائيبل کي خدا وٽان نازل ٿيل ڪتاب مڃين ٿا. مسلمان حضرت عيسيٰ عليه السلام ۽ سندن والده پاڪ مريم ع کي معصوم عن الخطا تسليم ڪن ٿا، جڏهن ته عيسائين جو معاملو اهو آهي.ته هو مسلمانن جي پيغمبر اسلام عليه السلام جي شان ۾ ڪلي طرح گستاخيون ڪن ٿا ۽ پيغمبر اسلام عليه السلام جي رسالت کان انڪار ڪن ٿا. روزي ٻڌايو ته مسلمانن جو اهو اخلاقي پهلو مون کي متاثر ڪندو

رهيو. هڪڙي دفعي تثليث جي مسئلي تي گفتگو ٿي ته زاهده ان عقيدي کي زوردار دليلن سان غلط ثابت ڪري ڇڏيو ان وقت روزي جي سمجهه ۾ آيو ته عيسائيت هڪڙو خيالي مذهب ٿي پيو آهي، ۽ اسلام سان عيسائيت جي ڀيٽ ڪري نٿي سگهجي.

روزي جي چوڻ مطابق طلاق جو مسئلو سندس ذهن ۾ اهڙي طرح ويهي رهيو جو ڪيس چڱي طرح خبر پئجي وئي ته عورتن جي حقن جي حفاظت جيڪڏهن ڪنهن مذهب ۾ ٿي سگهي ٿي ته اهو فقط اسلام آهي. مطلقه (طلاق ڏنل) کي به با عزت زندگي گذارڻ جو حق اسلام عطا ڪري ٿو. دنيا ۾ ڪوبه مذهب اهڙو ڪونهي، جيڪو مطلقه جا حق بيان ڪندو هجي، اسلام سماج تي اها ذميواري رکي ٿو ۽ هو مطلقه کي به نئين سر زندگي شروع ڪرڻ جي اجازت ڏئي ٿو. موجوده ترقي يافته دنيا ۾ اسلام کان سواءِ ٻيو ڪوبه مذهب اهڙو ڪونهي، جيڪو ايتري قدر جامع هجي ۽ جنهن مطلقه کي سماج ۾ نفرت کان بچائڻ جو اهڙو انتظام ڪيو هجي. اهڙي طرح بيوه کي به اسلام عزت ۽ وقار سان زندگي گذارڻ جو موقعو ڏنو آهي. ڪابه بيوه پنهنجي مڙس جي وفات کان پوءِ عدت گذارڻ کان پوءِ پنهنجي نئين ازدواجي زندگي جو آغاز ڪري سگهي ٿي. اسلام معاشري ۾ بيوه سان شادي ڪرڻ کي همٿايو آهي ۽ ان کي وڏي ثواب جو ڪم چيو آهي.

روزي جڏهن مون کي ۽ منهنجي ماءُ کي اسلام جون خوبيون ٻڌايون ته اسان جي دلين ۾ به تجسس جو جذبو پيدا ٿيو. روزي جڏهن پنهنجين مسلمان سهيلين سان اسان جي ملاقات ڪرائي، تڏهن اسان کي اندازو ٿيو ته مسلمانن جو سماج عيسائي سماج کان ڪيترائي ڀيرا وڌيڪ تهذيب يافته ۽ با اخلاق آهي. روزي اسلام کي سمجهڻ لاءِ اسان کي ڪجهه ڪتاب ڏنا، اهي اسلامي ڪتاب اسلامي موضوعن تي هئا، ۽ اسلام کي سمجهڻ لاءِ اسان لاءِ ڏاڍا ڪارائتا ثابت ٿيا. آئون ۽ امان روزي وٽ انهيءَ لاءِ ويا هئاسين ته ڪيس سمجهائي مطمئن ڪري، وري عيسائي مذهب ۾ آڻيون، پر روزي



پنهنجي جنهن پختي عقيدي جو اظهار ڪيو هو تنهن مان اسان اندازو لڳايو ته روزي جو وري عيسائي بڻجڻ ممڪن ڪونهي، ڳالهين ڳالهين ۾ جڏهن امان، روزي کي چيو ته جيڪڏهن هو پنهنجي اباڻي مذهب عيسائيت ۾ موٽي اچي ته سڄو خاندان ڪيس ڳرانڍڙيون پائي جيءَ ۾ جايون ڏيندو. ان تي روزي جواب ڏنو ته هوءَ پنهنجي جان ته ڏئي سگهي ٿي، پر اسلام کي ڇڏي نٿي سگهي.

روزي جا ڏنل ڪتاب اسين پڙهون پيا، انهن ڪتابن مان معلوم ٿئي ٿو ته اسلام رڳو ريتن، رسمن يا عبادتن جو نالو ڪونهي پر هي هڪڙو اهڙو جامع مذهب آهي، جنهن ۾ زندگي جي سمورن تقاضائن جو خيال رکيو ويو آهي. هن مذهب جو ڪمال هي آهي ته ڌرتي تي رهندڙ سڀئي ماڻهو هن مطابق پنهنجي زندگي گذاري سگهن ٿا. هي مذهب ڪنهن خاص علائقي جي مسئلن بابت ڪونهي، هن ۾ آفاقي اشوز آهن. هر رنگ ۽ نسل جا ماڻهو اسلام جي ٿڌي ڇانوَ هيٺ آرام ۽ آسائش حاصل ڪري سگهي ٿو جڏهن ته دنيا جا ٻيا مذهب وقتي تقاضائن تي قائم آهن. جڏهن اهي تقاضائون پوريون ٿي وڃن ٿيون ته اهي مذهب به ختم ٿي وڃن ٿا. پر جيئن ته اسلام هڪ آفاقي مذهب آهي، ازل کان ئي ان جو وجود آهي ۽ قيامت تائين قائم رهندو. مختلف وقتن تي هن مذهب جي تبليغ لاءِ دنيا ۾ ڌار ڌار پيغمبر ايندا رهيا آهن ۽ هاڻي نبي آخر زمان جي اچڻ کان پوءِ هي دين مڪمل ٿيو آهي، تنهنڪري هاڻي هي مذهب ئي آهي، جيڪو آخر تائين هلندو. تانجو آخر وقت ۾ زمين چيرجي ويندي ۽ آسمان ڦاٽي پوندو.

وري هڪڙي ڏينهن اهڙو اتفاق ٿيو جو فڪر ۽ نظر جا نوان چنڊ تارا اسان جي ذهن ۾ به اڀريا. روزي مون کي ۽ امان کي هڪڙي مذاڪري ۾ وٺي وئي، جتي مسلمان عورتون جمع هيون. اهو موقعو پيغمبر اسلام ﷺ جن جي پيدائش جي ڏينهن جو جشن هو. هن جشن ۾ شامل ٿيڻ سان اسان جي تقدير بدلجي وئي. تاريخ جا گهڻائي ڪتاب پڙهڻ کان پوءِ به اسان کي

پيغمبر اسلام ﷺ جي حياتي بابت ايتري معلومات حاصل نہ ٿي سگهي ها، جيتري معلومات هن جشن ۾ شامل ٿي اسان کي حاصل ٿي. بهرحال اها ڳالهہ اسان جي سمجهہ ۾ اچي وئي تہ زمين، آسمان ۾ پيغمبر اسلام کان وڌيڪ محترم ڪابہ شخصيت موجود ڪانهي ۽ اهو بہ تہ اسلام ساري دنيا لاءِ رحمت جو خزانو آهي. انهيءَ عرصي ۾ روزي سان بگڙيل لاڳاپا بهتر ٿيڻ لڳا. مون کي ۽ امان کي محسوس ٿيڻ لڳو تہ روزي اسلام قبول ڪري ڪو غلط قدم ڪونہ کنيو آهي. ويتر هن انڌڪار ڇڏي، نور کي پنهنجي دامن ۾ آندو آهي.

روزي جي منهن، توڙي ساڻس گڏ اٿندڙ ويهندڙ ٻين مسلمان ڇوڪرين جي نراڙن تي جيڪو نور اسان کي ڏسڻ ۾ آيو پئي، سو اصل ۾ ايمان جو نور هو. منهنجي اندر ۾ بہ خواهش پيدا ٿيڻ لڳي تہ ڪاش! اهڙو نور منهنجي منهن ۾ پيدا ٿي پوي. مون اها ڳالهہ هڪڙي ڏينهن روزي سان ڪئي، روزي سمجهي وئي تہ اسلام منهنجي اندر ۾ بہ گهر ڪرڻ لڳو آهي ۽ آئون علي الاعلان اسلام قبول ڪرڻ چاهيان ٿي، پر هن مون کي چيو تہ پنهنجي منهن ۾ اهو نور پيدا ڪرڻ لاءِ توهان کي پهريائين پنهنجي ماءُ کان بہ موڪل وٺڻي پوندي، ڇوتہ جيڪڏهن توهان ايئن نہ ڪيو تہ ماڻهو سمجهندا تہ توهان ڪنهن جي دٻاءُ هيٺ اسلام قبول ڪيو آهي. مون ۾ اها همٿ ڪانہ هئي تہ اندر ۾ اٿندڙ انقلاب جو ذڪر آئون امان سان ڪريان. هڪڙي ڏينهن خبر ناهي تہ ڇا هو جو امان ڏاڍي خوش سرهي هئي. مون اهو وقت غنيمت ڄاڻي امان کي چيو تہ روزي جي منهن ۾ جيڪو نور آهي، سو نور آئون پنهنجي منهن ۾ آڻڻ چاهيان ٿي. امان جي جواب تي آئون ايتري تہ خوش ٿيس جو جذبات جي اڌمن وچان منهنجين اکين مان ڳوڙها وهڻ لڳا. امان چيو تہ آئون اسلام جي خوبين جي قائل ٿي چڪي آهيان ۽ سچي دل سان اسلام قبول ڪري چڪي آهيان، دير رڳو ايتري آهي جو مسلمان ٿيڻ



جو اعلان ڪريان، سو مون ۽ امان فيصلو ڪيو تہ اسين ٻئي گڏجي امت مسلم ۾ شامل ٿيڻ جو اعلان ڪنديوسين.

مسلمانن جي طرفان هڪڙو وڏو تبليغي اجتماع ٿيو جنهن ۾ تمام گهڻيون عورتون بہ شريڪ ٿيون هيون. مون کي ۽ امان کي چيو ويو تہ اسلام قبول ڪرڻ جي سلسلي ۾ پنهنجن خيالن جو اظهار ڪريون. خبر ناهي تہ ڇا ٿيو جو مون تي ۽ امان تي اهڙي ڪيفيت طاري ٿي وئي، جو اسان جي جذبات ۽ احساسات جون ڳالهيون ٻڌي ٻيون ڪيتريون عورتون روئڻ لڳيون. جيتوڻيڪ اسلام قبول ڪرڻ بابت ٻيون بہ ڪافي ڳالهيون بيان لائق آهن. پر مختصر طور ائين سمجهو تہ الحمدالله روزي، آئون ۽ امان ٽئي دلي طرح مسلمان آهيون. اسان اتي جوشيلن، ايماني نعرن جي وچ ۾ ڪلمو طيب پڙهيو. منهنجو اسلامي نالو مريم رکيو ويو ۽ امان جو عائشه رکيو ويو. اسين ڏاڍي در دعاگو آهيون تہ جيئن اسان کي اسلام قبول ڪرڻ جي توفيق نصيب ٿي آهي، اها توفيق ٻين واٽ وڃايلن کي بہ حاصل ٿئي ۽ اسلام جي سوجهري سان ساري دنيا امن ۽ سڪون جو گهر ٿي وڃي. آمين.

# محمد عمر گوتم

## (پرتاب سنگهہ گوتم)

آئون 1964ع ۾ يوپي صوبي جي فتح پور ضلعي ۾ رهندڙ هڪڙي راجپوت گهراڻي ۾ جائو هوس. اسان جو گهراڻو گوتم جي نالي سان سڃجي ٿو. بابا سائين جو نالو ڌنراج سنگهہ گوتم آهي. هو رٽائرڊ گورنمنٽ آفيسر آهي. هتي اسان جي چڱي خاصي زرع زمين بہ آهي. الله سائين اسان کي دنياوي لحاظ کان گهڻو ڪي نوازيو آهي. مون پنهنجي شروعاتي تعليم، پرائمري کان وٺي هاءِ اسڪول تائين پنهنجي ئي ڳوٺ ۾ حاصل ڪئي. پندرهن ورهين جي عمر ۾ مئٽرڪ کان پوءِ وڌيڪ تعليم لاءِ الاهہ آباد آيس. اتان ٻارهون ڪلاس پاس ڪرڻ کان پوءِ نيني تال ضلعي جي پنت نگر ايگريڪلچرل يونيورسٽي ۾ بي ايس سي (ايگريڪلچر) جي ڊگري حاصل ڪرڻ لاءِ 1980ع ۾ داخلا ورتم. يونيورسٽي ۾ 1984ع ۾ الله تعالىٰ منهنجي هدايت جو دروازو کوليو ۽ اتي ئي مون اسلام قبول ڪيو ۽ پنهنجو نالو شيام پرتاب سنگهہ گوتم مان ڦيرائي محمد عمر گوتم رکايم.

پندرهن ورهين جي ڄمار ۾ اوچتو دماغ ۾ هڪڙو سوال پيدا ٿيو تہ اسان جي گهر ۽ خاندان ۾ پوڄا پاٺ جو موجوده طريقو ڪيتري قدر صحيح آهي؟

هن عمر تائين اسان کي ڪنهن بہ ڪونہ ٻڌايو هو تہ اسين هندو آهيون تہ ڇو هندو آهيون؟ ۽ اسان جو ايمان ڪهڙين ڳالهين تي آهي؟ مون جڏهن پنهنجي طرفان انهن ڳالهين تي نظر ڪئي ۽ غور و فڪر ڪيم تہ مورڳو ٻيا بہ ڪيترا سوال ذهن ۾ پيدا ٿي پيا. مثال طور اسان جو خالق ڪير آهي مالڪ ڪير آهي؟ اسان جو رازق ڪير آهي؟ اسان جي حياتي جو مقصد ڇا آهي؟ مرڻ کان پوءِ اسين ڪٿانهن وينداسين؟ اسان کي ڪنهن



جي پوڄا ڪرڻ گهرجي ۽ ڪنهن جي نہ ڪرڻ گهرجي؟ 33 ڪروڙ ديوي ديوتائن جي پوڄا پاٺ آخر ڪيئن ڪري سگهجي ٿي؟ 86 لک جوڻن ۾ آواگون ڪيئن ٿي سگهي ٿو؟ ائين تہ ناهي جو مورڳو اسان جا ماءُ پيءُ اسان جا خالق ۽ مالڪ آهن؟ سماج ۾ پاڻ جهڙن ٻين ڪيترن انسانن کي اڇوت ڇو بنائي ڇڏيو ويو آهي؟ وغيره وغيره.

انهن سوالن جا جواب حاصل ڪرڻ لاءِ مون سڀ کان اڳ پنهنجي گهروارن کان انڪوائري شروع ڪئي. انهن وٽان ڪڏهن بہ ڪو صحيح جواب ڪونہ مليو. ڇوتہ انهن کي پنهنجي ڌرم (مذهب) بابت پاڻ ئي ڄاڻ ڪانہ هئي، سو ويچارا مون کي جواب ڪٿان ڏين. انهن مون کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي تہ پٽ! جيڪو تنهنجن ابن ڏاڏن جو ڌرم آهي، سو ئي تنهنجو بہ ڌرم (مذهب) آهي. جيئن هو ان تي هلي ويا. تيئن توکي بہ ان تي هلڻو آهي. جيڪي اسان جن گهرن ۾ خانداني ريتون رسمون ڌرم جي نالي تي هلن پيون، سي توکي بہ پوريون ڪرڻيون آهن. زندگي جو مقصد فقط هڪ ڪامياب انسان بڻجڻ آهي، ماءُ پيءُ جي سيوا (خدمت) ڪرڻ، غلط ڪمن کان بچڻ آهي. وغيره. پر ڪڏهن بہ ڪنهن اها ڳالهہ ڪانہ ٻڌائي تہ هندو ڌرم جا جيڪي پراڻا ڪتاب آهن، جن کي ويدن جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو تن جي بنيادي تعليم ڇا آهي؟ ڪافي وقت کان پوءِ مون کي خبر پئي تہ ويدن ۾ لکيل آهي:

"ايڪم برهم دوتيو ناستي" يعني برهما فقط هڪڙو آهي، ٻيو نٿو ٿي سگهي."

ان جو مطلب فقط هڪڙو نڪري ٿو تہ هڪڙي ئي ايشور جي پوڄا پاٺ يا عبادت ٿيڻ گهرجي ڪنهن ٻئي جي نہ. ويدن ۾ بت پرستي جي خلاف بہ آواز اٿاريو ويو آهي ۽ ماڻهن کي ٻڌايو ويو آهي تہ انسان جيڪڏهن ڪامياب ٿيڻ چاهي ٿو تہ فقط ۽ فقط هڪڙي ايشور (خدا) جي اپاسنا (عبادت) ڪري. مون کي جڏهن پنهنجن گهروارن، پنهنجن وڏن ۽

انهن سيني پنڊتن وٽان جيڪي اسان کي پوڄا پاٺ ڪرائڻ لاءِ ايندا هئا، صحيح جواب ڪونہ مليو تہ پوءِ مون ڌارمڪ ڪتابن جو پاڻ مطالعو شروع ڪيو.

سڀ کان اڳ هندو ڌرم جا ڪتاب پڙهيم. خاص طور تي گيتا پريس گورکپور جا ڇپيل ڪافي ڪتاب مطالعو ڪيم. گيتا، رام چرت مانس، مهاڀارت، ويد، پراڻ ۽ منوسمرتي بابت چڱا خاصا ڪتاب پڙهيم ۽ سمجهڻ جي ڪوشش ڪيم. پنٽ نگر يونيورسٽي (اتر کنڊ) ۾ تعليم دوران اٽڪل ٽي سال، يونيورسٽي لائبريري ۾ رکيل هندو مذهب جا ڪافي ڪتاب مطالعو ڪيم. خاص طور تي گوتم ٻڌ، وويڪانند، پرم هنس رام ڪرشن، گانڌي، نهرو ۽ ٻين سوشل ريفارمرس جون سوانح عمريون پڙهڻ جو مون کي ڏاڍو شوق پيدا ٿي پيو هو. آئون انهيءَ جاکوڙ ۾ هوس تہ مون کي انهن ماڻهن جي ڪاميابي جي راز جي خبر پوي. گهڻي مطالع جي ڪري هزارين سوال ٻيا بہ ذهن ۾ پيدا ٿيندا رهيا ۽ دماغ ڪنفيوز ٿيڻ لڳو تہ آخر سچائي جو پتو چو نٿو پوي. نيٺ ارادو ڪيم تہ ڏگري وٺڻ کان پوءِ آئون، بابا سائين کي هڪڙو خط لکندس، جنهن ۾ سندس شڪريو ادا ڪندس تہ هن وڏا خرچ ڀري مون کي پڙهايو پر منهنجي زندگي جو مقصد حق جي ڳولاهہ آهي، تنهنڪري آئون سندس ارمانن ۽ مرضي کي پورو ڪري ڪونہ ٿو سگهان تنهنڪري آئون ڪائنس معافي ٿو گهران ۽ پوءِ جبلن ۾وڃي سنياسين واري حياتي گذاريندس.

ميڊيٽيشن يعني چنتن (اندر جو ڌيان)۾ منن (سوچ ويچار) وسيلي پنهنجي ايشور (خدا) کي سڃاڻندس تہ هو ڪٿي آهي، ڇا آهي ۽ اسان کان ڇا ٿو گهري؟ اهو وقت اچڻ کان اڳ الله منهنجي دل ۾ اهو خيال وڌو تہ تون پنهنج پيدا ڪرڻ واري سڌو سنئون چو نٿو گهرين تہ هو توکي سڌو رستو ڏيکاري ۽ حق سڃاڻ ۽ حق ت هلڻ ۾ تنهنجي مدد ڪري. مون راتين جو



اٿي دعائون گهرڻ شروع ڪيون ۽ پوءِ الله تعاليٰ هوريان هوريان مون لاءِ حق جي واٽ آسان ڪري ڇڏي.

1984ع ۾ اسان جو هڪڙو دوست ناص خان جيڪو ضلع بجنور جو رهندڙ آهي منهنجو هم جماعت (ڪلاس فيلو) هو، ا کي الله منهنجي هدايت لاءِ وسيلو بنايو. اسڪوٽر هلائيندي منهنجو ايڪسيڊنٽ ٿي پيو. ڪافي ڌڪ لڳا تنهنڪري وچي اسپتال پيڙو ٿيس. سائيڪل هلائڻ بہ مون کان ڇڏائجي وئي، ڪافي پريشاني ٿي پئي ان دوران ناصر خان منهنجي ڏاڍي مدد ڪئي. هو مون وٽ اسپتال ايندو هو ۽ اسپتال مان گهر اچڻ کان پوءِ مون کي اسپتال وٺي ويندو هو. ڊپارٽمنٽ وٺي ويندو هو ۽ مون لاءِ ميس مان ماني وٺي ايندو هو ۽ پوءِ اسين ڪمري ۾ گڏ ويهي ماني کائيندا هئاسين. اهو سلسلو هڪ مهيني تائين هلندو رهيو. آئون هن جي چڱي سلوڪ جي ڪري ڏاڍو متاثر ٿيس. هڪڙي ڏينهن مون هن کي سامهون ويهاري پڇيو تہ تون مون سان ايتري همدردي چو ٿو ڪرين، ايترو خلوص ۽ اخلاق تو ڪٿان سکيو آهي؟ هن جواب ڏنو تہ گوتم صاحب! آئون هي ڪم ڪنهن لالچ يا ڪنهن دٻاءُ جي ڪري نٿو ڪريان، اصل ۾ آئون مسلمان آهيان، منهنجو مذهب اسلام آهي، اسلام جي تعليم آهي تہ پاڙيسري، پاڙيسريءَ جو ڀاءُ هوندو آهي، ڪٽي ڪير بہ هجي، ۽ پاڙيسيري سان سٺو سلوڪ ڪرڻ سندس مدد ڪرڻ، مصيبت ۾ هن جي ڪم اچڻ هڪ مسلمان جي بنيادي ذميواري آهي مون کي ڊپ آهي تہ جيڪڏهن هينئر مون توهان جي مدد نہ ڪئي ۽ توهان جي ڪنهن ڪم نہ آيس تہ سڀاڻي محشر ۾ الله کي ڪهڙو منهن ڏيکاريندس.

اتي مون کان پڇاڻو ٿيندو تہ تو پنهنجي پاڙيسري سان ڪهڙو سلوڪ ڪيو؟ ناصر خان جون اهي ڳالهيون ٻڌي آئون ڏاڍو متاثر ٿيس. اسلام جو سڀ کان پهريون سبق پاڙيسريءَ جي حقن بابت مون اتي پڙهيو ۽ اها بہ خبر

پئي تہ حياتي جي وهنوارن بابت حساب ڪتاب حشر جي ميدان ۾ ٿيڻ وارو آهي.

ان ڪان پوءِ ناصر خان جي ذريعي اسلامي ڪتابن جو مطالعو شروع ڪيم اهو سلسلو اٽڪل ڇهہ مهينا هلندو رهيو. ان دوران مون چاليهہ پنجاهہ ڪن ڪتاب ڌار ڌار عنوانن تي مطالعو ڪيا اهڙي طرح اسلام جي پوري تصوير منهنجي سامهون اچي وئي. قرآن پاڪ جو بہ مطالعو ڪيم خاص طور تي قرآن پاڪ جي روشني ۾ ناصر خان قرآن شريف جي مطالعي ڪان اڳ مون کي احساس ڏياريو هو تہ قرآن الله جي طرفان نازل ڪيل آسماني ڪتاب آهي ۽ انسان ذات لاءِ هدايت نامو آهي. يعني دنيا جي سمورن انسانن لاءِ آهي. اها ڳالهہ ذهن ۾ رکي اخلاص نيت سان جڏهن مون قرآن شريف جو ترجمو پڙهي تہ منهنجن سمورن سوالن جا جواب پاڻ مرادو مون کي ملندا ويا. الله پنهنجو واعدو پورو ڪري ڏيکاريو تہ جيڪي ماڻهو هدايت جا طلبگار هوندا آهن. تن کي ضرور هدايت ملندي آهي. الله سائين جو بيحد احسان آهي تہ هن مون کي اسلام جي ايڏي وڏي دولت بنا ڪنهن محنت, مشقت ۽ قرباني جي عنايت فرمائي آهي.

اسلام قبول ڪرڻ ڪان پوءِ سڀ ڪان اڳ يونيورسٽي ۾ گڏ پڙهندڙ دوستن منهنجي مخالفت ڪئي. گهڻن تہ رڳو اهو سوال پئي پڇيو تہ توکي آخر ڪهڙي اهڙي مجبوري آڏي آئي جو اسلام جهڙي ڌرم (مذهب) ۾ وڃي داخل ٿئين؟ ڇا توکي ڪو ٻيو ڌرم ڪونہ ڏسڻ ۾ آيو. انهن ويچارن کي ڪهڙي خبر تہ اسلام جي تعليم ڇا آهي؟ ۽ اسلام جو بنياد ڪهڙين ڳالهين تي رکيل آهي. ٿورن ڏينهن ڪان پوءِ ڊپارٽمينٽل وال مئگزين ۾ منهنجي اسلام قبول بابت هڪڙو مضمون ۽ انٽرويو ڇپيو ويو. جنهن کي هزارين شاگردن پڙهيو. ان تي ڪئيمپس جي ماڻهن ۾ چہ ميگويون ٿيڻ لڳيون, مٿان وري بريلي مان نڪرندڙ هڪڙي هندو اخبار "امرا اجالا" ۾ گوتم عمر جي هيڊنگ سان خبر بہ ڇپجي وئي. پوءِ تہ سڄي علائقي ۾ اها



خبر باهہ وانگر پکڙجي وئي. گهڻا ماڻهو, ويندي پوليس ۽ سي آءِ ڊي وارا بہ انڪوائري لاءِ اچڻ لڳا. ان سلسلي ۾ جيڪي بہ ماڻهو معلومات لاءِ مون وٽ ايندا هئا تن کي آئو پنهنجي حساب سان جواب ڏيندو رهيس, آر ايس ايس ۽ وشوا هندو پريشد جي ماڻهن کي اها ڳالهہ بلڪل ڪانہ وڻي ۽ انهن مون کي هاسٽل مان اغوا ڪري جهنگ ۾ وڃي ڏاڍي مار ڏني ۽ ڌمڪيون بہ ڏنائون تہ ٽن ڏينهن اندر جيڪڏهن موٽي هندو ڌرم ۾ نہ آئين تہ تنهنجيون ٻوٽيون ڪري ڇڏينداسون. حالتون ايڏيون تہ خراب ٿي ويون جو مون کي پنهنجي ايم ايس سي ايگريلڪچلر جي ڊگر اڌ ۾ ڇڏي يونيورسٽي مان نڪرڻو پيو. پوءِ آئون دهلي هليو ويس. ٻہ ٽي سال ٿين ئي گذري ويا.

1988ع ۾ جامعه مليه اسلاميه دهلي ۾ ايم اي اسلامڪ اسٽڊيز ۾ داخلا ورتيم. ايگريڪلچر لائي ڇڏي ڏنم. گهروارن جي طرفان بہ وڏي مخالفت ٿي ۽ انهن بہ مون سان فيملي بائيڪاٽ ڪري ڇڏيو جنهنڪري سيني مٽن مائٽن سان ورهين تائين واسطا ختم ٿي ويا, ائين ڏهہ ٻارهن سال انهيءَ حالت ۾ لنگهي ويا. ان ڪان پوءِ حالتون ڪجهہ نارمل ٿيڻ لڳيون ۽ هڪ ٻئي وٽ اچڻ وڃڻ شروع ٿيو.

جيستائين دعوتي ڪم جو تعلق آهي تہ الله سائين جو وڏو ڪرم آهي, سڀ کان اڳ گهروارن مان منهنجي زال ۽ پوءِ منهنجي والده محترمه اسلام قبول ڪيو ۽ اجوڪي تاريخ تائين سيني رشتي دارن مٽن مائٽن سان دعوتي ڪوشش جي سلسلي ۾ برابر رابطو قائم آهي. گهڻا ماڻهو اهڙا آهن جيڪي اسلام جي باري ۾ صحيح معلومات حاصل ڪرڻ چاهين ٿا. پر مون کي افسوس ان وقت ٿيندو آهي جڏهن هڪ پاسي انهن جي آڏو اسلام جي سچائي ۽ اعليٰ تعليم واضح هوندي آهي پر ٻئي پاسي عام مسلمانن جون معاشرتي ۽ اخلاقي حالتون انهن لاءِ رنڊڪ بڻجي وينديون آهن. تنهن هوندي بہ اٽڪل ٻہ سؤ ماڻهن کي اسلام جي دائري ۾ داخل ڪرڻ ۾ آئون ڪامياب ٿيو آهيان, فالحمد لله عليٰ ذالڪ.

اهڙن هزارين غير مسلم ڀائرن سان رابطي ۾ هئڻ جي ڪري مون کي محسوس ٿئي ٿو تہ دين جي دعوت صحيح نموني انهن تائين پهچائي ئي ڪانہ وئي آهي. جنهن جي ڪري اهي غلط فهمي جا شڪار آهن. حقيقت هن ريت آهي تہ اسلام سموري انسان ذات لاءِ آيو آهي. بنيادي طور تي اسلام ماڻهن کي انسانيت جي تعليم ڏني آهي. جيڪڏهن ڪو ماڻهو باقاعدي اسلام ۾ داخل نہ بہ ٿئي تہ بہ هو اسلامي تعليمات مان فائدو وٺي سگهي ٿو. ۽ اڄ دنيا جون گهڻيون قومون ۽ گهڻا ملڪ اهڙا آهن جيڪي اسلام جي تعليمات مان فائدو وٺي رهيا آهن. ۽ ٻئي پاسي مسلمان آهن جيڪي پري ٻيٺا انهن کي ڏسي رهيا آهن ۽ انهن جون ساراهون پيا ڪن. ڏٺي در دعا آهي تہ اسان جو معاشرو اسلامي بڻجي پوي جو اسان کي ٻين جي نقالي ڪرڻ جي ضرورت نہ پوي. ٻئي پاسي اهڙا بہ گهڻائي ماڻهو آهن جن کي ڪنهن نہ ڪنهن بهاني اسلامي ۾ داخل ٿيڻ جو موقعو ملي ويو آهي. پر صحيح تعليم ۽ تربيت نہ ملڻ جي ڪري هو سماج ۾ پنهنجي سڃاڻپ پيدا ڪري نہ سگهيا آهن ۽ ان ڪمزوري جي ڪري مسلمان غلط فهمي جا شڪار ٿيا ئي آهن پر نون ايندڙ ماڻهن لاءِ اهي ڪو سٺو نمون بڻجي نہ سگهيا آهن.

آئون سمجهان ٿو تہ ان سلسلي ۾ سيئي قومي رهبر جيڪي دين کي ٻين تائين پهچائڻ چاهين ٿا ۽ دعوت (تبليغ) جو ڪم ڪري رهيا آهن ۽ خاص طور تي غير مسلم ڀائرن ۾ دين جون ڳالهيون پهچائڻ گهرن ٿا، تن کي گهرجي تہ هو هر نئين ايندڙ لاءِ اسلامي تعليم ۽ تربيت جو جوڳو بندوبست ڪن ۽ انهن کي ثابت قدم رهڻ ۾ مدد ڪن. هن ملڪ ۾ جتي اڪثريت غير مسلم ڀائرن جي آهي، ديني دعوت جي سخت ضرورت اآهي. اڄ بہ جيڪڏهن عام مسلمان، دين تي هلن ۽ پنهنجا اخلاقي ۽ ڪردار سنوارين ۽ انسانيت جي خدمت کي پنهنجي زندگي جو مقصد



بنائين، تہ هزارين لکين ماڻهو اسلام کي سمجهڻ ۽ قبول ڪرڻ لاءِ تيار ٿي سگهن ٿا.

اها ڳالهہ بہ دنيا جي سامهون اچڻ گهرجي تہ اسلام ڪنهن کي بہ زبردستي پاڻ ۾ داخل ڪرڻ جي ڪوشش نٿو ڪري ۽ ڪوبہ مسلمان ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي زوري مسلمان بنائي نٿو سگهي. اهو فيصلو تہ بندي ۽ الله جي وچ ۾ هوندو آهي. جيستائين ڪوبہ ماڻهو پنهنجي دل جي گهرائي سان اسلام کي نہ سمجهندو ۽ آخرت جي ڪاميابي کي مد نظر نہ رکندو، تيستائين اسلام ۾ داخل ٿي نٿو سگهي. جيڪڏهن اکيون بند ڪري اسلام ۾ داخل داخل ٿي بہ ويو تہ حالتن جو مقابلو ڪرڻ هن لاءِ ناقابل برداشت ٿي پوندو.

آخر ۾ آئون پنهنجن سڀني غير مسلم ڀائرن کي دعوت ڏيان ٿو تہ هو اسلام کي قرآن ۽ حديث جي روشن ۾ پڙهن ۽ سمجهن، رڳو عام مسلمانن کي ڏسي فيصلو نہ ڪن. اسلام جي باري ۾ ڪابہ راءِ قائم ڪرڻ کان اڳ ضروري آهي تہ پوري تحقيق ڪري پڪ ڪن. پنهنجن مسلمان ڀائرن کي بہ آئون عرض ڪريان ٿو تہ هو غير مسلم ڀائرن سان پنهنجي اخلاقي ڪردار ۽ معاملات کي ايترو بهتر ۽ بلند بنايائين، جو سڀني ماڻهن لاءِ سندن هلت چلت اسلامي جي سڃاڻپ ٿي پوي ۽ سڀ ماڻهو توهان جي ذات مان لاڀ پرائين. ائين نہ ٿئي جو توهان جي بدعملي جي ڪري ماڻهو توهان کان نفرت ڪن ۽ ساڳئي وقت ۾ اسلام کان بہ نفرت ڪرڻ لڳن منهنجي نظر ۾ ان کان وڏي ٻي ڪابہ ٽريجڊي ٿي ئي نٿي سگهي. الله کان دعا گهران ٿو تہ هو اسان کي دين جو صحيح نمائندو بنجڻ جي توفيق عطا فرمائي. آمين.

# ڊاڪٽر صفيه شالني

## (سروج شالني)

منهنجو اڳوڻو نالو سروج شالني آهي. آئون 24 سيپٽمبر 1978ع تي لکنو جي ويجهو موهن لاج گنج ۾ هڪ برهمڻ ڪٽنب ۾ ڄائي هيس. منهنجو پيءُ ڊاڪٽر ڪي اي شرما ميڊيڪل ڪاليج ۾ پروفيسر رهيو آهي ۽ ڪارڊيالاجي ۾ ايم ڊي آهي هو ڪافي عرصي تائين پنٽ هاسپيٽل ۾ ڊاڪٽر رهيو. ڏهه سال کن ٿيا آهن جو اتان بدلي ڪرائي، هاڻي لکنو يعني گهر جي ويجهو آيو آهي. منهنجي ماءُ ماتاجي هڪ گهريلو خاتون آهي. بابا پنهنجي طبيعت جي لحاظ کان پڪو هندوستاني آهي. هو فقط مشرقي تهذيب کي سٺو سمجهي ٿو. تنهن ڪري هن پنهنجن گهروارن تي زور پري، ڪيترين ڊاڪٽراڻين کي ڇڏي فقط امان کي پسند ڪيو ۽ ساڻس شادي ڪيائين. منهنجا ٻه ڀائر آهن. هڪڙو بنارس يونيورسٽيءَ ۾ ريڊر آهي ۽ ٻيو بي ايل اي ۾ انجنيئر آهي. ٻئي مون کان وڏا آهن. مون انٽر سائنس بائيالاجي فرسٽ ڊويزن ۾ پاس ڪئي، ۽ پڻ PMT مقابلي جو امتحان پاس ڪيم. لکنئو ميڊيڪل ڪاليج مان ايم بي بي ايس پاس ڪيم ۽ مولانا آزاد ميڊيڪل ڪاليج دهلي مان ايم ڊي به ڪيم.

بابا جي مرضيءَ تي ڪارڊيالاجي شعبي (دل جي بيمارين) کي چونڊيم. هن وقت آئون AIms ۾ DM ڪري رهي آهيان. ۽ ساڳئي اداري جي ڊپارٽمينٽ آف ڪارڊيالاجي ۾ نوڪري به ڪري رهي آهيان.مون 20 مئي 2004ع تي برهستوار (خميس) جي صبح يارنهين وڳي گرين پارڪ جي مسجد ۾ مولوي محمد ڪليم صديقي صاحب جي هٿ تي اسلام قبول ڪيو.



آئون جون 2003ع ۾ ICCU ٻارن جي وارڊ ۾ ڊيوٽي تي هيس. اتي هڪڙي ڏينهن مون ڏٺو ته هڪڙو مولوي صاحب, هرياڻا ضلعي جي هڪڙي ٻار کي ڏسڻ لاءِ آيو . ٻارن وٽ فقط هڪڙي تيماردار Attendent کي رهڻ يا ويهڻ جي اجازت آهي. تنهنڪري ٻار جو پيءُ ٻاهر هليو ويو . مولوي صاحب ٻار تي ڪجهه پڙهي شوڪاريو. سڄي وارڊ ۾ اٺ بيڊ هئا. اتي فقط هڪڙو مسلمان مريض هو. ٻار تي شوڪارڻ ڏسي پرواري مريض جي ماءُ به مولوي صاحب کي پنهنجي ٻار تي شوڪارڻ لاءِ چيو . ٻار جي ماءُ هرياڻا واري ٻار وٽ وڃي ويٺي. مولوي صاحب ٻئي ٻار تي به دم ڪيو . ان کي ڏسي پر واري ٻئي ماءُ به پنهنجي ٻار تي شوڪارڻ لاءِ چيو . ائين مولوي صاحب به هڪ ٻئي پويان سڀن ٻارن وٽ ويهندو ۽ شوڪاريندو ويو . ڊاڪٽر تياڳي، جيڪو ڊپارٽمينٽ جو هيڊ هو تنهنجي رائونڊ جو ٽائيم ٿي ويو هو، سو ٻاهر ان ڏسي آئون وارڊ ۾ اندر لنگهي ويس ۽ مولوي صاحب کان پڇيم ته توهان جو مريض ڪهڙو آهي؟ توهين ڪڏهن هن مريض وٽ, ته ڪڏهن هُن مريض وٽ وڃو پيا ۽ شوڪاريو پيا. هي ICCU آهي. هتي هر وقت انفيڪشن Infection جو خطرو هوندو آهي. مولوي صاحب چيو:"هي سڀ مريض منهنجا آهن. اسان جي وڏن اسان کي ٻڌايو آهي ته سڀئي انسان هڪڙي ئي ماءُ پيءُ جو اولاد آهن. تنهنڪري هتي ايڊمٽ سڀني مريضن سان منهنجو رت جو رشتو آهي. جنهن مالڪ توهان کي ۽ اسان کي پيدا ڪيو آهي، تنهن کي اهو تنهنجو منهنجو چوڻ بلڪل پسند ڪونهي ۽ جيڪا شيءِ مون پڙهي پئي يا شوڪاريو پئي، سو انهيءَ مالڪ جو ڪلام آهي، هن پنهنجي ڪلام ۾ اها ئي ڳالهه چئي آهي: پنهنجي سچي سنديش واهڪ (رسول) ابراهيم جي واتان به هيءَ ڳالهه چوارائي اٿس ۽ ابراهيم اهو آهي، جنهن جي نالي پويان پارت جا ماڻهو پنهنجو پاڻ کي "برهمڻ" (ابراهيمي) سڏائين ٿا، ته "آئون جڏهن اگهو ٿيان ٿو ته اهو مالڪ مون کي شفا ڏئي ٿو، يعني چاق ڪري ڇڏي ٿو." (الشعراء 80:29)

توهان روز ڏسنديون هونديون تہ توهين پنهنجي خيال مطابق سني ۾ سني دوا مريض کي ڏينديون آهيو ۽ مريض ٺيڪ هوندي بہ مري ويندو آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن علاج ۾ غلطي ٿي ويندي آهي، پر مريض ٺيڪ ٿي ويندو آهي.“ اهڙيون ڳالهيون مون پهريون دفعو ٻڌيون هيون. گذريل هفتي اسان جي وارڊ جا ڇهہ ٻار ايڪسپائر ٿي ويا (مري ويا) هئا. انهن مان چار ٻار تہ ڏاڍا سندر (سهڻا) هئا ۽ ٻہ هفتا وارڊ ۾ رهڻ جي ڪري منهنجي بہ انهن سان ڏاڍي دل ٿي وئي هئي، انهن جي موت تي مون کي ڏاڍو صدمو ٿيو هو. مولوي صاحب جون مٺيون ڳالهيون ٻڌي مون کي ائين لڳو تہ مون کي هن جون ڪي وڌيڪ ڳالهيون ٻڌڻ گهرجن، سو مون مولوي صاحب کي پنهنجي ڪيبن ۾ اچڻ لاءِ چيو. مولوي صاحب منهنجو عرض قبول ڪيو. مولوي صاحب مون کي چيو: ادي، توهين منهنجي ننڍي ڀيڻ يا منهنجي ڌيءَ وانگر آهيو. ادب سان مون کي سڏيو اٿو تہ منهنجي بہ توهان کي درخواست آهي تہ منهنجي وارڊ ۾ ايندڙ هر مريض کي پنهنجو ٻچو يا پنهنجو پياءُ سمجهو ۽ ان جي ڏک سور کي پنهنجو ڏک سمجهو. مالڪ سائين توهان کي ڪهڙو نہ سٺو موقعو ڏنو آهي، جو توهان کي پريشان حال ماڻهن جو درد شريڪ بڻايو اٿس. توهان کي چڱي طرح اندازو هوندو تہ جنهن ماءُ جو ٻار اهڙو بيمار هجي، جو ICCU ۾ ايڊمٽ هجي ۽ سرڪاري اسپتال ۾ اهڙا مريض بہ ايندا آهن، جن جو ڪو واهر وسيلو نہ هوندو آهي، انهن سان توهين ٿوري بہ همدردي ڪريو تہ انهن جو وار وار ۽ انهن جو انتر آتما (روح) توهان کي دعائون ڪندو. آخر ۾ مولوي صاحب وڏي درمنديءَ سان منهنجو نالو پڇيو ۽ چوڻ لڳو: ڊاڪٽر شالني! منهنجي رت جي رشيداريءَ ۾ توهين منهنجي ڀيڻ آهيو. تنهن ڪري آئون توهان کي نصيحت ڪريان ٿو. پر اڄا بہ وصيت ڪريان ٿو ۽ وصيت ان کي چئبو آهي تہ ڪو مرڻ وارو ماڻهو مرض وقت پنهنجي اولاد کي سڏي آخري ڳالهہ چوندو آهي، سو آئون بہ توهان کي چوان ٿو تہ توهان جي وارڊ ۾ ايندڙ مريضن جو علاج سڀ کان وڏي پوڄا



سمجهي ڪندا ڪريو. توهان کي سوين سالن جي تپسيا ۽ ڪٺن پوڄا (ڏکي عبادت) ڪانپوءِ بہ مالڪ وٽ اها جاءِ ڪانہ ملندي، جيڪا ڪنهن پريشان حال مريض ٻار ۽ سندس مصيبتن ماريل ماتا پتا (ماءُ پيءُ) کي آٿت ڏيڻ سان ملندي.

مون مولوي صاحب جو تمام گهڻو شڪريو ادا ڪيو ۽ وعدو ڪيم تہ آئون ڪوشش ڪنديس. مولوي صاحب هليو ويو. وڏي ڊاڪٽر جي رائونڊ ڪانپوءِ مون پاٽيٽ هرياڻا جي ان ٻار جي پيءُ کان پڇيو تہ اهو مولوي صاحب ڪير هو؟ هن ٻڌايو تہ هي اسان جو حضرت جي آهي. ڏاڍو ڀلو ماڻهو آهي. هن جي هٿ تي هزارين هندو مسلمان ٿيا آهن.

ڪافي ڏينهن تائين منهنجي دل تي مولوي صاحب جي ڳالهين جو اثر رهيو. خاص طور تي اها ڳالهہ تہ سڀئي مريض منهنجا آهن. جنهن مالڪ اسان کي پيدا ڪيو آهي، تنهن کي ”تنهنجو منهنجو“ چوڻ پسند ڪونهي، مون اهو بہ محسوس ڪيو تہ مولوي صاحب جي شوڪارڻ سان مريضن جي حالت ۾ عجيب قسم جو فرق اچي ويو آهي ۽ سڀئي مريض چاق ٿي وارڊ مان ويا. ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ ذهن تان اهي ڳالهيون لهي ويون. مولانا آزاد ميڊيڪل ڪاليج دهلي ۾ منهنجي هڪڙي روم پارٽنر ڊاڪٽر رينا سهگل هئي. هوءَ اتي گائني ۾ ايم ايس ڪري رهي هئي ڪورس پوري ڪرڻ ڪانپوءِ صفدر جنگ اسپتال ۾ گائني ڊپارٽمينٽ ۾ سروس ۾ لڳي. اسان ۾ ڪافي گهاٽي دوستي آهي. هڪڙي ڏينهن هن منهنجي ماني جي دعوت ڪئي. مانيءَ کان اڳ ڳالهيون پئي ڪيو سين، هن وٽ هڪڙي مسلمان نوڪرياڻي ايندي هئي. اها ئي هن جي گهر ۾ رڌ پچاءُ جو ڪم بہ ڪندي هئي. مون هن کي چيو تہ، توهان مسلمان ڪاڏي ناهڻ واري چو رکي آهي؟ توهان کي ڪا هندواڻي مائي ڪانہ هٿ آئي! هوءَ چوڻ لڳي تہ هي ڏاڍي سٺي چوڪري آهي. تمام ايماندار آهي. ڪيترا ڀيرا منهنجو پرس ڪري پيو، تہ هن جيئن هو، تيئن آڻي مون کي ڏنو. ڳالهين ۾ مسلمانن جي باري ۾

۽ ڳالهيون ٿيڻ لڳيون. ڊاڪٽر رينا چوڻ لڳي، ”جيئن جيئن اسان جي ديش (ملڪ)، توڙي ساري سنسار (دنيا) ۾ مسلمانن جي برخلاف ميڊيا ۾ ڳالهيون اچن پيون. تيئن تيئن ماڻهو ۽ مسلمان ٿيندا پيا وڃن. مائيڪل جيڪسن جي باري ۾ توهان کي خبر هوندي ته هو ۽ مسلمان ٿي ويو آهي. اسان جي اسپتال ۾ ڪارڊيالاجي ۾ هڪڙو نوجوان ڊاڪٽر بلبير آهي، هو ۽ هڪ ۽ سال اڳ مسلمان ٿيو آهي، هاڻي ته هو چاهي ٿو ته اسپتال جا سڀ ماڻهو مسلمان ٿي وڃن. هڪڙي مريض جي سلسلي ۾ مون هن کي چيڪ اپ لاءِ سڏيو . اسپتال ۾ ڪارڊيالاجي ۾ هڪڙو نوجوان ڊاڪٽر بلبير آهي، هو ۽ هڪ ۽ سال اڳ مسلمان ٿيو آهي، هاڻي ته هو چاهي ٿو ته اسپتال جا سڀ ماڻهو مسلمان ٿي وڃن. هڪڙي مريض جي سلسلي ۾ مون هن کي چيڪ اپ لاءِ سڏيو . اتي هن مون کي ۽ چئي ڏنو ته جيڪڏهن مرڻ کانپوءِ نرڳ (دوزخ) کان بچڻ چاهيو ٿا ته مسلمان ٿي وڃو. مون کي ڊاڪٽر رينا جون ڳالهيون ٻڌي، پنهنجي وارڊ ۾ آيل مولوي صاحب ياد اچي ويو ۽ هن جون سڀئي ڳالهيون وري دل تي تري آيون.مون ڊاڪٽر رينا کي چيو :توهين مون کي ڊاڪٽر بلبير سان ضرور ملايو . هن ٻئي ڏينهن فون ڪري، مون کي ٻڌايو ته آچر تي مون ڊاڪٽر بلبير کي پنهنجي ڪمري ۾ سڏايو آهي، توهين ڏهين بجي منهنجي ڪمري ۾ اچجو .

آچر جو ڏينهن ڊاڪٽر سهگل جي ڪمري ۾ ويس. ڊاڪٽر بلبير ۽ اتي اچي ويو . سانوري رنگ جو تمام سجن (شريف) نوجوان، ائين ٿي لڳو جڻ ڪنهن تمام گهري سوچ ۾ گم آهي. مون هن کان پڇيو ته توهان ڪيترا ڏينهن اڳي اسلام قبول ڪيو ؟ هن ٻڌايو ته: اٺ نو سال اڳ. مون سبب پڇيو، ته هن چيو ته صرف ۽ صرف اسلام ئي سچو ۽ سڀ کان پهريون ۽ سڀني کان انتم ڌرم (آخري دين) آهي. ۽ اسلام کان بنا مرڻ کانپوءِ جي زندگيءَ ۾ نہ ته موڪش (معافي) آهي ۽ نڪي مڪتي (نجات) ۽ هميشه هميشه لاءِ نرڳ (دوزخ) آهي.



اسلام قبول ڪرڻ توهان لاءِ ۽ اوترو ئي ضروري آهي، جيترو مون لاءِ مون پڇيو: توهان پنهنجو نالو ۽ بدلايو آهي يا نہ؟ هن ٻڌايو ته هائو منهنجو اسلامي نالو ولي الله آهي، جنهن جو ارٿ (معنيٰ) آهي الله جو يعني ايشور جو دوست. مون هن کي چيو ته سال ڏيڍ کن اڳي منهنجي وارڊ ۾ هڪڙو مولوي صاحب آيو هو . هن مون کي ڪي ڳالهيون ٻڌايون هيونم، سي اڄ تائين منهنجي دل ۾ تازيون آهن. هو وارڊ جي هر مريض تي دم ڪري رهيو هو ، منهنجي پڇڻ تي ته توهان جو ڪهڙو مريض آهي؟ هن چيو ته سڀئي مريض منهنجا آهن، اسين سڀ هڪڙي ماءُ پيءُ جو اولاد ۽ سڳا ڀائر آهيون، هي ”تنهنجو تنهنجو“ چوڻ خلقيندڙ مالڪ کي پسند نہ آهي. ڊاڪٽر بلبير چوڻ لڳو ته مولوي صاحب اهي سڀ ڳالهيون بلڪل سچ چيون هيون: اهي ڳالهيون اسلام جي ۽ اسان سڀني جي رسول محمد صلي الله عليه وسلم پنهنجي آخري حج جي ڀاشڻ (خطبي) ۾ چيون هيون. مون پڇيو ته اهو ڀاشڻ (خطبو) ڇپيل ملي ٿو . هن چيو ته هائو، اسان جي نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جي هر ڳالهہ پوري طرح سورڪشت (محفوظ) آهي ۽ ڇپيل ملن ٿيون. آئون ڪنهن کان وٺي ڊاڪٽر رينا هٿان توهان کي موڪليندس.

ٻن ٽن ڏينهن کانپوءِ ڊاڪٽر رينا سهگل مون کي اهو پمفليٽ آڻي ڏنو، جنهن ۾ اسان جي نبي صلي الله عليه وسلم جن جو آخري خطبو، انگلش ٽرانسليشن سان ڏنل هو، ان کي پڙهي آئون حيران ٿي ويس، خاص طور تي عورتن جي باري ۾ ورجائي ورجائي (سندن پرچار (ذڪر) ۽ تاڪيد هئي مون کي مولوي صاحب وري ياد آيو ۽ خيال ٿيو ته ڪهڙو نہ چڱو ٿئي ها جو آئون مولوي صاحب جو پتو وٺي ڇڏيان ها. مون اسپتال ۾ پراڻن مريضن جا فائل ڳولهيا ته جيئن ڀاڻيپٽ واري مريض جو پتو ملي وڃي ته آئون ڀاڻ مريض جي گهر وڃي مولوي صاحب جو پتو وٺي ايندس، پر مون کي پتو ملي ڪونہ سگهيو . مون کي اسلام جو مطالعو ڪرڻ ۽ اسلام بابت وڌ ۾ وڌ ڄاڻ حاصل ڪرڻ جو شوق ٿي پيو . مون ڊاڪٽر بلبير کي فون ڪيو ۽ ساڻس

ملڻ جو وقت طئي ڪيم. صفدر جنگ اسپتال وڃي، سندس وارڊ ۾ ساڻس ملاقات ڪيم ۽ اسلام بابت معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ لٽريچر طلب ڪيم. ٻئي ڏينهن هو منهنجي اسپتال ۾ آيو ۽ مون کي هڪڙو ڪتابڙو "توهان جي امانت توهان جي حوالي" هندي ۾ ڏنائين ۽ چيائين ته اسلام جي ضرورت ۽ ڄاڻ لاءِ هي ننڍڙو پمفليٽ سون ڪتابن جو مٽ آهي. رڳو توهين پڙهڻ وقت اهو سوچجو ته هي هڪڙو سچو همدرد آهي، جيڪو مون سان ڳالهائي پيو . توهين ڪتاب پڙهندا ته توهان کي اها ئي ڳالهه محسوس ٿيندي. مون هن ڪتاب جي ليکڪ (مصنف) جي هٿ تي ئي اسلام قبول ڪيو هو . ڪتاب جا ٻه شبد (لفظ) ڪتاب جي جان آهن. انهن کي پڙهي توهان کي ڪتاب ۽ ڪتاب جي لکندڙ بابت ڪافي معلومات ملي ويندي، ڊاڪٽر بلبير مون کي ٻڌايو ته هو دهلي جي پرسان يوپي جي هڪڙي شهر ۾ رهندڙ راجپوت گهراڻي سان تعلق رکي ٿو . بهرحال ڊاڪٽر صاحب ٿوري دير ترسي چانهن پي هليو ويو . مون اهو ڪتابڙو وارڊ ۾ ويهي هڪڙي ئي وقت ۾ پڙهي پورو ڪيو . ڪتاب پڙهي مون کي اهو مولوي صاحب ڏاڍو ياد آيو . ڪتاب منهنجي دل ۾ ويهي ويو . ڪتاب پڙهي ڊاڪٽر بلبير کي فون ڪيم ۽ چيومانس ته ساڳئي ليکڪ جو ڪو ٻيو ڪتاب ٻه هٿ ڪري ڏيو ۽ جيڪڏهن هن سان مون کي ملائي سگهو ته پوءِ ته اهو توهان جو مون تي وڏو آپار (احسان) ٿيندو .

چئن ڏينهن کانپوءِ مئي جي 18 تاريخ هئي ڊاڪٽر بلبير جو فون آيو . چيائين ته توهين جيڪڏهن موڪل وٺي سگهو ته ، "توهان جي امانت توهان جي حوالي" جي ليکڪ مولوي ڪليم صديقي صاحب سان توهان جي ملاقات گرين پارڪ جي مسجد ۾ ٿي سگهي ٿي. آئون جلدي تيار ٿي ويس، اسين آٽو رڪشا ڪري گرين پارڪ جي مسجد پهتا سين. مولوي صاحب يارنهين بجي جي بدران ساڍي ڏهين بجي ئي پهچي ويو هو . ڪيس اڳتي ڪيڏانهن وڃڻو هو . مولوي صاحب کي ڏسي مون کي ايڏي خوشي ٿي



جو آئون وساري نٿي سگهان. جڏهن مون ڏنو ته "توهان جي امانت توهان جي حوالي" جو ليکڪ مولوي صاحب محمد ڪليم اهو ساڳيو مولوي صاحب آهي، جيڪو ڏيڍ سال اڳ منهنجي وارڊ ۾ هرياڻا جي ٻار کي ڏسڻ آيو هو ۽ جنهن جي ڳولها ۾ آئون ايتريقدر پريشان هيس. آئون محبت ۽ عقيدت وچان مولوي صاحب جي پيرن تي ڪري پيس. مولوي صاحب وڏي سختيءَ سان مون کي ائين ڪرڻ کان منع ڪئي، ۽ مون کي چيائين ته "هاڻي دير ڇا جي آهي"؟ "توهان جي امانت" پڙهڻ کانپوءِ هاڻي ڪهڙو شڪ شبهو آهي؟ جيتوڻيڪ آئون مولوي صاحب سان ملڻ لاءِ آئي هيس، پر پنهنجو پاڻ کي روڪي نه سگهيس ۽ مولوي صاحب کي چيم ته آئون مسلمان ٿيڻ آئي آهيان. مولوي صاحب ڏاڍو خوش ٿيو ۽ مون کي ڪلمو پڙهايائين ۽ منهنجو اسلامي نالو سروج شالني جي بدران صفيه شالني (ايس شالني) رکيائين. وڌيڪ معلوم لاءِ مولوي صاحب مون کي، ڪن ڪتابن جا نالا لکي ڏنا ۽ نماز ياد ڪرڻ ۽ پڙهڻ لاءِ تاڪيد به ڪيائين.

مولوي صاحب مون کي اسلام جي اعلان ڪرڻ کان سختي سان منع ڪئي. پر مون ڪن خاص خاص ماڻهن کي ٻڌائي ڇڏيو . ڪڏهن ڪڏهن مون کي ڏاڍو جوش به ايندو آهي ته اسلام جڏهن حق آهي ته پوءِ ان کي لڪائڻ ۽ گهٽجي زندگي گذارڻ نيڪ نه آهي. پر وري خيال ايندو آهي ته جنهن ماڻهوءَ جي هٿان، تصور جي برخلاف هڪ گنديءَ بنديءَ کي اسلام جي روشني ملي آهي، تنهن کي رهبر مڃڻ کانپوءِ ته ان جو چيو مڃڻ ئي صحيح آهي.

اسلام قبول ڪرڻ بابت مون پنهنجي دوست ڊاڪٽر رينا سهگل کي ٻڌائي ڇڏيو . نه رڳو ايترو پر آئون ۽ ڊاڪٽر ولي الله هن تي ڪم ڪرڻ لڳا سين، تانجو الحمدالله ، هوءَ به ڪلمو پڙهي مسلمان ٿي آهي پر هوءَ شادي شده آهي. سندس گهر وارو ڊاڪٽر بي ڪي سهگل پنهنجي خانگي اسپتال هلائي ٿو ، تمام سخت مذهبي گهراڻو اٿن، ڪن ٿورن سالن کان هو راڌا

سوامي ست سنگ سان لاڳاپيل آهي. تنهنڪري ڊاڪٽر رينا ڪجهه دٻاءَ هيٺ آهي.

اصل ۾ ڊاڪٽر ولي الله پاڻ به دل جو مريض ٿي پيو آهي. ڪيس دل جي اهڙي بيماري ٿي پئي آهي، جنهن ۾ دل آهسته آهسته ڪمزور ٿيندي ويندي آهي ۽ جنهن لاءِ اڳتي هلي پيس ميڪر لڳارائڻو پوندو آهي. هو علاج جي سلسلي ۾ مون سان وڌيڪ رابطي ۾ آهي. مون هن جو علاج ۾ تمام گهڻي دلچسپي ورتي آهي. اصل ۾ سندس شادي هڪڙي گورنمينٽ سروس ۾ لڳل ڇوڪريءَ سان ٿي. ڇوڪريءَ کي اڳ ۾ ٻڌائي ڇڏيو ويو هو ۽ شرط به طئي ڪيو ويو هو ته پهرئين مسلمان ٿي نڪاح ٿيندو، پوءِ خانداني رواج مطابق شادي ٿيندي، هن ڪيس ڪلمو پڙهائي مسلمان ڪري نڪاح ڪيو، پر پوءِ ڇوڪريءَ اسلام سان دلچسپي ڪانه ڏيکاري ۽ گورنمينٽ سرور به ڪيس آڏو آئي. اسلام سان سندس زال جي دلچسپي نه هئڻ جي ڪري ڊاڪٽر ولي الله کي ڏاڍو صدمو رسيو آهي ۽ هو دل جو مريض ٿي پيو آهي، ايلوپيٿڪ علاج مان فائدو نه ٿيو ته مولوي صاحب ڪيس يوناني دوائون ۽ خميرا استعمال ڪرڻ جي صلاح ڏني، الله سائين جو ڪرم ٿيو آهي، جو هو ٻه مهينا دوائون کائڻ کانپوءِ بلڪل ٺيڪ ٿي ويو آهي، مولوي صاحب ڪيس مشورو ڏنو ته هو ڪنهن عرب ملڪ هليو وڃي ۽ گهر واري کي به اوڏانهن سڏائي وٺي، ڪيس اسلامي ماحول ملندو، الله سائين جا سوين شڪرانا جو ڪيس سعودي عرب ۾ نوڪري ملي وئي آهي ۽ گذريل مهيني هن پنهنجي زال کي به اوڏانهن سڏائي ورتو آهي.

ڊاڪٽر ولي الله جي وڃڻ جي ڪري سندس مسئلو ته حل ٿي ويو، پر آئون هيڪلي ٿي وئي آهيان. ڊاڪٽر رينا جنهن جو اسلامي نالو فاطمه رکيو ويو هو، سندس مڙس تي ڊاڪٽر ولي الله ڪم پئي ڪيو، تنهن ۾ گهٽتائي ٿي ويئي، ڇو ته آئون ساڻس کلي طرح ڳالهائي نٿي سگهان.



مون پنهنجي والد صاحب کي پنهنجي اسلام قبول ڪرڻ بابت صاف صاف ٻڌائي ڇڏيو، هو خوش ته ڪونه ٿيو، پر هاڻي آئون سمجهان ٿي ته هوريان هوريان سندس ناگواري گهٽ ٿي رهي آهي. والد صاحب منهنجي شادي جي باري ۾ ڇهن ستن سالن کان وٺي ڳڻتي ۾ رهيو آهي. ڏاڍيون سٺيون سٺيون مائٽيون، سندس شاگردن جي طرفان به آيون هيون، پر شايد الله سائين کي ڪا ٻي ڳالهه منظور هئي، تنهنڪري آئون پنهنجو پاڻ کي آماده ڪري ڪونه سگهيس ۽ DM جو بهانو ڪري منع ڪندي رهيس. مون مولوي صاحب کان پنهنجي اسلام جو اعلان ڪرڻ جي اجازت گهري، پر هن چيو ته هينئر نه، هينئر خاموشيءَ سان گهر وارن تي ڪم ڪر. جڏهن مون نماز روزي جي تڪليف جو ذڪر ڪيو ته مولوي صاحب، ڊاڪٽر ولي الله جي وڃڻ کانپوءِ مون کي به ڪنهن عرب ملڪ ۾ نوڪري جو بهانو ڪري وڃڻ لاءِ چيو ۽ ڊاڪٽر ولي الله سان هن فون تي ڪنهن جاءِ لاءِ ذڪر به ڪيو، الحمدالله، جده ۾ ڪنگ عبدالعزيز اسپتال ۾ مون کي نوڪري ملي وئي آهي ۽ هن اسپتال مان مون کي ٻن سالن جي موڪل به ملي وئي آهي. ٽن مهينن کان ان سلسلي ۾ تياري ڪري رهي آهيان.

بي جي آءِ چنڊي گڙهه جي هڪڙي سرجن ڊاڪٽر اسعد فريدي، جيڪو پنهنجي اسپتال جي تاريخ ۾ شيرواني ۽ ڏاڙهي وارو هڪڙو ئي ڊاڪٽر هو، تنهن سان رشتي جي سلسلي ۾ مولوي صاحب مون کان هڪڙي ڀيري پڇيو ته ”جيڪڏهن توهين راضي هجو ته آئون ڪوشش ڪريان.“ مون مولوي صاحب کي چيو ته ”منهنجي لاءِ ان کان وڌي خوشيءَ جي ڪا ڳالهه ٿي نٿي سگهي، پر هڪڙي پاسي توهين مون کي اسلام جي اعلان کان جهليو ٿا ۽ ٻئي پاسي نڪاح لاءِ مون کان پڇو ٿا! اهو فيصلو ڪيئن ٿي سگهي ٿو! هن مون کي چيو ته توهين راضي ٿيو ته آئون مسئلو حل ڪري ڏيندس، مون منظوري ڏني. هن ڊاڪٽر اسعد ۽ سندس ماءُ پيءُ سان مون کي ملايو، سيئي راضي ۽ خوش ٿيا. ڪي ٿورا ماڻهو سڏي انهن

منهنجو نڪاح ڪرائي ڇڏيو . الله سائين جي مهربانيءَ سان ٿورن ڏينهن ڪانپوءِ ڊاڪٽر اسعد جي پوسٽنگ به جده جي ڪنگ عبدالعزيز اسپتال ۾ ٿي وئي آهي. هن اڳئي اپلاءِ ڪيو هو. ڊاڪٽر صاحب 6 سيپٽمبر تي جدي هليو ويو آهي. منهنجو ويزا به اچڻ وارو آهي. الله ڪري جلدي اچي وڃي. ڏاڍي تمنا اٿم ته رب سائين هن سال ئي مون کي حج نصيب فرمائي. آمين.

پروردگار جا لکي شڪر آهن, جو اسلام جي هر ڳالهه مون کي دل سان وڻي ٿي. سچ پڇو ته اسلام منهنجي اندر جو فطري مذهب آهي, جڏهن مون ٻڌو ته منهنجو گهر وارو اسعد پي جي آءِ جي تاريخ ۾ شيرواني ۽ سونهاري وارو اڪيلو ڊاڪٽر آهي, ته دل چوڻ لڳي ته آئون به اسلام جو اعلان ڪري برقعو پائڻ شروع ڪريان ۽ آل انڊيا انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز ۾ اڪيلي برقعي واري ٿيان, پر مولوي صاحب, منهنجي جذبي جي واکاڻ ۽ حوصله افزائي ڪني, ۽ چئن سالن لاءِ سعودي عرب وڃڻ جي صلاح ڏني, منهنجو خيال آهي ۽ مون کي ان خيال ۾ مزو به اچي ٿو ته سڄي اسپتال ۾ اڪيلي برقعي واري نومسلم ڊاڪٽرياڻي جي موجودگي, پڪ سان سڄي اسپتال جي ماڻهن کي اسلام ڏانهن ضرور مائل ڪندي.

منهنجو نڪاح ته اوچتو ٿيو هو , پر مولوي صاحب منهنجي ماءُ پيءُ کي جڏهن چوڪرو ڏيکاريو ۽ هڪڙي پائي نه خرچ ڪرڻ بنا يا منڊي ڏيج ۾ ڏيڻ ڪانسواءِ شادي ٿي وئي ته اهي به سرها ٿيا. مولوي صاحب پوءِ سندن آڏو صلاح پيش ڪئي ته سماج جي جهيڳڙن جهڙن کان بچڻ لاءِ ائين ڪنداسين جو پهرين ڊاڪٽر اسعد سعودي عرب ويندو, ان کان پوءِ ڊاڪٽر شالني اوڏانهن ويندي, ڪنهن کي خبر به ڪانه پوندي, ماڻهو سمجهندا ته سعودي عرب ۾ وڃي انهن جي شادي ٿي آهي, اهڙي طرح برادري ۽ عزيزن کي به برو ڪونه لڳندو . اها صلاح ٻڌي امان ابو راضي ٿي ويا, خاص طور تي ڊاڪٽر اسعد کي ڏسي ڏاڍا خوش ٿيا. ان وقت بابا سائين مون کي به ٽي دفعا چيو ته ”شالني! تون ڀاڳن واري آهين, چنڊ جهڙو گهوٽ آهي“ حقيقت



به اها ئي آهي ته ڊاڪٽر اسعد مون کان وڌيڪ ملوڪ آهي. بابا جن ڊاڪٽر اسعد کي دهلي ايئرپورٽ تائين ڇڏڻ آيا ۽ ساڻس ڪافي محبت سان پيش آيا.

بيشڪ منهنجي الله جا مون تي وڏا ڪرم آهن. آئون جڏهن به اهي ڳالهيون سوچيان ٿي ته سجدي ۾ ڪريو پوان, ۽ ڪافي دير تائين ائين سجدي ۾ هوندي آهيان. آئون ان لائق ڪٿي هيس؟ ڪفر ۽ شرڪ جي اونداهه ۾ هيس, الله مون کي اسلام جي روشني سان نوازيو . مون گندي بندي تي مالڪ سائين جا وڏا ڪرم آهن.

سوچيان ٿي اڄ هن سائنس ۽ ٽيڪنالاجي جي دور اسان جي ترقي يافته دنيا کي فقط ۽ فقط اسلام جي ضرورت آهي ۽ اسلام ڪانسواءِ هي دنيا بلڪل ڪنگال آهي. اها ڪا منهنجي شاعري ڪانهي, پر آئون هن ترقي يافته دنيا کي تمام ويجهڙائي کان ڏسي چوان ٿي, ته هن ڪنگال دنيا کي فقط اسلام ئي بچائي سگهي ٿو . غور سان ڏسبو ته خبر پوندي ته دنيا جو ڏيوالو نڪري ويو آهي. ان ڏيوالپڻي ۽ اونداهه جو علاج فقط اسلام وٽ ئي آهي اها دولت فقط اسلام وٽ آهي, تنهنڪري اسين مسلمان هن ڪنگال دنيا جي رعب ۾ ڇو آيل آهيون؟ مون کي افسوس ۽ حيرت ٿيندي آهي, جڏهن آئون محسوس ڪندي آهيان ته هن ڏيوالي ۽ اونداهه دنيا ۾ پنهنجي ڏوالپڻي جو علاج ۽ سڀ کان وڏي دولت هئڻ جي باوجود, اسين مسلمان احساس ڪمتري ۾ مبتلا ڇو آهيون؟ اسان کي ان ڳالهه تي شڪر گذار هئڻ گهرجي, ۽ ماڳهين فخر ڪرڻ گهرجي ۽ هن ڏيوالي دنيا تي قياس ڪرڻ گهرجي. اسان کي ان سلسلي ۾ پاڻ کي سخي ۽ دنيا کي ضرورتمند ۽ محتاج سمجهڻ گهرجي.

# محمد محب الله
# (سوامي آنند)
## ٻُڌ ڌرم جو ليڊر

ٻُڌ خدا، جو اوتار بنجي مون 45 سال وڏي مزي سان زندگي گذاري، ماڻهو منهنجي آڏو سجدا ڪندا رهيا، تانجو انهن کي هر طرح ان جي پڪ ٿي ويئي ۽ مون کي بہ ان جو پوري طرح يقين ٿي ويو. مون پنهنجي حياتيءَ جا سڄا سارا 45 سال، حياتيءَ جو اهو ڊگهو عرصو مون پاڻ مٿان خدائيت جو لبادو پائي گذاريو، تہ برابر آئون ٻڌ ڀڳوان جو اوتار آهيان. ٻڌ دنيا ۾ ست ڀيرا ڄائو آهي، تن مان هڪڙو آئون بہ آهيان. منهنجي دعوي هئي تہ جيڪو بہ آئون ڳالهايان ٿو سو خدا جو ڪلام آهي، ان تي مون کي پورو پورو يقين بہ هو. نہ رڳو مون کي يقين هو پر سيئي زعفراني ڪپڙا پاتل ٻڌ ڀڪشو اهو ئي يقين رکندا هئا.

”دنيا جو سڀ کان عظيم مذهب ٻڌمت آهي.“ اهو عقيدو آئون دنيا جي مختلف ملڪن ۾ دورا ڪري پکيڙيندو رهيس. جنهن جي نتيجي ۾ گهڻن ملڪن ۾ منهنجا ڪافي شاگرد ۽ مددگار پيدا ٿي پيا.

منهنجو سڳو ڀاءُ اڄ بہ دنيا جو هڪڙو مشهور ٻڌ سنياسي آهي، هو هن وقت آمريڪا جي لاس اينجلس شهر ۾ رهي ٿو.

آئون جنهن دور ۾ خدائيت جو جبو پائي زندگي گذاري رهيو هوس. ان زماني ۾ هڪڙو مسلمان ڀاءُ ۽ ٻيو ٻڌ مت ۾ منهنجو شاگرد ڊاڪٽر چيپن مدراس وارو ، مون سان ملڻ لاءِ آيا، انهن ٻنهي جي ذريعي مون کي اسلام بابت تعارف حاصل ٿيو هو ۽ مون کي اسلام بابت ڪي ڪتاب بہ ڏئي ويا هئا. پر مون ان وقت ڪو خاص ڌيان ڪونہ ڏنو. ڪتابن جو مٿاڇرو مطالعو ڪري رکي ڇڏيم، پر پوءِ اڳتي هلي جڏهن مون قرآن شريف ۽ محمد ﷺ



جي تاريخ ۽ سيرت جو لڳاتار مطالعو ڪيو تہ مون کي پنهنجي دل جي گهرائين ۾ پنهنجن گناهن جو احساس ٿيو. نتيجي ۾ خدائيت جو لبادو اوڍي زندگي گذارڻ وارو ماڻهو آهستي آهستي انسان جي روپ ۾ اچڻ شروع ٿيو ۽ اچي ويو. برهم چاري زندگي گذارڻ وارو ماڻهو گهر وارو خاوند بنجي ويو. هيڪلو جسم رکڻ وارو ماڻهو پيءُ بنجي ويو. ٻين کي سلامتيءَ جو رستو ڏيکارڻ وارو، پاڻ سلامتيءَ جي رستي جو طلبگار ٿي پيو. ٻڌ سنياسين ۽ اڪيچار چوپاين کي خدا مڃڻ وارو، اڪيلي واحد الله کي سچو معبود مڃڻ وارو ٿي پيس.

مطلب تہ آئون جيڪو اڳي پاڻ خدا هوس، سو نيٺ انسان بنجي ويس. آئون پنهنجي حياتيءَ جو سمورو احوال الف کان ي تائين، پر مختصر طور توهان جي آڏو بيان ڪريان ٿو.

### منهنجي حالت

ٻڌ شرڻم گڇامي، ڌرمم، شرڻم، گڇامي، سنگم شرڻم گڇامي، انهن اصولن تي زندگي گذاريندي، منهنجي زبان تي اهي لفظ ۽ نعرا هردم جاري رهندا هئا. مون ٻوڏي وڻ هيٺان ويهي علم حاصل ڪيو هو. پوءِ ٻڌ سنياسي بنجي ساري دنيا ۾ ٻڌمت جي تبليغ ڪندو هوس.

### گوتم ٻڌ

انسان کي انسان جي غلاميءَ مان ٻاهر ڪڍڻ وارو، جاهليت کي ختم ڪرڻ وارو، آريا قوم جي ظلمن کي نابود ڪرڻ وارو، انسان کي امن ۽ سلاميءَ جو رستو ڏيکارڻ وارو، گوتم ٻڌ.

### برهما چاري

ٻڌمت عقيدن جا پرچار ڪرڻ وارا ماڻهو دنيا جون خواهشون تياڳڻ وارا ماڻهو درٻاري انداز ۾ ٻڌ ويهارن (مندرن) ۾ خوشيءَ ۽ سک سانت سان زندگي گذارڻ وارا ماڻهو آريا ورڻ آشرم ڌرم (ذات پات جي سسٽم) جي برخلاف ڪات ڪهاڙا کڻي نڪرندڙ ماڻهو.

## انسان ڪير آهي؟

انسان ڇا پاڻ پيدا ٿيو آهي؟ يا ڪنهن خدا هن کي پيدا ڪيو آهي؟ موت ڇو ايندو آهي؟ موت کانپوءِ انسان جو ڇا ٿيندو آهي؟ منهنجو ضمير مون کان اهڙا سوال پڇندو رهيو. منهنجي ذهن ۾ اهي سوال ڦرندا رهيا، جواب به ڳوليندو رهيس. وڃايل شين جي ڳولها وانگر. تنهن ڪري منهنجي اندر ۾ آهستي آهستي خواهش کان نفرت پيدا ٿيڻ لڳي. آئون حق جي تلاش ۾ هوس. نيٺ منهنجي اندر ۾ روشنيءَ جو هڪڙو ڪرڻو پيدا ٿيو. پئيسا خرچ ڪرڻ سان به حاصل نه ٿيندڙ رحم ۽ محبت ۽ عاجزي دل ۾ پيدا ٿيڻ لڳي. آئون جنهن واٽ تي هلي رهيو آهيان، سا غلط آهي يا صحيح، اها ڳالهه سمجهڻ لاءِ اندر ۾ وڏي تڙپ پيدا ٿي. اهڙي طرح مون کي پنهنجي گذريل حياتيءَ تي سوچڻ ۽ غور فڪر ڪرڻ جو موقعو مليو. آئون ذات جو يادوَ آهيان، پر سوامي آنند جي نالي سان مشهور ٿي ويس. ريشم جي تخت تي ويٺل هوندو هوس ۽ دربار جا خادم مون کي هڪڙي هنڌان کڻي ٻئي هنڌ ويندا هئا. اهي هيون ماضيءَ ۾ منهنجون حالتون!

منهنجو خاندان تامل ناڊو ۾ رامناٿ پورم ضلعي ۾ پرم ڪدي جي ويجهو آلاڪن ڪلم ۾ رهندو هو. پوءِ اتان مون سدارڪوتائي جي بندرگاهه مان باداباني ٻيڙي ذريعي برما جو رخ ڪيو، جتي منهنجو ڏاڏاو پنهنجي فيمليءَ سان وڏي عيش آرام ۾ زندگي گذاري رهيو هو. اسين ذات جا يادوَ آهيون. اسان جو خانداني پيشو چوپايو مال ڌارڻ ۽ چارڻ آهي، پر آئون اڄ ٻڌ گُرو سوامي آنند جِي سڏايان ٿو. روزگار لاءِ برما آيو هوس، پر هتي اچڻ کانپوءِ مون پنهنجي مادري ٻولي تمل کي ڪونه ڇڏيو.

منهنجي پيءُ مون کي ننڍپڻ کان ئي ڪٽر ٻڌ مت جو پوئلڳ ڏنو تنهنڪري منهنجي پرورش به ٻڌمت طريقن مطابق ڪئي ويئي. مختلف ٻڌ مندرن ۾ مون کي تعليم ڏياري وئي. مون کي ٻڌڀڪشو بنائڻ منهنجي والد جي وڏي تمنا هئي. ان سلسلي ۾ هو سمورا ضروري طريقا مون کي



سيڪاريندو هو. هو ديوتائن کي چاندي جي 101 ٿانون ۾ بند ڪري رکندو هو. وقت گذارڻ لاءِ آئون انهن ٿانون کي کولي ديوتائن کي ٻاهر ڪڍي اونداهه ۾ انهن سان ڳالهيون ڪندو هوس.

پوءِ اهو وقت به آيو جڏهن، مون سان ملڻ لاءِ ايندڙ ماڻهن توڙي ساري دنيا ۾ ٻڌمت کي مڃيندڙن ۾، ديوتائن جي زبان کي سمجهڻ وارو ۽ انهن جي پيشين گوئين جي ڄاڻڻ وارو ۽ انهن سان ڳالهائڻ وارو آئون مهاگرو آنند جي نالي سان مشهور ٿي ويس.

## آشرواد

مختلف اڳواڻ ۽ حڪومتن جا اعليٰ عهديدار سندن مٿي تي منهنجو پير رکائي آشيرواد وٺڻ کي پنهنجي لاءِ خوشبختي سمجهندا هئا. سينگارپور جي اڳوڻي راجا جي مٿي تي مون پنهنجو پير رکي کيس آشيرواد ڏنو هو. اهڙي طرح ٿائيلينڊ جي راجا برماپوجو چنيوبن کي به سندس مٿي تي پير رکي مون آشرواد ڏنو هو. ساڳئي طرح هندوستان جي اڳوڻي وزيراعظم راجيو گانڌي ۽ جاپان جي نائب سلطنت، انهن ٻنهي جي مٿن تي مون پنهنجو پير رکي کين آشرواد ڏنو هو. شڪر وار (جمعي) ۽ منگل وار (اڱاري) تي سون جو تخت اڀو ڪري پاڻيءَ جو مٽ کڻي جيڪو ماڻهو منهنجا پير ڌئارڻ چاهيندو آهي ته ان جي قيمت هڪ لک روپيا آهي ۽ ان پاڻيءَ کي پنج ماڻهو پيئندا آهن، ڇو ته آئون خدا جو اوتار آهيان.

## ٻڌ جو پيو جنم

ديوتائن جو صدر، خدائن سان ڳالهائڻ جي طاقت رکڻ وارو، پنهنجي ملڪ توڙي ساري دنيا ۾ گهمڻ وارو آئون هوس. لاعلاج مرضن ۾ وڪوڙيل ماڻهو منهنجو پيشاب پيئندا آهن. ان سان انهن کي شفا ملندي آهي. منهنجي پيشاب پيئڻ ۾ آخر ڪهڙي ڳالهه غلط آهي، جڏهن ته آئون انهن جو خدا آهيان؟

## چا انسان خدا آهي؟

آئون ٻوڏي وڻ جي هيٺان چانديءَ جي تخت تي ويٺو آحيان. سون ۽ پئيسا منهنجي اڳيان رکي، پيرن تي ڪرنڊڙ پڳتن کي آئون آشرواد ڏيان ٿو. هي ماڻهو آشرواد وٺڻ لاءِ آيا آهن. مون رنگنون، تبت، چين، ڪمبوڊيا، جاپان وغيره ملڪن جي ٻڌ گروئن کان تعليم حاصل ڪئي آهي. 19 سالن جي عمر ۾ مون مڪمل تعليم حاصل ڪئي پوءِ هڪڙي ڏينهن برما جي ٿي گادي جي هنڌ منڊلا ۾ ٻڌ گرو چانيسرا مون کي ايشاء جي پنجن وڏن ٻڌ گروئن ۾ شامل ڪيو ويو. اها حيثيت قبول ڪرڻ ڪانپوءِ مون کي زعفراني رنگ جو لباس پهرايو ويو. اهڙي طرح ٻڌ ڀڪشوئن ۾ مون کي وڏو مرتبو ۽ اعليٰ مقام حاصل ٿي ويو. ٽوڪيو (جاپان) جي ٻڌ گرو ”ٻوڌي واسواسو“ مون کي ناگاساڪي ۾ مقرر ڪيو اهڙي طرح سڄي دنيا ۾ ٻڌ مذهب جي تبليغ ۽ اشاعت جي عظيم ذميواري مون کي سونپي وئي. ان ڪانپوءِ مون کي دنيا جي 101 گروئن جي صدارت ڏني وئي. پوءِ مون دنيا جي مختلف ملڪن جا دورا ڪيا ۽ ٻڌ مت جي تبليغ ۽ واڌاري لاءِ زبردست ڪوششون شروع ڪيم. ڏکڻ اولهہ ايشياء جي سترنهن ملڪن ۾، جتي ٻڌ مت جا مڃيندڙ موجود آهن، تنهن ڪانپوءِ يورپ ۾ بہ ٻڌ مذهب جي نشر اشاعت لاءِ ڪوششون ڪندو رهيس.

ٻڌمت جي دنيا ۾ مون کي ايڏو تہ وڏو مرتبو حاصل هو جو حد ڪانهي، دنيا جي سيني ملڪن ۾ وڃڻ يا دورا ڪرڻ لاءِ حڪومتن جي طرفان مون کي گرين ڪارڊ (Green Card) عطا ڪيا ويا، جنهن جي ڪري عرب ملڪن سوڌو ساري دنيا ۾ وڏي پيماني تي ٻڌ مذهب ڦهلائڻ جي جاکوڙ ڪندو رهيس. منهنجو سڄو ڀاءُ سوامي نند آچاريا، اڄ بہ آمريڪا جي لاس اينجلس شهر ۾ 67 منزلن واري بلڊنگ ۾ ٻڌ آشرم ۾ مٺ پتي جي عهدي تي آهي. آئون بہ اتي ساڍا ٽي سال مٺ پتي رهي چڪو آهيان.



## ٽوٽا ڦيٽا ۽ ڪرامتون

چين، تبت، جاپان وغيره ۾ جهاڙن ۽ ڦيٽڻ جي ڪري مون کي وڏيون ڪرامتون حاصل ٿيون ۽ وڏي مشهوري ملي. ان زماني ۾ جهاڙن رکڻ ۽ شوڪارن ذريعي روحن کي سڏائڻ ۽ انهن کان پيشين گوئيون ڪرائڻ، منهنجو خاص عمل هو. ڪالي ڪاڙي، ڪلڪتا ڪالي، ڪيرالا ديوي (ديوين جا نالا) جي پوڄا ڪري ٽامي جي پٽين ۽ ڌاڳن تي شوڪاريندو هوس. ماڻهو جهاڙون ۽ ڦيٽا رکائڻ لاءِ مون کي ڳوليندا وتندا هئا. هڪڙو ماڻهو مون وٽ اچي عرض ڪري ٿو. گرو جي آئون خدا کي ڏسي نٿو سگهان. توهين ئي زندهہ عظيم خدا آهيو. مون وٽ دنيا جون سڀ نعمتون آهن، پر شاديءَ کي پنج سال گذري چڪا آهن، پر اولاد کان محروم آهيان. گروجي توهين مون کي بهترين آشرواد ڏيو جو مون کي اولاد نصيب ٿئي. ائين اهو ماڻهو منهنجن پيرن تي هٿ رکي پنهنجن اکين تي گهمائي ٿو. اتان ئي مسئلو شروع ٿئي ٿو. منهنجي آشرم ۾ اچي مون کي ڳوليندڙ اهو ڀڳت ڪروڙ پتي آهي. ان کي پنهنجي ڄار ۾ ڦاسائڻ جو خيال منهنجي دل ۾ پيدا ٿئي ٿو. آئون هن کي چوان ٿو تہ ”شام جي پوڄا ڪانپوءِ آئون توکي تعويذ ڏيندس. ڏينهن جو ڪنڌ ۾ پائج ۽ رات جو وهاڻي هيٺ رکي سمهج. اڄ رات خدا توسان ڳالهائيندو. سڀاڻي اچي ٻڌائجان تہ خدا توسان ڳالهايو يا نہ. اتفاق سان ٻئي ڏينهن اهو ماڻهو اچي منهنجو در کڙڪائڻ لڳو. منهنجي شاگرد ڊوڙي اچي ٻڌايو تہ. گرو جي! اهو ڪروڙ پتي ماڻهو آيو آحي. مون پڇيو ڪهڙو ڪروڙ پتي؟ هن چيو تہ اهو ساڳيو جيڪو اولاد لاءِ تعويذ وٺي ويو هو. مون تڙ تڪڙ ۾ زعفراني ڪپڙا پاتا. ريشمي وڇڻو هٿ ۾ ڪري، ٻئي هٿ ۾ ڀڪشوئن وارو ٽانوَ جهلي تيار ٿي ويس، ڄڻ آئون ٻڌ ڀڳوان هيٺر ئي آسمان مان لٿو آهيان. ائين هن جي سامهون آيس. هو يڪدم منهنجي پيرن تي ڪري پيو ۽ تڪو تڪو ڳالهائيندي چوڻ لڳو تہ خدا مون سان ڳالهايو آهي ۽ پوءِ هو خوشيءَ مان روئڻ لڳو.

مون تہ خدا کي ڪڏهن بہ ڪونہ ڏٺو مون سان تہ خدا ڪڏهن بہ ڪونہ ڳالهايو. پر منهنجا ڪوڙا تعويذ پائي هي بيوقوف چوي ٿو تہ خدا مون سان ڪلام ڪيو آهي. هن جي ڳالهہ ٻڌي آئون پريشان ٿي ويس تہ اهو آئون ڇا ٻيو ٻڌان؟ 45 سال مٿو ڪوڙائي، زعفراني ڪپڙا پائي، برهما چاري زندگي گذاري، سڀني خواهشن کي ترڪ ڪري سنياسي بنجي، ٻوڏي وڻ هيٺان ويهي ٻُڌا جا وڏي سڏ پڪاريندڙ سدائين وظيفا پڙهڻ وارو آئون! ۽ هي ميان، منهنجا ئي تعويذ وٺڻ وارو، مون کي هڪڙي پاسي هٽائي، خدا سان ڳالهائڻ وارو ٿي پيو آهي. خدا هن سان ڳالهايو آهي. اهو ڪهڙو انصاف آهي؟

جيڪڏهن خدا کي ڳالهائڻو ئي هو تہ مون سان ڳالهائي ها. 45 سال گذري ويا، خدا مون سان ڪونہ ڳالهايو پر منهنجي هڪڙي شاگرد هڪڙو تعويذ توکي ڏنو تہ خدا تو سان ڳالهائڻ لڳو. ڦاسائڻ وارا جيستائين هوندا، ڦاسڻ وارا ڦاسندا ئي رهندا. مختلف سوامين جي حالت اها آهي، جو زعفراني لباس ۾، تقدس جو ظاهري روپ ڌاري، انهن مهان مقدس هستين کي جيڪڏهن پوليس پڪڙي وجي ۽ ڇنڊڇاڻ ڪري تہ هوند اهي مها پاپي نڪرن. انهن ۾ مشهور برهمانند سوامي، چندرا سوامي، مارتا انڊتم، جان جوزف وغيره آهن. منهنجن وڏن منهنجي ذهن ۾ اها ڳالهہ ويهاري ڇڏي هئي تہ مسلمان زوري ماڻهن جا مذهب بدلارائين ٿا. ٻيو تہ منهنجا وڏا يادوَ ذات جا آهن. جن جو پيشو مال مويشي ڌارڻ ۽ پالڻ آهي. ۽ اهو بہ تہ هو ڳانءِ (ڳئون، ڍڳي) کي خدا ڪري مڃين ٿا. جيتوڻيڪ آئون ننڍپڻ کان ئي ٻڌ مت جو چيلو ۽ پوءِ گرو ٿيس، پر منهنجو پيءُ ۽ ماءُ ڳانءِ کي خدا ڪري مڃيندا آهن. ۽ مون کي بہ اها شيءِ مڃڻ لاءِ چوندا آهن. ۽ ٻئي پاسي مسلمان اهڙا جو اسان جي هن خدا کي کهي (ذبح ڪري) برياني ٺاهي کائيندا آهن. اهڙن ماڻهن جي مذهب اسلام جو مطالعو ڪرڻ منهنجي وس جي ڳالهہ ڪانہ هئي. پر ان وچ ۾ ڪن مسلمانن سان منهنجا واسطا ٿي پيا.



## اسلام مون کي گهيرڻ لڳو

مسلمانن سان ٿورا گهڻا واسطا ٿيا ۽ پوءِ وڌڻ لڳا. ان سان گڏ ئي اسلام کي سمجهڻ جون سهولتون بہ پيدا ٿي پيون. ننڍين ننڍين رسالن جو مطالعو هلندو رهيو. پاڻ سڳورن صہ جي سيرت جو مطالعو ڪرڻ سان، قرآن شريف پڙهڻ جو شوق ٿيو. جڏهن قرآن شريف جو مطالعو شروع ڪيم تہ خبر پئي تہ هن ساري جهان ۽ سموري مخلوق جو خالق هڪڙو ئي آهي. اهو بہ معلوم ٿيو تہ سج جيڪو صبح جو اڀري ٿو ۽ شام جو لهي ٿو سو بہ الله جي حڪم سان ئي ائين ڪري پيو. اهي ڳالهيون ڄاڻڻ ڪانپوءِ الله جي عظيم ۽ اڪيچار مخلوقات تي غور ويچار ڪندي حيرت ۾ پئجي ويس. ائين اسلامي سوچ آهستي آهستي وڌندي وئي. دماغ ۾ سوچن هنگامو مچائي ڇڏيو. دماغ ۾ لوڏا اچي ويا تہ اسلام کي وڌيڪ سمجهڻ گهرجي ۽ قبول ڪرڻ گهرجي. خيال آيو تہ اجا ترس قرآن ڪريم جو هڪڙو دفعو وري مطالعو ڪري ڏسڻ گهرجي. اهو جذبو ايترو تہ وڌيو جو آئون نهايت سنجيدگيءَ سان قرآن جي مطالعي ۾ غرق ٿي ويس. آهستي آهستي آشرم ۾ روزمره سرگرمين ۾ بہ دلچسپي گهٽ ٿيندي وئي. اڳتي هلي صبح ۽ شام جو اگربتي ٻاري پاٺيءَ ۾ گل وجهي ”ٻڌم شرڻم گڇامي“ جو ذڪر بہ بند ٿي ويو.

### ابتدائي نقطو

قرآن ڪريم جو ٻہ دفعا مطالعو ڪرڻ ڪانپوءِ منهنجو ذهن ڪافي کلي ويو. احساس ٿيڻ لڳو تہ گذريل 45 سالن کان آئون گمراهي ۽ جهالت ۾ هوس. سڀئي شيون تہ الله جي هٿ وس آهن. ايترين ڳالهين دماغ ۾ اچڻ ڪانپوءِ اجا بہ عيش آرام جو عادي هي سوامي، عيش واري زندگي ڇڏڻ لاءِ تيار ڪونہ هو ۽ جسم بہ پابنديون قبول ڪرڻ لاءِ آماده ڪونہ هو.

انهن ڏينهن ۾ هڪڙو دلت اڳواڻ مون وٽ آيو. آشرواد جي خيال سان. مون هن جي مٿي تي پنهنجو پير رکي ڪيس آشرواد ڏنو تہ تون 120 سال

حيات هوندين پر هو ويچارو مون کان آشرواد وٺڻ کان 90 ڏينهن بعد گذاري ويو. اهو ٻڌي منهنجو اندر ڏکي ويو. منهنجي زندگيءَ ۾ انقلاب جو شروعاتي نقطو شايد اهو واقعو هو. ساڳئي طرح هڪڙو ٻيو واقعو به ٿيو. سن 1991ع جي پارليامينٽ اليڪشن جو زمانو هو. اڳوٽو پرائم منسٽر راجيو گانڌي، ڪانچي جي شنڪر آچاريا کان آشرواد وٺڻ لاءِ ويو. راجيو گانڌي جي مٿي تي پنهنجو پير رکي شنڪر آچاريا کيس چيو: توهان 101 سالن تائين سلامت رهندا ۽ اهو به آشرواد ڏنائين ته هندوستان ۾ توهان ئي هميشه وزيراعظم ٿيندا. شنڪر آچاريا جي آشرواد جي ستاويهين ڏينهن راجيو گانڌي، شري پور ۾ انساني بم وگهي فوت ٿي ويو.

انهن ٻنهي واقعن منهنجي ضمير ۾ تکي ڇهنڊري پاتي ۽ اهي واقعا اندر ۾ لڳاتار للڪاريندا رهيا ته آئون هڪڙو ٻڌ سوامي آهيان. مون جنهن کي آشرواد ڏنو سو 90 ڏينهن اندر مري ويو ۽ ٻئي پاسي هندو گروشنڪر آچاريا جنهن ماڻهوءَ کي آشرواد ڏنو سو فقط ستاويهين ڏينهن ڪانپوءِ گذاري ويو. مون کي پوري طرح خبر پئجي وئي ته آشرواد ڏيڻ وارو آچاريا ۽ آئون ٻڌ ڀڪشو ڪوڙا خدا آهيون. ان کان وڌيڪ ذلت ٻي ڪهڙي ٿي سگهي ٿي.

ڳالهه واضح ٿي وئي ته انسان ڪنهن به طاقت جو مالڪ ڪونهي.

هن ڌرتيءَ تي فقط الله جو حڪم هلي ٿو. ان حقيقت منهنجي دل ۾ يقين پيدا ڪري ڇڏيو ۽ منهنجيون اکيون کولي ڇڏيون ته مون جهڙي حقير ناچيز کي آشرواد ڏيڻ جو ڪوبه حق ڪونهي. اها سجاڳي اندر ۾ ايندي وئي. ڪافي عرصي کان وٺي پاتل زعفراني رنگ جا ڪپڙا لاهي ڦٽا ڪيم ۽ مون کي پڪو يقين ٿي ويو ته الله کانسواءِ ڪوبه معبود برحق ڪونهي.

**ڇا انسان خدا آهي؟**

ڇا آئون خدا آهيان؟ اسلام مون کي سوچڻ تي مجبور ڪيو. انسان، انسان ٿي زندگي گذاري. اهو ئي هن جو معراج آهي. انسان سڀني ڳالهين



کان آزاد ٿي سگهي ٿو پر ازدواجي زندگي کان آزاد ٿيڻ بيحد ڏکيو آهي. رنج جي ڪري انسان ٽٽي، ڀڃي ڀري تباهه ٿي وڃي ٿو. اسلام انسان کي ڇئن زالن سان گڏ زندگي گذارڻ جو حق ڏنو آهي. ازدواجي زندگي ترڪ ڪري سنياسي بنجي، سوين ڇوڪرين سان ملوث ٿي، انهن جي زندگي برباد ڪرڻ عظيم گناهه آهي، اسلام مون کي ان ظلم کان بچائي ورتو. مون پنهنجا زعفراني ڪپڙا لاهي ڦٽا ڪيا ۽ انسان بنجي ويس.

**مهاگروءَ جي بددعا**

منهنجي مسلمان ٿيڻ جي خبر ٻڌمت جي دنيا ۾ باهه وانگر پکڙجي وئي. ان وقت مها گرو، تبت جي سواميءَ کي به اها خبر پهتي. عام طور تي هو منهنجي واکاڻ ڪندو رهندو هو. منهنجو اسلام قبول ڪرڻ جي خبر ٻڌندي ئي هن مون کي سڏايو. حقيقت ۾ هو نه رڳو سوامي هو، پر وڏو ماهر جادوگر به هو. آئون به خوشيءَ سان ملاقات لاءِ ويس. مون سڀ ڳالهيون پيرائتيون هن کي ٻڌايون. هن چيو ته، ”توهان جي اسلام قبول ڪرڻ جي ڪري ٻڌ مت کي نه رڳو وڏو نقصان پهتو آهي، پر عوام جي هڪڙي وڏي انگ جي ٻڌمت ۾ داخل ٿيڻ جي اميد به گهٽ ٿي ويندي، تنهنڪري توهين پنهنجي ان فيصلي تي نظرثاني ڪريو.“ مون جواب ڏنو ته ان فيصلي تي نظرثاني جي هاڻي گنجائش ڪانهي. ان جواب ڏيڻ جو خيال منهنجي ذهن ۾ به ڪونه هو ته آئون ڪو اهڙي قسم جو جواب به ڏئي سگهان ٿو. ڪو زمانو هو جو گرو جيڪڏهن چوندو هو ته سهي جون ٽي ٽنگون آهن، ته آئون به اکيون پوري تصديق ڪندو هوس، ته برابر سهي جون ٽي ٽنگون ٿينديون آهن. منهنجو جواب ٻڌي گرو جي مون کان سخت ڪاوڙجي ويو. سندس ڪاوڙ ايتري ته وڌي وئي جو هو مون کي پٽڻ لڳو ۽ بددعا ڏنائين. اڳي آئون سندس بددعا ٻڌي ڏکي ويندو هوس ۽ مون کي رڦٽي وٺي ويندي هئي. پر هن دفعي سندس بددعا ٻڌي مون کي ڪا به پريشاني ڪانه ٿي، سندس بددعا جا لفظ هي هئا:

”منهنجي ڳالهه جو انڪار ڪرڻ ڪانپوءِ ائين چوڻ ته ”اسلام کي ترڪ ڪونه ڪندس.“ چوڻ وارو تون. وچ. هڪ سئو پنجاهه ڏينهن اندر تنهنجي هڪڙي ٻانهن ۽ هڪڙي ٽنگ فالج ۾ سڪي ويندي“ مون کي دلي اطمينان هو. ڇو ته اسلام ۾ اهڙين ڳالهين جو ڪوبه مقام ڪونهي، پر پوءِ به شيطان دل ۾ ڊپ وجهڻ لڳو ته متان پاراتو لڳي پوي. ته پوءِ ڇا ٿيندو! بهرحال انهن خيالن کي ذهن مان ڇنڊي الله تي ڀروسو رکي موٽي آيس. گهر اچڻ کانپوءِ ته ماڳهين وسوسا وڌي ويا. جيڪڏهن سياٽي معذور ۽ محتاج ٿي پيس ته ماڻهو چوندا ته اها گرو جي پٽ لڳي آهيس. گهٻراهٽ تمام وڌي وئي. الله سائين جا لکين ڪروڙين احسان جو اهي پنج مهينا يعني 150 ڏينهن خير سان پورا ٿيا. ڪا تڪليف ڪانه ٿي. ان وچ ۾ الحمد لله. عمري لاءِ مڪي شريف وڃڻ جو موقعو به مليو. سچ پڇو ته انهيءَ بددعا ڪانپوءِ مون کي زندگيءَ ۾ ڪيئي ڪرامتون ڏسڻ ۾ آيون. گهڻا ماڻهو اهڙين پٽن پاراتن ڪانپوءِ ذهني فڪرمندي جي ڪري پنهنجي حياتي ڏکي ڪن ٿا. پر الله پاڪ پنهنجي ڪرم سان مون کي اهڙين خطرناڪ حالتن ۾ به محفوظ رکيو. اسلام قبول ڪرڻ ڪانپوءِ ماڻهوءَ جي زندگيءَ ۾ ڪافي تبديليون ايندڙيون آهن. انهن مان هڪڙي هيءَ ته ٻين سان دوکو يا ٺڳي ڪرڻ کان ماڻهو پاڻ بچائيندو آهي. گذريل 45 سالن دوران ٻڌ ڀڪشو جي روپ ۾ مون سوين ماڻهن کي دوکا ڏنا. پر هاڻي ان گندي ڪم کي مڪمل طور تي پلائي چڪو آهيان. ان وقت مون کي وري پاڻ کان مٿين گروئن هٿان دوکا کائڻا پوندا هئا. منهنجي نئين زندگيءَ مان الحمدلله اهي برائيون ختم ٿي چڪيون آهن. زعفراني ڪپڙن ۾ منهنجي طبيعت تمام سخت ۽ اڻ سهو هوندي هئي، پر ڪلمي توحيد جي اقرار ڪانپوءِ آئون نرم دل انسان بنجي چڪو آهيان. اهڙيون ٻيون تبديليون به مون کي محسوس ٿيون آهن. آئون 13 آڪٽوبر سن 1993ع تي مدراس جي مسجد معمور ۾ ڪلمو توحيد پڙهي اسلامي سماج ۾ شامل ٿيس ۽ سوامي آنند مان قري محمد محب الله



(يعني الله ان محبت ڪندڙ) ٿي ويس. آئون نئين چاول ٻار وانگر ٿي پيس. الله جي نظر ۾ سڀ انسان برابر آهن. ان اصول جو مزو انهيءَ مهل ئي محسوس ڪيم. اڄ ڪان مون کي دنيا جي سڀني مسجدن ۾ وڃڻ ۽ مسلمانن سان گڏجي ٻيهي نماز پڙهڻ جو حق مليو آهي. اڄ ڪانپوءِ جيڪڏهن دنيا جي ڪنهن به مسجد ۾ وڃي نماز پڙهن جو فيصلو ڪريان ته مون کي دنيا جي ڪابه طاقت روڪي نٿي سگهي. اسلام قبول ڪرڻ ڪانپوءِ دل ۾ خواهش پيدا ٿي ته آئون ماڻهن سان محبت ۽ الفت سان رهان. ۽ ان ڀائيچاري جو اعلان به ڪريان. انهيءَ تصور سان سرشار، اسلام بابت وڌيڪ ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ آئون ويجهي مسلمانن جي ڳوٺ چدم برنائو ضلعو ڪائيل پٽنم) ويس. اتي رهي مون اسلام کي وڌيڪ سمجهڻ جي ڪُشش ڪئي. پوءِ مون زندگي جو هڪڙو مقصد بنايو ته هاڻي باقي حياتي، پنهنجو ايمان مضبوط ڪرڻ، اسلام جي تبليغ ڪرڻ ۽ انسانن ۾ صحيح مساوات جو تصور واضح ڪرڻ ۾ کپائيندس.

مسلمان ٿيڻ کان اڳ منهنجي ذهن ۾ اسلام بابت تمام گهڻيون غلط فهميون هيون ۽ اهڙيون غلط فهميون رکندڙ ماڻهو اڄ به ڪروڙين آهن، جيڪي حقيقت ۾ اسلام جي نعمت کان محروم آهن. ان ماحول ۾ ڪين اسلام جو اعليٰ خاصيتون ٻڌائڻ، اسلامي مساوات جو پيغام پهچائي ڪين نيڪي جي واٽ تي آڻڻ غلط فهمين کي ختم ڪري ڪين اسلام ڏانهن سڏڻ امت مسلمه تي فرض آهي.

جيڪڏهن اسين متحد ٿي، يڪمشت ٿي ان مقصد کي آڏو رکي هن آيت تي عمل ڪنداسين ته ڀڪ سان هزارين انسان اسلام جي ڇانوَ هيٺ اچي ويندا.

### محمد ﷺ جي سيرت

انساني تاريخ ۾ غير معمولي ۽ ناقابل فراموش جيڪڏهن ڪا هستي آهي ته اها محمد ﷺ جي شخصيت آهي. حصور صہ جي سيرت طيبه

معلوم ڪرڻ لاءِ مون ڪيترن ڪتابن جو مطالبو ڪيو. تنهن ڪانپوءِ وچي منهنجي حياتيءَ ۾ انقلاب اچڻ شروع ٿيو. پاڻ سڳورا صہ سن 570ع ۾ ڄاوا هئا. گهرائي سان مطالعو ڪرڻ ڪانپوءِ ماڻهوءَ کي خبر پوي ٿي ته حضور صہ ۾ ڪهڙيون ڪهڙيون نه خوبيون ۽ خاصيتون هيون. منهنجي نظر ۾ پاڻ سڳورن صہ جهڙي زندگي گذارڻ وارو انسان روءِ زمين تي اڄ تائين پيدا ڪونه ٿيو آهي. سندن ايماني قوت، ايماني جذبو، سندن خلوص، معاشرتي معاملن ۽ لاڳاپن ۾ سندن عمل، ٻين سان خير خواهي اعليٰ سلوڪ، عزت، شرافت، رحم، ڪرم، همدردي، مهمان نوازي وغيره اهڙيون خصلتون آهن جن کي اڄوڪي سائنسدي دنيا به ساراهي ٿي.

انگريزن پنهنجي زماني ۾ اسلام تي اهو الزام وڌو زور شور سان ڦهلايو هو ته اسلام تلوار جي زور تي پکڙيو آهي. حقيقت ۾ اهو تمام وڏو الزام آهي. ان جو جواب مس سروجني نائيڊو، لنڊن ۾ اسپيچ دوران ڏنو هو ته اسلام جي عظمت، ٻين مذهبن جي پوئلڳن جي برخلاف نفرت پيدا نٿي ڪري، محمد ﷺ توڙي سندن اصحاب سڳورا ۽ انهن ڪانپوءِ سندن تابعي پنهنجين ڪوشش سان سسلي تائين وچي پهتا هئا ۽ عيسائين جي ان سرزمين تي اٺن سئو سالن تائين حڪومت به ڪندا رهيا. پر ڪڏهن به مقامي ماڻهن جي عبادت ۾ دخل اندازي ڪونه ڪيائون، ويتر انهن عيسائين کي وڏا عهدا ۽ مرتبا ڏنائون. انهن سان بهترين سلوڪ روا رکيائون ۽ انهن سان وڏي عزت ۽ احترام سان پيش آيا. ساڻن سنا لاڳاپا قائم ڪيائون. ان جو سبب شايد اهو هو جو قرآن ڪريم ڪين صبر جو درس ڏنو هو. صلاح الدين ايوبي لاءِ فرانس جي بادشاهه جيڪي جملا چيا سي تاريخ ۾ موجود آهن. "صلاح الدين جي باري ۾ مون کي عجب ٿو لڳي ته هو اهڙو سٺو انسان ڪيئن بنيو آهي. جڏهن ته هن تي ڪنهن به قسم جو دٻاءُ به ڪونهي. منهنجي دل ٿي چوي ته آئون به مسلمان ٿي وڃان."

ٿامس آرنلڊ (پنهنجي ڪتاب ۾) چيو آهي ته "سيني مذهبن ۾ رڳو



هڪڙو مذهب اسلام آهي، جنهن ۾ ايتريون گهڻيون خاصيتون موجود آهن. عوام جي واتان اسلام پکڙيو آهي. مالي مدد ملڻ تي تبليغ ڪرڻ وارا ماڻهو جيڪي پئسا وٺي اسلام پکيڙين اسلامي تاريخ ۾ ڪونه ٿا لڀن. دراصل سوَن واپارين جي جاڪوڙ سان اسلام پکڙيو آهي. آفريڪا ۽ چين وغيره ۾ اسلام پکڙجڻ جو سبب قرآن جي علمي روشني آهي. ان روشنيءَ پکيڙڻ وارا مسلمان واپاري هئا.

پنڊت سندر لال چيو ته، "محمد ﷺ مڪي جي فتح وقت هڪڙو اهڙو ڪارنامو سرانجام ڏنو، جنهن کي تاريخ ڪڏهن به وساري نٿي سگهي. جن ماڻهن کين ساري زندگي ستايو، تڪليفون ڏنيون، ظلم ستم روا رکيا، تن ماڻهن کي معاف ڪري ڇڏيائون. دنيا جي فوجي ڪاروائين ۾ هي واحد مثال آهي." هندوستان جو مشهور مورخ لالا اشوري پرشاد چوي ٿو ته، "مسلمان ڪشادي نظر وارا هئا، جيڪڏهن حقيقت ۾ اهي ظالم هجن ها ته ايڏي ڊگهي عرصي تائين هندوستان ۾ حڪومت ڪري ڪونه سگهن ها. ساري دنيا توڙي هندوستان ۾ به اهي پنهنجي عقيدي مطابق خلق خدا کي نصيحتون ڪرڻ وارا هئا. ساڳئي وقت هندوستان جي مذهبي معاملن ۾ ڪڏهن به رنڊڪون ڪونه وڌائون.

مذهبي ڳالهين ۾ ڪڏهن به انهن هندوئن تي زور زبردستي ڪونه ڪئي. غير مسلمن سان هو هميشه رحم ۽ ڪرم سان تعاون ڪندا رهيا."

**منهنجي دل بدلائڻ وارو قرآن**

مون قرآن ڪريم جو لڳاتار مطالعو ڪيو جنهن جي ڪري منهنجو روح جيئرو ٿيو. قرآن هڪڙو اهڙو ڪتاب آهي، جنهن ۾ زندگيءَ جي هر معاملي لاءِ معتدل رهنمائي موجود آهي. ان جا علمي دليل مون کي هر دم اميدون ڏياريندا رهيا. سنياسي هئڻ جي ڪري اهي تجربا منهنجي اندر پاتار ۾ پيهي ويا. آئون پنهنجي جنهن اڳوڻي مذهب تي قائم هوس، تنهنجي حقيقت به توهان جي آڏو رکڻ چاهيان ٿو.

## گوتم ٻُڌ ۽ ٻُڌ مذهب

ايشياء ۾ گوتم ٻڌ جهڙيون پنج سماجي انقلابي شخصيتون پيدا ٿيون آهن.

(1) 3 هزار سال اڳ زرتشت، ايران ۾ پيدا ٿيو.

(2) 2 هزار 4 سئو پنجاهه سال ڳ ڪنفيوشس، چين ۾ پيدا ٿيو.

(3) 2 هزار 4 سئو پنجاهه سال اڳ Logos چين ۾ پيدا ٿيو.

(4) 2 هزار 6 سئو سال اڳ گوتم ٻُڌ هندوستان ۾ پيدا ٿيو.

(5) 2 هزار سال اڳ يسوع مسيح فلسطين ۾ پيدا ٿيو.

570ع ۾ محمد ﷺ پيدا ٿيو ۽ قبل مسيح 573 ۾ گوتم ٻڌ هندوستان ۾ پيدا ٿيو هو. پنهنجي عمر جي 25 هين سال ۾ هو دربار ڇڏي سنياسي بنجي ويو. 29 هين سال ۾ ٻوڏي وڻ هيٺان هن کي گيان مليو. 36 هين سال جي عمر ۾ ڪاشي نديءَ جي ڪپ سان نديءَ کان اڍائي ڪلو ميٽر پري ناٿ نالي جاءِ تي هن آريا تهذيب جي ورڻ آشرم ڌرم (ذات پات جي نظام) جي ظلمن جي برخلاف پنهنجن شاگردن جي وچ ۾ پهرئين تقرير ڪئي. 45 هين سال ۾ اتر ۾ بت پرستيءَ ۽ خدا جي نالي تي بيشمار جانورن کي ٻل چاڙهڻ (قرباني ڪرڻ) جي خلاف آواز اٿاري انقلاب برپا ڪيائين.

### ٻڌمت جا ڪي بنيادي اصول

ڪوڙ نه ڳالهايو. زنا نه ڪريو. نشيدار شيون نه واپرايو. اهنسا (عدم تشدد) جي اصول تي هلو. گناهه کان پري رهو. بت پرستيءَ جي مخالفت ڪريو.

انهن ڳالهين کي ڦهلائڻ لاءِ گوتم ٻُڌ پنهنجي حياتيءَ جو ڳچ حصو کپايو. آخر ۾ ايوڌيا کان 250 ڪلوميٽر پري ڪشي نگر وٽ 82 سالن جي عمر ۾ وفات ڪري ويو. گوتم ٻڌ جي زبان پالي زبان هئي. سندس وفات پڇاڻان ٻڌجي نالي سان هڪڙو ڪتاب لکيو ويو.

گوتم ٻڌ انسان جي حيثيت ۾ جائو هو. وڏو ٿي شادي ڪيائين. پوءِ



سنياسي ٿي ويو ۽ انصاف خاطر پنهنجي حياتي قربان ڪري ڇڏيائين. وفات کانپوءِ ماڻهن هن کي خدا بنائي ڇڏيو. ٻڌ سنياسي هو. هو آريا قوم جي شاسترن ۽ پراڻن کي ڪونه مڃيندو هو. ملڪ جي حالتن پٽاندڙ هن ماڻهن کي پنهنجي عقل مطابق مشورا ڏنا. حياتيءَ ۾ آريا قوم وارن جو مخالف هو. پر سندس وفات کانپوءِ سندس مذهب ۾ آريا تهذيب کي شمال ڪيو ويو. جنهن ڪري ٻڌمت ۾ مهان ۽ هينيان فرقا پيد اٿيا. آريا قوم جي چالاڪي ۽ مڪاري سان هندوستان جي سرزمين مان ٻڌمت کي ڏيهه نيڪالي ڏني وئي. ان زماني ۾ ڏکڻ هندوستان جي ناگ پٽنم علائقي ۾ هزارين ڀڪشوئن کي آريا برهمڻن ڦاهيون ڏنيون. هن وقت ايشياء جي مختلف ملڪن ۾، مختلف شڪلين ۾ ٻڌمت جا پوئلڳ عمل ڪن ٿا، جن جو تفصيل هن ريت آهي:

مهايان، تبت ۾، هينايان برما ۾، سيلون ۽ ٿائيليند ۾، جمبوت جاپان ۾، ڪرين بوت اتر برما ۾ آهن.

هندوستان مان ٻاهر نڪرڻ کانپوءِ ٻڌمت ايشيائي ملڪن ۾ ڪيترن فرقن ۾ ورهائجي ويو. هندسوتان اندر ٻڌمت کي ورڻ آشرم سان ملائي قائم رکيو ويو آهي. سيلون به ٻڌمت وارن جو ملڪ آهي. پر اتي نيچ ذات وارن لاءِ ٻُڌا ويهار (ٻڌ مندر) ڳوٺن ۾ هئا ۽ اُچي ذات وارن لاءِ خاص سنگ راج ٻڌا ويهار (محلاتن جهڙا ٻڌ مندر) شهرن ۾ قائم ڪيا ويا هئا. دراوڙ ۽ ٻين ذاتين جا ماڻهو آزاديءَ لاءِ ٻڌ شرڻم جا نعرا هڻندا آهن. جمعي جي ڏينهن ماري امن (ماري امان) مندر ۾ پيٽ خاطر ايندا آهن ۽ ماني کائڻ کانپوءِ "ٻڌمت اسان جو آهي، اسان جو آهي،" جا نعرا هڻندا آهن. ڇا ٻڌ مت اسان کي آزادي وٺي ڏيندو؟

### آزاديءَ جي واٽ

آزاديءَ جا گهورا منهنجا دوستو! توهان کي آزادي ڪٿان ملندي؟ گمراهيءَ ۽ ذلالت جي واٽ تي توهين ڌوڙو پيا. ڀلي ڌوڙو پڇو جيڏانهن

ڪپي، تيڏانهن ٻوڙون پايو! پر جيڪڏهن توهان کي ذلت ٻڌ سٽ چار مان پاڻ ڇڏائڻو آهي، ته پنهنجي مذهب کي ڇڏي، اسلام جي ڇانوَ هيٺ اچو. منهنجا دلت ڀائرو! توهين پريا ٻڌ ڪونه آهيو ۽ نڪي پلا ٻڌ آهيو. توهين ڌرتيءَ تي ڄاول انسان آهيو ۽ انسان جو قدر، فقط اسلام ۾ ئي اٿوَ. ”هلو اسلام ڏانهن هلو“ نالي ڪتاب ۾ ان جي ليکڪ ۽ ڪميونسٽ ليڊر ”ڪوڊيڪال چلايا.“ اسلام قبول ڪرڻ کانپوءِ لکيو آهي ته. ”اڇوت، گانڌيءَ کان اڳ به هئا ۽ گانڌيءَ کان پوءِ به هئا. اڄ به آهن، سڀاڻي به هوندا، تنهنڪري دراوڙ ذات وارو! ڊوڙي هلو اسلام ڏانهن، توهان جي آزادي فقط ۽ فقط اسلام ۾ ئي آهي.“

آل انڊيا دلت ورڪرس پارٽي جو جنرل سيڪريٽري ڊاڪٽر چيپن ايم بي بي ايس، يگمور (مدراس) جي سري لنڪا ويهار ۾ هميشه پوڄا لاءِ ويندو هو. هڪڙي دفعي هن اتي امبيڊڪر جينتي جو پروگرام رکڻ لاءِ اجازت گهري. اتي جي ٻڌ گروا سوامي نندجي شاشتر چيو ته توهان سيني پريا ٻڌستن کي فقط ذات پات وسارڻ لاءِ ٻڌم شرڻم جو منتر پڙهڻو آهي. اهڙي طرح هن ذات پات جي وضاحت ڪرڻ کانپوءِ ناڪار ۾ جواب ڏنو. ڊاڪٽر چيپن ٻڌ ويهار مان ٻاهر نڪري وڏي حسرت مان تڏو ساهه پري چوڻ لڳو ته. ”جڏهن مون جهڙي ليڊر سان اهڙو سلوڪ ڪن ٿا، ته پوءِ منهنجي ذات وارن عوام سان ڇا ڇا نه ڪندا هوندا؟“ ان کانپوءِ هن ڪتاب لکيو ”مڪمل آزاديءَ لاءِ فقط اسلام.“ اسلام جي ڏنل آزادي، مساوات ۽ ڀائپي منهنجي دل تي وڏو اثر ڪيو. ان سلسلي ۾ آئون پنهنجي حج ۽ ان بابت پنهنجا احساس هيٺ پيش ڪريان ٿو:

### حج جو سفر

حج جو احوال پيش ڪندي آئون تمام گهڻي خوشي محسوس ڪريان پيو. مختلف ملڪن مان ڪعبته الله جي طواف لاءِ ويهه لک ماڻهو آيا هئا. ۽ انهن سان گڏ ويهه لک ماڻهو سعودي عرب جا به هئا. سڀئي هڪ



آواز لبيڪ اللهم لبيڪ جا نعرا هڻي رهيا هئا. اهو منظر مون لاءِ حيرت ۾ وجهندڙ هو. چاليهه لک ماڻهن جو ميڙ ڪعبي ۾ لٿل هو. انهن جي وچ ۾ ڪنهن به قسم جي ڇوت ڇات ڪانه هئي ۽ نڪي ڪنهن ۾ مون کي ڪا وڏائي يا تڪبر جي ڪا ڳالهه ڏسڻ ۾ آئي. جيئن ته ذات پات جي ماحول ۾ رهندي مون زندگيءَ جو وڏو حصو گذاريو آهي، تنهنڪري هي نئون ماحول ۽ منظر منهنجي اندر ۾ پيهي ويو. ڳوري رنگ جا عرب، ڪاري رنگ جا آفريقي، اڇي رنگ جا جاپاني، ڪڻڪ رنگا هندوستاني ۽ ڪارا رنگا هندوستاني، وڻ وڻ جي ڪاٺي هئي، پر مجال آهي جو ڪا اڻوٽت محسوس ڪجي. ڄڻ رنگا رنگي موتي جي مالها هئي. ڪعبي جي چوڌاري صفون ٻڌي نماز پڙهڻ جو نظارو به حيرت انگيز هو. اهو اجماع نه رڳو تاريخ ۾ آهي، پر اڄوڪي نئين دنيا ۾ به عجب جهڙو اجتماع آهي، اسلامي تعليمات موجب محبت، الفت، ڀائيچارو ۽ مساوات مون هتي ڏٺو. اهو تجربو مون کي حج جي سفر ۾ ٿيو ۽ منهنجي دل ۽ دماغ ۾ سرايت ڪري ويو.

منهنجا مسلمان ڀائرو! فيبلغ المشاهد الغائب (حديث)

”هتي موجود ماڻهو غير موجود ماڻهن کي اهو پيغام پهچائين.“ هن حديث تي عمل ڪرڻ وارا بنجو. جيڪڏهن توهان نبي سائين جي ان وصيت تي عمل ڪندا ته اسلام ساري دنيا ۾ ڪامياب ٿي ويندو ۽ دنيا ”ورايت الناس يدخلون في دين الله افواجا“ جا نظارا ڏسندي. انشاءَ الله پر شرط اهو آهي ته توهين پاڻ الله جي دين جا نمونا بڻجي وڃو ۽ دنيا جي آڏو پنهنجي عمل سان ثابت ڪريو ته اسلام ئي نجات جي واحد واٽ آهي.

اي رب منهنجا، تون مون کي ۽ هن امت کي هن عظيم امانت کي ٻين تائين پهچائڻ جي توفيق عطا فرماءِ ۽ اسان کي آخرت جي عذاب کان بچاءِ آمين.

مون وچن ڪيو آهي ته هاڻي باقي حياتي هن پيغام کي ٻين تائين پهچائڻ لاءِ خرچ ڪندس. ۽ پوئين پساهن تائين هن واٽ تي هلندو رهندس. انشاءَ الله.

# ليو عبدالله

## (ليوپنگ ڪانگ چيني ڪميونسٽ)

1980ع ۾ آئون سلطان بشير حڪومت پاڪستان جي هڪڙي وفد سان گڏ چين جي مشهور شهر بيجنگ (Beijing) ايئرپورٽ تي لٿس ته هڪڙو چمڪندڙ اکين وارو سمارٽ چيني نوجوان مون ڏانهن وڌي آيو ۽ چيائين ته توهين مسٽر محمود آهيو؟ مون مشڪي جواب ڏنو ته ”توهان کي ڪيئن خبر پئي؟“ هن گرمجوشيءَ سان مون سان هٿ ملايو ۽ چيائين ”منهنجو نالو ليوپنگ ڪانگ (Leoping kong) آهي توهين سهولت لاءِ مون کي مسٽر جان Mr, John سڏي سگهو ٿا.

مسٽر جان، مون سواليه انداز ۾ هن ڏانهن ڏٺو“ هائو مسٽر جان“ اهو منهنجو انگريزي نالو آهي، هتي انگلش اسڪولن ۾ هر ٻار کي هڪڙو انگلش نالو ڏيندا آهن. آئون سوچڻ لڳس ته عيسائي مشنريون ڪيڏيون نه چالاڪ آهن، چيني ڪميونسٽن کي عيسائي بنائڻ لاءِ پهرئين ڏاڪي طور انهن تي عيسائي نالا رکن ٿيون، پوءِ جديد تعليم جي نالي پويان انهن جي ذهن ۾ مغربي ۽ عيسائي تهذيب داخل ڪن ٿيون. اڄ ڪلهه چيني، دنيا ۾ پاڻ سجاڻائڻ لاءِ انگريزي زبان سکڻ لاءِ ڏاڍا بيتاب آهن، عيسائي پادري ان جو ڀرپور فائدو وٺي، انهن کي عيسائي بنائي رهيا آهن. اڄوڪو ليو، جيڪو جان بنيو آهي، سو سڀاڻي ٿي سگهي ٿو ته ائين عيسائي به بڻجي پوي. کاڌي پيتي ۾ ٻنهي وٽ ڪا جهل پل ڪانهي، حلال حرام جي ڪابه ڳالهه ڪانهي. لباس به هاڻي انهن جو وڏي پيماني تي يورپي ٿيندو وڃي. عبادت جو به گهڻو خيال ڪونه اٿن، باقي ٿوري ذهني تبديلي گهربل آهي. ڳالهه مشهور آهي ته روسي جي اوائلي بادشاهه زارن (Zar) مان هڪڙي مسلمان ٿيڻ جو ارادو ڪيو ۽ مفتي صاحب کي چيائين ته مون کي رڳو شراب پيئڻ



جي اجازت ڏيو مفتي صاحب انڪار ڪيو ته زار جي مسلمان نه ٿيڻ سان جي ڪري سڄو روس عيسائي ٿي ويو.

بهرحال ليو ٻڌايو ته هو اڪنامڪس ۾ گريجوئيٽ آهي ۽ ورهين کان فارن آفيس ۾ ڪم ڪري رهيو آهي. هن جي معلومات تمام وسيع هئي، هو جيتوڻيڪ ڪميونسٽ (Communist) هو پر دنيا جي سڀني مذهبن بابت چڱي خاصي معلومات هيس. اسلام بابت گهڻن مسلمانن کان به وڌيڪ ڄاڻو آهي، قرآن شريف جو ترجمو به پڙهيل آهي. هن ٻڌايو ته ورلڊ هسٽري ۾ مذهبن ۽ ثقافتن بابت ڄاڻ سندس ٽريننگ جو حصو هئي، آئون هتي پندرنهن ڏينهن لاءِ آيو آهيان. ليو هر وقت مون سان گڏ هوندو آهي. ماني به گڏ کائيندا آهيون، هوٽل ۾ هو رات جو دير تائين منهنجي ڪمري ۾ هوندو آهي.

جيتوڻيڪ هو مون کان عمر ۾ ننڍو آهي، پر هن سان دوستي ٿي وئي آهي. آئون وس پڄندي نماز ڪونه ڇڏيندو آهيان، ميٽنگن ۾ به نماز جي وقت ٿيڻ تي به ليو چيني آفيسرن کي منهنجي ان ضرورت بابت خاموشيءَ سان ٻڌائيندو آهي ۽ هو ميٽنگون ٿوري دير لاءِ برخاست ڪري ڇڏيندا آهن. هو اعليٰ اخلاق وارو، مهمان نواز ۽ ڳالهائڻ ۾ ڏاڍو مٺو آهي. ائين محسوس ٿيندو آهي. ڄڻ هو منهنجو پٽ آهي. منهنجي دل ۾ خيال ٿيو ته ڪاش! ليو مسلمان ٿي پوي، چينن جو اعليٰ اخلاق ٻڌائي ٿو ته چين ۾ به ضرور پيغمبر آيا هوندا. هڪ دفعي ڳالهيون پئي ڪيو سين ته ڳالهه ڪائنات جي خالق ڏانهن مڙي وئي. ليو منهنجون ڳالهيون ٻڌندو رهيو. مون چيو ته ڪميونزم کي به مذهب ڪٿي سمجهجي ته اسلام جو پهريون ڏاڪو ڪميونزم کي چئي سگهجي ٿو. ان تي ليو ڇرڪ ڀريو ۽ چيائين ته ”اهو وري ڪيئن؟“ مون چيو ته توهين ڪميونسٽ چئو ٿا ته خدا ڪونهي، ساڳئي طرح اسلام جي ڪلمي جو پهريون حصو به چوي ٿو ته لا اله ڪو به معبود ڪونهي. اهو ٻڌي ليو مرڪيو ۽ چيائين ته ”خدا ڪونهي، آئون به

ائين چوان ٿو..“ ان تي اسين ٻئي کلڻ لڳاسين. ”سائين منهنجي نظر ۾ توهين ڪافي ذهين انسان آهيو پر ميٽنگن جي وچ ۾ اٿي توهين اهو ڇا ڪندا آهيو هر هر اٿندا ويهندا ۽ پاڻ مرادو ڳالهائيندا آهيو.؟“ مون چيو. ”ليو اها منهنجي نماز آهي. ان ۾ ڪو راز ڪونهي. پر هڪڙي ڳالهه مون کي توهين ٻڌايو ته مون سان گڏ توهان وڏي پابندي سان رهندا آهيو. ڊيوٽي ڏيندا آهيو. صبح سويل اٿندا آهيو. منهنجي اجازت کانسواءِ گهر ڪونه ويندا آهيو. سو ائين ڇو ڪندا آهيو؟“ ليو چيو ته ”سائين، آئون چين جي حڪومت جي وزارت خارجه جو ملازم آهيان. جيڪو مون کي حڪم ڏنو ويو آهي، سو ته مون کي ڪرڻو آهي، اهو منهنجو فرض آهي.“ اها ڳالهه ٻڌي مون کي پنهنجو خيال ٿيو ته هي پنهنجي حڪومت جو ايترو وفادار آهي ۽ آئون ڪائنات جي رب، پنهنجي مالڪ جو ايترو فرمانبردار ڇو نه آهيان؟ منهنجي اکين ۾ ڳوڙها تري آيا.

ليو منهنجا لڙڪ ڏسي ششدر ٿي ويو ۽ گهٻرائجي چوڻ لڳو ته ”مون کي معاف ڪجو شايد مون کان گستاخي ٿي آهي.“ مون هن کي آٿت ڏني ۽ چيومانس ته، ”اهڙي ڪا به ڳالهه ڪانهي. اصل ۾ منهنجو به هڪڙو آفيسر آهي. مون تي ڏاڍو مهربان آهي، منهنجي هر ضرورت جو خيال رکندو آهي، جيتوڻيڪ ڏسڻ ۾ ڪونه ايندو آهي، پر آهي ڏاڍو مهربان. منهنجا لڙڪ انهي ڪري آيا، جو آئون پنهنجي مهربان مالڪ جو ايترو وفادرا ڪونه آهيان جيترو توهين پنهنجي اعليٰ آفيسر جا آهيو. توهان مون کان پڇيو هو سو اها نماز ان مالڪ جي آڏو پنهنجي عاجزي ۽ هن جي وڏي هئڻ جو اعتراف آهي، جيڪڏهن ايترو به نه ڪريان ته پوءِ ته وڏو احسان فراموش چئبس. ليو مون ڏانهن حيرت مان ڏسڻ لڳو. مون چيو. ”منهنجو مالڪ هڪ اهڙو آهي، جو جيڪي ڪيس نٿا مڃين، تن جو به ائين ئي خيال رکي ٿو جيئن پنهنجن مڃيندڙن جو. مثال طور توهين هن کي نٿا مڃو هن جو خيال به ڪونه اٿوَ پر هو توهان جون ضرورتون پوريون ڪندو رهي ٿو. توهان کي



ماءُ پيءُ ڏنائين، پالنا ڪيائين، صحت ڏنائين، سمجهه ڏنائين، وڏو ڪيائين، ڇا توهين سمجهو ٿا ته اهو سڀ پاڻهي ٿي ويو آهي. هر عمل جو سبب هوندو آهي. منهنجو مالڪ سببن جو مالڪ آهي.“ ليو جواب ڏنو ته ”منهنجو عقل اڻڏٺي وجود کي مڃڻ لاءِ تيار ناهي، ڪا اهڙي هستي جيڪا هر هنڌ موجود آهي، اسان جو وڏو خيال ڪندڙ به آهي، پر اسان کي هن جي هجڻ جو احساس نه آهي! منهنجو خيال آهي ته اهو توهان جو وهم آهي. ڪنهن به اهڙي شيءِ کي مالڪ مڃي نٿو سگهجي، جيڪا عقل ۾ نه اچي.“

مون ڳالهه ڪاٽيندي چيو ”ليو ائين نه چئو پر هيئن چئو ته اسين اهڙي شيءِ کي پنهنجو مالڪ، پنهنجو خدا مڃي نٿا سگهون، جيڪا اسان جي عقل ۾ اچي وڃي. غور ڪريو ته جيڪا شيءِ عقل ۾ ايندي، سا اسان کان گهٽ هوندي، سو گهٽ شيءِ کي خدا ڪيئن مڃي سگهجي ٿو. خدا اهو هئڻ گهرجي، جيڪو عقل کان بالاتر هجي. هو ڏسي، پر اسين کيس ڏسڻ کان قاصر هجون، هو اسان جي ٻڌي سگهي، پر اسين هن کي ٻڌڻ کان عاجز هجون. هو اسان کي سمجهندو هجي ، پر اسين هن کي سمجهڻ کان قاصر هجون. منهنجا پيارا دوست ڪُل (Total)، جُزء (Part) جي برابر نٿو ٿي سگهي. ڪل جُز جو ادراڪ ڪري سگهي ٿو. جُزء ڪُل کي ليپي نٿو سگهي. اسان جو مالڪ ڪل آهي، اسين جز آهيون. هو هميشه اسان جي گرفت کان ٻاهر رهندو ۽ اسان هميشه هن جي گرفت ۾ رهنداسين.“ ليو وري سوال ڪيو ”توهان جو فلسفو سٺو آهي، اها ڳالهه ته ٺيڪ آهي ته ڪُل جي حقيقت کي سمجهي نٿو سگهجي، پر عملي دنيا ۾ حقيقت ڇا آهي؟“ مون چيو ”توهين پاڻ مڃيو ٿا ته ڪيتريون ڳالهيون توهان جي ادراڪ کان مٿي آهن، عقل انهن کي رسي نٿو سگهي، محسوس به نٿا ڪريو پر انهن تي شڪ به نٿا ڪريو. چوڌاري بيشمار اڻڏٺيون شيون آهن، جيڪي عملي طرح تمام گهڻو اثر رکن ٿيون، ڪن شين تي ته اسان جي وجود جو آڌار آهي، پر نڪي انهن کي ڏسي سگهون ٿا ۽ نه ڪي سمجهي سگهون ٿا.“ ليو

حيران ٿي چيو ”مثال طور“ ”مثال طور ڪشش ثقل آهي. سمورا احساس ان جو ادراڪ نٿا ڪن، پر توهان کي يقين آهي ته ڪشش ثقل نه هجي ته هوند ڪنهن جو به وجود ممڪن نه هجي ها. هي چنڊ تارا ڌرتي، وڻ، پاڻي، اسان جو وجود. جيڪڏهن ڪشش ثقل نه هجي ها ته ڪابه شي مادي شڪل ۾ نه هجي ها. ساري ڪائنات ان قوت تي ئي ٻڌل آهي. ان قوت جي ڪري بنا ڪنهن واسطي جيج سمورين ڪهڪشائن، تارن، گرهن، سيارن جو پاڻ ۾ ڳانڍاپو آهي. ڇا توهين ان همه گير قوت جو انڪار ڪري سگهو ٿا؟“

ان سوال تي ليو چيو ”ڇا ڪشش ثقل توهان جو خدا آهي؟“ ”نه منهنجا پياءَ ڪشش ثقل منهنجو خدا نه آهي، پر ڪشش ثقل جو خالق منهنجو خدا ضرور آهي.“ ليو سوچ ۾ پئجي ويو. ”ڇا توهان کي مستقبل جو يقين آهي؟ اهو ايندڙ وقت جو نالو آهي، پر ان جي ڪي ڪنهن کي به پڪ نه آهي، ته اچڻ واري گهڙيءَ ۾ ڇا ٿيڻ وارو آهي. اسين گهڻي ا هميت زمان حال کي ڏيندا آهيون، ماضي يا مستقبل کي ايتري اهميت نه ڏيندا آهيون، مطلب ته اسين عارضي دنيا جي حقيقتن کي وڏي اهميت ڏيندا آهيون ايتريقدر جو لامحدود مستقبل جي حقيقتن کي نظرانداز ڪري ڇڏيندا آهيون. تنهنڪري جيستائين پنهنجي ذات کان ڏار ٿي نه سوچيندا سين، تيستائين حقيقت کان پري رهنداسين“ دهريا چون ٿا ته اسين فقط پاڻ کي ئي مڃيندا آهيون. اهو ته پاڻ کي دوکو ڏيڻ وانگر آهي. مادي لحاظ کان اسان جي ڪابه حيثيت ڪانهي، ڪائنات جي اربين سال عمر جي ڀيٽ ۾ اسان جي سؤ سال جي عمر جي ڪهڙي حيثيت آهي؟ ڪائنات جي اربين کربين (نوري) سالن (جي مفاصلن) جي پکيڙ ۾ اسان جي ننڍڙي وجود جو ڪهڙو مقام آهي؟ اها ڪيڏي نه غلط ڳالهه آهي ته اسين چئون ته اسين فقط پاڻ کي مڃيون ٿا، ۽ چوڌاري لامڪان ۾ ڦهليل اٿاهه ڪائنات جي سلسلن جو انڪار ڪريون ٿا، ۽ انهن جي خالق جو انڪار ته اجان به وڏي بيوقوفي آهي.“ ليو به ماٺ ڪري پئي ٻڌو ۽ آئون به ماٺ ۾ هئس، ٿوري دير ڪانپوءِ



ليو چيو ته، ”آئون ڪشش ثقل واري مثال کان ڏاڍو متاثر ٿيو آهيان.“ ان تي مون چيو ”ڪشش ثقل جهڙي طاقتور قوت جي خالق جو نالو الله تعاليٰ آهي. هو بينظير آهي. بي مثل آهي.“ ليو ڳالهه ڪاٽيندي مون کان پڇيو. ”خالق ۽ مخلوق ۾ ڪهڙو فرق آهي؟“ ”خالق ۽ مخلوق ۾ ڪُل ۽ جُزء ( Total/ Part) يا (Subset) ۽ (Set) وارو فرق آهي. جڏهن اسين ڪُل کي ڇڏي جُز کي اهميت ڏيون ٿا، ته خالق سان شرڪ ڪريون ٿا، اهو بيوقوفائي جو ٻيو نالو آهي، جُز ڪيڏو به وڏو هجي، پر ڪُل جي برابري نٿو ڪري سگهي.“

ليو پڇيو ”سائين! ڪُل ۽ جُز ۾ انسان جي ڪهڙي جاءِ آهي.“ ”دوست! ڪُل ئي خالق آهي. باقي سموري ڪائنات جُز آهي. ۽ اها انسان جي استعمال لاءِ ٺاهي وئي آهي. سج، چنڊ، تارا ڇا لاءِ آهن؟ زمين تي ڇهڇٽو ڪنهن لاءِ آهي؟ مطلب ته هتي هر شيءِ انسان لاءِ ڪم ڪري ٿي. سموس شعاع ڪو (Cosmos Rays) جيڪڏهن زمين جي چوڌاري ريڊيائي ڍال سان ٽڪرائجي موٽي وڃن ٿا، ته اهو به انسان جي بقا لاءِ آهي ته ڪٿي هو سڙي ٻري ڀسم نه ٿي وڃي. جيڪڏهن انهن شعاعن مان ٿوري مقدار زمين تي پهچي ٿي ته اها به انسان لاءِ فائديمند آهي انهن جي ڪري ڪڪرن ۾ موجود آبي بخار پاڻي جي ڦڙڻ جي شڪل ۾ بارش بنجي وسن ٿا، ته اهي به انسان جي ڀلائي لاءِ وسن ٿا. اهڙي طرح خالق ۽ مالڪ، الله ڪائنات جي سڀني جزن کي انسان جي خدمت لاءِ مقرر ڪيو آهي. تنهنڪري انسان کي به گهرجي ته هو ڪائنات کي مُسخر ڪري، نه ڪه ڪائنات آڏو جهڪي. انسان جي ڪائناتي شين اڳيان جهڪڻ جي ڪري، هو انسانيت جي مرتبي تان ڪري پوي ٿو. حقيقت ۾ انسان اشرف المخلوقات آهي ۽ خدا جو نائب تنهن ڪري هن جو الله کانسواءِ ٻئي جي اڳيان جهڪڻ، سندس وقار جي به خلاف آهي ۽ الله جي نظر ۾ به هو ڪري پوي ٿو.“ ليو چيو ته ”انساني عظمت بابت مون ڪڏهن سوچيو ئي ڪونه هو.

آئون سمجهندو هوس ته ڪائنات ۾ ڪروڙين مخلوقات مان هڪڙو انسان به آهي. جانورن مان هڪڙو جانور، ۽ انڌي ارتقاء جو نتيجو! جنهن جي وجود جو ڪوبه مقصد ڪونهي. ڪنهن حادثي مان پيدا ٿيل شيءِ! ڄائو وڏو ٿيو ۽ مري ويو. بس! ”ٿوري دير خاموش رهڻ ڪانپوءِ ليو پاڻ مرادو چوڻ لڳو ”جيڪڏهن آئون ڪشش ثقل جهڙي اڻڏٺل قوت کي مڃيان ٿو ته پوءِ اڻڏٺل خالق کي ڇو نٿو مڃي سگهان. بيشڪ فڪر ۽ محسوسات جي احاطي ۾ ايندڙ شيءِ خالق، مالڪ نٿي ٿي سگهي، افسوس، ايترو عرصو آئون خالق ڪائنات جو انڪار ڪندو رهيس، جيڪو سيني شين جو رب آهي. مون بنا تار لهرن (Radrio waves) تي ڪڏهن به اعتراض ڪونه ڪيو جيڪي بند ڪمرن ۾ پٿين مان به لنگهي پهچي وينديون آهن. پر منهنجي دل پنهنجي خالق جي موجودگيءَ جي احساس کان خالي رهي. فضا ۾ انسان جي هٿان ناهيل هزارين ميل مٿي موجود سيٽلائيٽ (Satillite) جي انهي صلاحيت کان آئون متاثر ٿيندو رهيس ته ان جون اکيون زمين تي هلندڙ هر شئي کي ڏسن ٿيون پر رب العالمين جي ڏسڻ تي ڪڏهن به اعتبار ڪونه ڪيم.“

مون ليو کي چيو ”يلا ٻڌاءِ ته ماءُ جي دل ۾ ٻچڻ لاءِ محبت ڪير ٿو وجهي؟ ۽ ٻچن کي ماءُ ڏانهن ڊوڙي اچڻ جو ڪير ٿو چوي؟ ڪڪڙ جي بدن ۾ جوڳي مان بيضو ڪير ٿو ناهي ۽ پوءِ گوشت ۽ کل سان چوزو ڪير ٿو پيدا ڪري؟ سج ۾ ڪروڙين سالن تائين ختم نه ٿيندڙ ٻارڻ جو انتظام ڪير ٿو ڪري؟ ۽ اهو به ته ڪائنات مان ايندڙ خطرناڪ شعاع زمين فضا سان ٽڪرائجي موٽي وڃن ٿا ته جيئن هتي رهندڙ مخلوق کي نقصان نه رسي، اها ڪنهن جي ڊزائين آهي؟ هتي جا جانور مرڻ ڪانپوءِ ڪني ٿيڻ کان محفوظ رهن ته جيئن انهن جو گوشت ٻين جانورن لاءِ خوراڪ بنجي. ان لاءِ سمنڊن کي لوڻاسو بنايو ويو آهي؟ خشڪي تي رهندڙن لاءِ زمين جي اندر، مٺي پاڻي پهچائڻ جو انتظام ڪنهن ڪيو؟ ليو صاحب! منهنجا



دوست! ٻڌاءِ ته اهو ڪير آهي؟ چئو ته، اهو توهان جو ۽ منهنجو الله آهي؟ ”يلا ٻڌاءِ، ليو صاحب! ته آئين اسٽائين، توانائي ۽ ماده جي وچ ۾ لاڳاپو (E=mC2) ذريعي معلوم ڪيو هو پر اهو حساب ڪنهن جو تيار ڪيل آهي؟ ڪنهن ڌرتي کي مجبور ڪيو ته هو پنهنجي محور تي 67.5 ڊگريون لڙي بيهي، ته جيئن هتي رات ڏينهن ٿين ۽ موسمون به ڦرنديون رهن؟ اهو ڪير آهي، جنهن ”لاوجود“ کي بگ بينگ ذريعي وجود ۾ بدلائي ڇڏيو؟ ڪنهن سخت گرم گئيسن جي لهرن مان چمڪندڙ سج ۽ زندگي بخش خوبصورت شيون بنايون آهن؟“

ليو منهنجي هر سوال تي هوريان هوريان الله چوندو رهيو. ڏٺم ته سندن اکين ۾ ڳوڙها پئي تريا. اهو ڏسي منهنجيون اکيون به پيجي ويون. ايندڙ ٽن تائين اسان جي وچ ۾ ڪابه گفتگو ڪانه ٿي. ان کان پوءِ جڏهن به موقعو ملندو هو ته ڪيس الله جي هستي ۽ آخرت بابت ٻڌائيندو هوس. مون محسوس ڪيو ته اسلام جي گهڻين ڳالهين جي ڪيس اڳئي خبر آهي. هڪڙي ڏينهن هن اوچتو مون کي چيو ته ”سائين! توهان جي ڳالهين منهنجي ذهن ۾ وڏي اٿل پٿل پيدا ڪري ڇڏي آهي. منهنجو آرام ڦٽي پيو آهي.“ مون چيو ته ”ليو! توهان مون کي پنهنجي اولاد وانگر لڳو ٿا، انهي ڪري مون اهي سڀ ڳالهيون توهان سان ڪيون آهن. ته آخرت جي تياري ڪري سگهون. مثال طور جيڪڏهن توهان کي پڪي طرح خبر پوي ته هن هوٽل ۾ هڪڙو ٽائيم بم رکيل آهي، جيڪو ڦاٽڻ وارو آهي ته توهين ڇا ڪندا؟“ ليو چيو ته، ”هوٽل انتظاميه کي خبردار ڪندس، جي انهن مون تي اعتبار نه ڪيو ته هوٽل جي هر ڪمري ۾ رهندڙن کي ٻڌائڻ لاءِ رڙيون ڪندس ته يڪدم نڪرو نه ته مري ويندو.“

مون چيو ته، ”آئون به انهي جذبي تحت ته سياڻي جيڪي ڳالهيون پيش اچڻيون آهن، سي ماڻهن کي ٻڌائڻ منهنجي لاءِ ازحد ضروري آهن. انهيءَ ڪري توهان کي به اهي سڀ ڳالهيون ٻڌايون اٿم. جيئن ته اهي

ڳالهيون نبي ڪريم ﷺ صادق مصدوق اسان کي ماڻهن کي خبردار ڪرڻ لاءِ ٻڌايون آهن، سي بالڪل سچون آهن. انهيءَ ڪري اهي سچيون ڳالهيون هر هڪ کي ٻڌايان ٿو.

ڪجهه سالن کانپوءِ هڪ چيني وفد ۾ ليو پاڪستان آيو. هن مون کي فون ڪيو ۽ سندس نالو پڇيم ته. ته هن جواب ڏنو ته ”منهنجو نالو ليو عبدالله آهي.“

**(ڪتاب ”ليو چيو“ تان ورتل)**



# علي نيشاف

## (ڪميونسٽ دانشور)

حياتي هڪڙو خواب آهي پر اهڙو خواب جنهن جي حقيقت کان ڪوبہ انڪار ڪري نٿو سگهي. آئون پنهنجي حياتيءَ ۾ آيل ڦيرن گهيرن تي جڏهن بہ سوچيندو آهيان تہ گمان ٿيندو آهي تہ شايد ڪو خواب پيو ڏسان، پر منهنجا حواس منهنجي خواب کي رد ڪندا آهن. آئون سوچيندو آهيان تہ ڪليل اڪين سان ماڻهو خواب ڪيئن ڏسي سگهي ٿو؟

جيڪي ڪي گذري ويو آهي، سا هڪ حقيقت هئي ۽ جيڪي ڪي گذاري رهيو آهيان، سا بہ هڪ حقيقت ئي آهي.

منهنجا ماء پيءُ ملحد هئا، ۽ آئون بہ انهيءَ ملحداڻي ماحول ۾ ڄاوس، نپنس، تنهنڪري ڪنهن بہ اڻڏٺي شيءِ يا غيبي طاقت کان آئون اڻواقف هوس. البتہ منهنجا ماءُ پيءُ ۽ منهنجا گهڻا دوست ٻڌائيندا هئا تہ ، دنيا ۾ ڪيترائي اهڙا بہ ماڻهو آهن، جيڪي ڪنهن ما فوق الفطرت هستيءَ جي وجود کي مڃين ٿا. اهي چون ٿا تہ دنيا کي ڪنهن ما فوق الفطرت هستيءَ خلقيو آهي، آئون جڏهن بہ انهيءَ موضوع تي پنهنجن ماء پيءِ سان ڳالهائيندو هوس تہ هو چوندا هئا تہ اهي سڀ خيالي ڳالهيون آهن. هو دليل ڏيندي چوندا هئا تہ آڳاٽي زماني ۾ انسان کي علم ڪونہ هوندو هو ، ان ڪري هو وهمي ڳالهين تي ويساهہ ڪندا هئا، پر جڏهن ڪارل مارڪس دنيا کي معاشي ضرورتن جو احساس ڏياريو ، تڏهن کانپوءِ قديم سرمائيداري نظام جو منڍ پڄي پُري ختم ٿي ويو .

ڪارل مارڪس دنيا کي ٻڌايو تہ سرمائيدارن پنهنجي طرفان هڪڙي فرضي مافوق الفطرت هستيءِ کي بنايو هو . ان مافوق الفطرت هستيءَ کي ڏار ڏار نالن سان سڏيو ويچي ٿو . ان جي آڏار تي، سرمائيدارن، غريبن جو استحصال ڪيو ۽ اڄ بہ ڪندا پيا اچن ٿا. پئيداواري وسيلن تي

سرمائيدارن جو قبضو آهي. غريبن جي مجبوري ۽ لاچاريءَ جو ناجائز فائدو وٺي، سرمائيدارن انهن جي ڪمايل خزانن کي پنهنجي قبضي ۾ ورتو آهي. انهن ئي سرمائيدارن تقدير پرستيءَ جي ٿيوري ايجاد ڪئي آهي . ان بابت هو چون ٿا ته ان مافوق الفطرت هستيءَ، غريبن کي بک ۽ غربت ڏني آهي. پر اها نڳي آهي، جنهن جي ذريعي هو غريبن جي غربت، بيوسي ۽ بک مان غلط فائدا وٺن ٿا. ڪارل مارڪس پنهنجي دوست اينگلز جي مدد سان ان نڳيءَ جي ناهه کي واڪو ڪيو. ۽ غريبن مزدورن بکن ۽ ڏکن ۾ ورتل ماڻهو کي پاڻ سان ملائي روس ۾ انقلاب برپا ڪيو. جنهن جي نتيجي ۾ غريب ۽ مزدور ملڪ جا مالڪ بنجي ويا ۽ پيداواري وسيلن تان قابض سرمائيدارن کي ماري ختم ڪري ڇڏيائون .

آئون جنهن تعليمي اداري ۾ پڙهندو هوس، اتي الحادي تعليم تي وڏو زور ڏيندا هئا. ڪميونزم جي هن درسگاهه ۾ هزارين نوجوان پڙهندا هئا، جن کي استالن جا فرمان بر زبان ياد ڪرايا ويندا هئا. 25 سالن جي عمر ۾ آئون هڪ مضبوط نوجوان ۽ فولادي ڪميونسٽ بنجي چڪو هوس، ۽ زيگانيشاف جي نالي سان ڪي قدر مشهور به ٿي ويو هوس. اداري ۾ مون کي خاص طور تي تقرير جو فن سيکاريندا هئا. جنهن جي ڪري ڪجهه عرصي ڪانپوءِ آئون تقرير ڪرڻ ۾ پڙ ٿي ويس. ان وقت جي روسي حڪومت مون کي مختلف ملڪن جا دورا به ڪرايا. اتي وڃي مون الحادي نقطه نظر کي واضح ڪرڻ لاءِ تقريرون ڪيون.

پر هڪڙي ڳالهه خبر ناهي ته ڇو، آئون ڪڏهن ڪڏهن ڳالهائيندي ڳالهائيندي ڇرڪ پريندو هوس. انهن ڏينهن ۾ منهنجي طبيعت ۾ ائين ئي خيال پيدا ٿيڻ لڳا ته جڏهن مون، پنهنجو وجود پاڻ حاصل ڪونه ڪيو آهي ته پوءِ هي ڪائنات ازخود ڪيئن ٿي آهي؟

اتي محسوس ٿيڻ لڳو ته منهنجي زندگيءَ ۾ رڳو روٽي روزي سڀ ڪجهه ڪونهي. بدن ۾ روح به موجود آهي، پر اهو روح آهي ڇا؟ آئون



ڪڏهن ڪڏهن ڏاڍو خوش هوندو آهيان، ته ڪڏهن ڪڏهن غمگين ۽ مايوس ڇو ٿي ويندو آهيان؟

لڳاتار سوچن جي ڪري هوريان هوريان مون تي ڪائنات جا راز کلڻ لڳا. مون پنهنجون اهي ڳالهيون ڪن رهنمائن سان ڪيون، انهن جي آڏو پنهنجا شڪ شبها رکيم خبر پئي ته اهي وڏا وڏا رهنما پاڻ به ڪورا جاهل آهن.

گهر ۾ هڪڙي ڏينهن پنهنجي پيءُ سان انهن خيالن تي گفتگو پئي ڪيم، ته ظلم ته بابا تمام گهڻو ڪاوڙجي ويو آهي. انوقت ڪاوڙ ۾ هن چيو ته توتي ڪنهن مافوق الفطرت هستيءَ جو اثر ٿي ويو آهي.

بابا پنهنجي اثر رسوخ ڪان ڪم وٺي مون کي، روس کان ٻاهر موڪلڻ جو پروگرام رٿيو . سندس خيال هو ته روس کان ٻاهر وڃي، آئون جڏهن مذهب پرستن جي پرڪارن کي ڏسندس ته مون کي پاڻهيء اندازو ٿي ويندو ته ڪميونزم دنيا لاءِ ڪيڏو نه سٺو نظام آهي، بس اهوئي زندگيءَ جو اهڙو موڙ هو، جنهن منهنجي حياتيءَ ۾ انقلاب جو دروازو کوليو . مصر ۽ شام جي لڪل انقلابين کي همٿ ڏيارڻ ۽ مدد ڪرڻ لاءِ هڪڙو گروپ ٺاهيو ويو. مون کي ان گروپ جو ليڊر بنايو ويو . مصر ۽ شام ۾ ڪا في الحادي انقلابي موجود هئا، انهن سان ئي مون کي رابطو ڪرڻو هو . پر جڏهن آئون انهن ملڪن ۾ آيس ته مون کي ائين لڳو، ڄڻ دنيا ۾ منهنجي رهڻ جي اصل جاءِ اها ئي آهي. ۽ هتي رهندڙ مسلمان، ڌرتيء تي بهترين مخلوق آهن. مسجد مان جڏهن به اذان جو آواز منهنجن ڪنن ۾ پوندو هو ته مون تي وجد طاري ٿي ويندو هو. نمازين کي ايندو ويندو ڏسندو هوس ته مون کي پنهنجي باري ۾ سوچڻو پوندو هو ته آئون ڪير آهيان، ۽ آئون به ائين ڇو نٿو ڪري سگهان، جيئن هي مسلمان ڪن ٿا.

هتي آئون مسلمانن سان ڪميونزم جو تعارف ڪرائڻ لاءِ آيو هوس، پر مسلمانن سان تعارف ٿيڻ ڪانپوءِ آئون پاڻ اسلام جو محبتي عاشق ٿي

ويس، هڪ دفعي جڏهن مون کي خبر پئي تہ مساوات، اسلامي عقيدي مطابق اسلام جي هڪڙي اهم خاصيت آهي، تہ مون کي وڏي حيرت ٿي، وائڙو ٿي ويس. ان جو سبب اهو هو جو اڄ تائين آئون سمجهندو هوس تہ اسلام ، سرمائيداري جو حامي آهي، پر اسلام جي اها خوبي ڏسي منهنجي اسلام ۾ دلچسپي تمام گهڻي وڌي وئي، مون طئي ڪيو تہ آئون باقاعدي اسلام جو مطالعو ڪندس ۽ حقيقت معلوم ڪندس. مون عالمن سان بہ رابطا ڪيا. ۽ انهن ڪوشش جي نتيجي ۾ مون کي اسلام بابت زبردست معلومان حاصل ٿي. جيئن جيئن منهنجو مطالعو وڌندو ويو، تيئن تيئن سيني ۾ جذبات جو سمنڊ چوليو هڻڻ لڳو. قاهره ۾ ڪجهہ وقت رهڻ جو مون کي موقعو مليو، ان دوران مون اسلام تي دنيا جا بهترين ڪتاب پڙهيا. نتيجو اهو نڪتو جو محسوس ڪيم تہ اسلام جي پيٽ ۾ ڪارل مارڪس ۽ اينگلز جي ڪا بہ حيثيت ڪانهي. اجا بہ ائين ڪٿي چئجي تہ انساني حقن ۽ مساوات جو اصل تصور دنيا کي اسلام ئي ڏنو آهي، اسلام جي پيش ڪيل فلسفي ۽ قانون مان ئي دنيا جي مفڪرن نتيجا ڪڍيا ۽ پنهنجا فلسفا ٺاهي پيش ڪيا آهن.

هڪڙي رات مون خواب ڏٺو، تہ مارڪس ۽ اينگلز مون وٽ ملاقات لاءِ آيا آهن، ٻنهي جون ڏاڙهيون ڪافي وڌيل آهن، اکيون ڳاڙهيون اٿن. بدحواسي سندن مهاندن مان ظاهر هئي. سندن هٿن تي ڪي اکر لکيل آهن، پر اهي ڪنهن اهڙي زبان ۾ هئا، جن کي آئون پڙهي ڪونہ سگهيس. منهنجي پڇڻ تي انهن ٻنهي پنهنجو تعارف ڪرايو ۽ ٻڌايائون تہ هٿن تي فرشتن اهي اکر لکيا آهن يعني ”گمراهہ“ ٻنهي ٻڌايو تہ اسلامي مساوات تي سندن فلسفي جو بنياد اسلام آهي، پر انهن خدا کان بي نيازي پيدا ڪري، انساني نسل کي گمراهہ ڪيو آهي، تنهنڪري هاڻي سندن رهڻ لاءِ شيطاني دنيا ۾ جاءِ رکيل آهي. انهن مون کي خراب پڇاڙيءَ کان بچڻ لاءِ اسلام قبول ڪرڻ جي نصيحت ڪئي.



ڳالهيون تہ گهڻيون آهن، پر مون پنهنجو ماضي وساري، اسلام قبول ڪرڻ جو پڪو ارادو ڪيو. مون کي ان حقيقت جو بہ احساس هو تہ اسلام قبول ڪرڻ کانپوءِ مون کي ڏاڍيون مصيبتون ۽ تڪليفون ڏسڻيون پونديون. ٿي سگهي ٿو تہ الحاد جا حامي مون کي ماڳهين ماري ڇڏين. پر اسلام جڏهن دل ۾ جاءِ ڪري ويندو آهي تہ پوءِ اهو جان کان بہ وڌيڪ پيارو ٿي پوندو آهي. سو مون قاهره ۾ مسلمانن جي هڪڙي ميڙ ۾ مسلمان ٿيڻ جو اعلان ڪيو ۽ ڪلمو پڙهيم. آئون ريگانيشاف جي بدران هاڻي علي نيشاف بنجي ويس. البتہ مون نالي ۾ پنهنجي روسي شناخت کي قائم رکيو تہ جيئن واپس روس وڃي سگهان. پر جلاوطني شايد منهنجي نصيب ۾ لکيل هئي.

کهڙي نہ عجب جي ڳالهہ آهي، جو مون کي مصر ۾ مسلمانن کي الحادي بنائڻ لاءِ موڪليو ويو هو، ۽ مون کي بہ پاڻ تي وڏو اعتماد هو تہ آئون روشن دماغ آهيان، ذهانت کان ڪم وٺي مصري نوجوانن کي ڪميونزم جي رنگ ۾ رنگي ڇڏيندس، پر هتي مسلمانن سان گڏ رهڻ جي ڪري ماڳهين آئون اسلام جي رنگ ۾ رنگجي ويس. الحمدللہ، آئون اڄ مسلمان آهيان، مون کي اهو چوندي ڪابہ هٻڪ ڪانهي تہ عالم اسلام جي علمي حلقن سان منهنجا گهاٽا لاڳاپا آهن. ڪميونزم جي برخلاف مون هاڻي قلمي جهاد ڪرڻ جو ارادو ڪيو آهي، ٿورو گهڻو ڪم شروع بہ ڪري ڏنو اٿم، مون کي ڏاڍي خوشي ٿيندي آهي، جڏهن آئون ڏسندو آهيان تہ ڪميونزم بابت جڏهن آئون خيالن جو اظهار ڪندو آهيان، تڏهن ڪميونسٽ ۽ ملحد حلقا پوئتي هٽڻ لڳندا آهن. منهنجن دليلن جو انهن وٽ ڪو بہ جواب ڪو نہ هوندو آهي.

اسلام جي برتري ان مان ئي پڌري ٿئي ٿي، تہ اسلام فقط روٽي، ڪپڙي ۽ مڪان جي ڳالهہ ڪونہ ٿو ڪري، اسلام جي نظر ۾ اهي شيون زندگيءَ جون تمام سطحي ضرورتون آهن. انسان جي وڏي ضرورت انسان جي ڪردار سازي آهي. اسلام سڀ کان وڌيڪ زور ڪردار سازيءَ تي ڏنو آهي. اسلام دنيا جو واحد مذهب آهي، جيڪو اخلاق يا اخلاقي قدرن تي تمام

گهڻو زور ڏئي ٿو . زندگيءَ جو ڪو بہ پهلو اهڙو ڪونهي، جنهن جي باري ۾ اسلام واضح حڪم صادر نہ ڪيا هجن. عدل ۽ مساوات جو جيڪو نظير ، اسلام دنيا جي سامهون پيش ڪيو آهي، سو چمڪندڙ سج وانگر بکندڙ آهي. الحاد جي علمبردارن وٽ نہ علم آهي ۽ نڪي علم جو ڪو تصور آهي ۽ نہ ئي انهن جي ڪتابن ۾ اخلاقيات جي ڪا اهميت آهي. ڪميونزم يا الحاد جي حامين، انساني نسل کي بہ چوپاين جي نسل جهڙو ئي سمجهيو آهي. انساني حقن جي حفاظت جو جيڪو چارٽ الحادين ٺاهيو آهي، سو غور سان ڏسجي تہ اصل ۾ انساني حقن جي پامالي جو چارٽ آهي، جتي عورتن جي نسوانيت کان ئي انڪار ڪيو ويو آهي، الحادي معاشري ۾ مرد زور آور آهي، جيئن ڪپيس، تيئن عورتن کي استعمال ڪري سگهي ٿو . حلال ۽ حرام جو ڪو بہ تصور الحادين وٽ آهي ئي ڪو نہ. جڏهن تہ اسلام هر قدم تي دنيا جي رهنمائي ڪري ٿو . جيڪڏهن اسلام نہ هجي ها تہ دنيا اونداهہ غار وانگر هجي ها. مون پنهنجي لکيل ڪتاب ”اسلام ۽ عالمي مذهبن جي پيٽ“ ۾ واضح ڪيو آهي تہ فرضي مذهب جٽادار نہ هوندا آهن. انڌا اونڌا عقيدا يا ڏنڊي جو زور ڪجهہ نسلن کي تہ متاثر ڪري سگهن ٿا. پر گهڻي دير تائين اهي پنهنجو وجود برقرار نٽا رکي سگهن. پر اسلام قيامت تائين لاءِ آهي.ڌرتيءَ جي گولي تي رهندڙ نسلن کي هو هڪڙو اهڙو نظام. عطا ڪري ٿو. جيڪو زمان ۽ مڪان کان بلند آهي، جڏهن تہ الحادي نظام پنهنجي ناڪامي جو اعلان پاڻ پيو ڪري .

بهرحال اڄ آئون مضبوط عقيدي وارو مسلمان آهيان. جيڪڏهن منهنجا دشمن مون کي چون تہ آئون پنهنجو ايمان بچائڻ لاءِ جان کي وڏيڪ سمجهان ٿو يا موت کي، تہ انهن لاءِ منهنجو اهو جواب آهي تہ آئون موت کي خوشيء سان قبول ڪندس، پر ايمان هٿان ڪونہ ڇڏيندس. (انشاء الله)



# مؤمنه

## (چنا ارچنا)

29 نومبر سن 2003ع تي صبح جو ڏاڍو سهڻو نظارو هو. موسم بهترين هئي. ٿڌي هير پئي لڳي. اٽڪل 9 بجي آئون پنهنجي ننڍڙي ڌيءَ ڪڇ ۾ ڪري، ڪانپور کان لکنؤ وڃڻ واري بس ۾ ويهي رهيس. ٿوري دير ڪانپوءِ بس هلي مسافرن ڪنڊيڪٽر کي پئسا ڏئي ٽڪيٽ وٺڻ شروع ڪيا.

مون پرس کوليو تہ جيئن پئيسا ڏئي ٽڪيٽ وٺان، پر اهو ڏسي منهنجون وايون بطال ٿي ويون تہ پرس ۾ جيڪي پئسا رکيا هوم، سي آهن ئي ڪونہ. هٿ پير ساٽا ٿيڻ لڳا، دل جو ڌڙڪو وڌي ويو. پرس کي گهڻي ئي دفعا ابتو سبتو ڪيم. ڇنڊيم ڦوڪيم، پر مشڪل سان ٻٽيهہ روپيا نڪتا، ڪرايو اٺتيهہ روپيا هو. ڪنڊيڪٽر وڏي سڏ چيو تہ ڪهڙي مفاسر ٽڪيٽ ڪونہ ورتو آهي؟ سيٽ تان اٿيس ۽ ڪنڊيڪٽر جي هٿ تي 32 روپيا رکي، اچي پنهنجي جاءِ تي ويٺس ۽ دريءَ مان ٻاهر ڏسڻ لڳس. ڪنڊيڪٽر رڙ ڪري چيو تہ مائي پورا پئسا ڏي يا هيٺ لهي وڃ.

آئون اهڙي ڪچان جهڙي پٽ وات مان آواز نہ نڪري، دل دماغ ۾ طرحين طرحين خيال گردش ڪرڻ لڳا. بس گنگا ندي جي پل تان لنگهي رهي هئي، ڪنڊيڪٽر وري رڙ ڪئي. مائي پئيسا پورا ڏي يا بس مان لهي وڃ ائين هن ڊرائيور کي چئي سبس بيهاري ڇڏي چوڻ لڳو مائي لهي وڃ بہ ٽي دفعا چيائين. سڄي بس ۾ خاموشي ڇانئجي وئي. سڀ پيسنجر ڪنڌ مٿي ڪري مون ڏانهن ڏسڻ لڳا ۽ آئون شرم وچان، سياري ۾ پگهر ۾ شم ٿي ويس.

ايتري ۾ هڪڙو ماڻهو، ڪاري شيرواني سان ڊرائيورجي پويان سيٽ تي ويٺل هو ۽ اخبار پئي پڙهائين. ڪنڌ مٿي ڪري ڪنڊيڪٽر کان پڇائين: ڇا معلوم آهي؟ هن جواب ڏنو ته هي ميڊم پررو ڪرايو نٿي ڏئي ۽ لهي به ڪونه ٿي. هن مون ڏانهن ڏنو ۽ ڪنڊيڪٽر کي چيائين: ڪيترا پئيسا گهٽ آهن؟ هن چيو: ڇهه روپيا گهٽ آهن. هن صاحب ڏهن جو نوٽ ڪڍي ڪنڊيڪٽر کي ڏنو ۽ چيائين پنهنجا پئيسا لاهه ۽ باقي موٽائي ڏئي. بس هلڻ لڳي. بس تيز رفتاريءَ سان پئي هلي. گهر، وڻ ٻنيون تيزيءَ سان پوئتي ٿينديون ويون. توري دير ۾ آئون به سامت ۾ اچي ويس. پر خيالن ۾ احساسن ۾ گم هيس. لکنو اچي ويو. آئون تڪڙو تڪڙو بس مان لهي هڪڙي پاسي بيهي رهس. سوچيو ته هي نيڪ ماڻهو لهي ته سندس شڪريو ادا ڪريان. جڏهن اهو صاحب لٿو ته آئون اڳتي وڌي آيس، ۽ سندس شڪريو ادا ڪرڻ لڳيس، ان وقت اکين مان نڪرندڙ ڳوڙهن کي روڪڻ جي ڪوشش ڪري رهي هيس. هو صاحب چوڻ لڳو: ڪا ڳالهه ڪانهي اهي لفظ چئي وڃڻ لڳو، پر اوچتو پويان مڙي پڇڻ لڳو: ڪهڙي ڳالهه جو شڪريو ادا ڪيو اٿو. اهو شايد انهيء ڪري پڇيائين جو ڏسڻ ۾ ته آئون خوشحال ڪٽنب جي پئي آيس. بهترين ڪپڙا پاتل ۽ زيور زڙا به هئا. مون کيس ٻڌايو ته ادا گهران نڪرڻ وقت خيال هوم ته پرس ۾ ڪافي رقم پيل آهي، پر خبر ناهي ته ڇا ٿيو جو اندر پئيسا ڪونه هئا. هن چيو: ڪڏهن ڪڏهن ائين ٿي ويندو آهي. توهان کي ڪيڏانهن وڃڻو آهي؟ مون کيس ٻڌايو ته حسين گنج ۾ رهان ٿي، پيادل هلي ويندس، هن چيو: هي ننڍڙي به ته آهي ۽ بئگ به ڳرو ڏسڻ ۾ پيو اچي. ( واقعي اهو ڳرو هو ). توهين ڪجهه پئيسا وٺو ۽ رڪشا ڪري وڃو. هن مونڏانهن ويهن روپين جو نوٽ وڌايو. مون گهڻي ئي نهڪار ڪئي، پر هن زبر دستي اهو نوٽ مون کي ڏنو ۽ هليو ويو.

مون رڪشا واري کي سڏيو ۽ گهر اچي ويس. پر دل تي ان ماڻهوء جو اهڙو نقش ڇتجي ويو جيڪوڊهي نٿي سگهيو. شام جو مون اها ڳالهه سربستي مون پنهنجي مڙس امت ڪمار سان ڪئي. هو به ڏاڍو متاثر ٿيو ۽ چوڻ لڳو ته ياڳ پري هن جو نالو، پتو يا فون نمبر ته وٺين ها. مون کي به ڏاڍو افسوس ٿيو ته بيشڪ مون کي نالو. پتو وغيره پڇڻ گهرجي ها پر سچ ته اهو هو جو ان وقت منهنجو عقل گم تي ويو. هاڻي ته رات ڏينهن سوچيان ٿي ۽ دل به ڏاڍي چوي ٿي ته ڪاش، ان چڱي انسان سان وري ملاقات ٿئي.

ڪيترائي ڏينهن لنگهي ويا، اسين ٻئي اڪثر هن جو ڳالهيون ڪندا هئا سين. کيس ياد ڪندا هئا سين ۽ رستي هلندي اسان جون اکيون ان ماڻهوء کي ڳوليندڀون هيون. جڏهن به ڪو اهڙو ماڻهو. شيرواني. ٽوپي ۽ ڏاڙهيءَ سان ڏسندا هئا سين امت چوندو هو ته هن کي سڃاڻ، اهو ته ڪونهي؟ اهڙا ماڻهو ڏٺاسين پر اهو ماڻهو ڪٿان ٿو لڀي !

هڪڙي ڏينهن اسين ٻئي مارڪيٽ مان سيڌوسامان خريد ڪرڻ وياسين . اسين ڪچهري روڊ امين آباد تان ويا سون پئي ته اوچتو منهنجي نظر هڪڙي ماڻهوءَ ته وڃي پئي، پر کيس ڪرتو پاجامو پاتل هو. ڏسندي ئي دل گواهي ڏني ته هي اهو ساڳيو ماڻهو آهي، جيستائين ڪو فيصلو ڪري امت کي ٻڌايان، تسيتائين اهو ماڻهو اسان وٽان لنگهي اڳتي هليو ويو. مون امت کي چيو ته شايد هي ماڻهو اهو ساڳيو آهي، ڊوڙي وڃي ٻهارينس، امت هن ڏانهن ڊوڙيو ۽ کيس روڪيائين. آئون به تڪڙي وڃي پهتس، مون ڇتائي ڏنو ته ماڻهو ته اهو ساڳيو آهي، جنهن کي اسان ڳولهيو پئي. اسان کيس نمستي چيو. هو حيرت مان اسان کي ڏسڻ لڳو. مون کيس چيو ته، توهان مون کي سڃاتو؟ هن جواب ڏنو ته معاف ڪجو، آئون توهان کي سڃاڻي ڪونه سگهيو آهيان. مون کي اندر ۾ تڪليف محسوس ٿيڻ لڳي ته جنهن ماڻهوءَ جي تصوير منهنجي دل دماغ تي ڪيتري عرصي کان حاوي آهي، سو مون کي نٿو سڃاڻي! امت کيس چيو ته سائين، ٿورو سوچيو ۽ سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪريو. هن چيو ته ادا، مون کي بلڪل ياد ڪونه ٿو اچي مهرباني ڪري توهين پاڻ پنهنجي باري ۾ ڪجهه ٻڌايو مون چيو: ته

ڪجهه عرصو ڪانپور کان ايندر بس ۾ توهان سان ملاقات ٿي هئي، توهان ٽڪيٽ جي پئسن ۾ منهنجي مدد ڪئي هئي. اهو ٻڌي هو کلڻ لڳو پوءِ چيائين ته " اچو چانهن پيون" اسين هن ماڻهو سان ملڻ لاءِ بيقرار هئا سون، سو يڪدم سندس آڇ قبول ڪئي سون ۽ ويجهي هڪڙي هوٽل ۾ وڃي ويناسون.

سڀ کان اڳ اسان هن جو شڪريو ادا ڪيو ۽ پنهنجي مجبوري بيان ڪئي سون ۽ پنهنجو سچو احوال ٻڌايو سين، هو وچ ۾ هر هر چوندو رهيو ته اها ڪا اهڙي ڳالهه ڪانهي، جنهن کي توهين ايترو ياد ڪريو. ڇڏيو انهن ڳالهين کي، امت پنهنجي ڊائري ڪڍي چيو : سائين ! پنهنجو نالو ۽ ايڊريس ٻڌايو. هن پنهنجو نالو پتو ۽ فون نمبر لکارايو. ۽ هن امت جو نالو، پتو ۽ فون نمبر پني ٽڪر تي لکي کيسي ۾ رکيو. خبر پئي ته ڊاڪٽر صاحب، سراءِ مير اعظم ڳڙهه ۾ رهي ٿو. امت منهنجي چوڻ تي کيس عرض ڪيو ته چانهن جا پئيسا اسين ڏينداسين. پر هن ڪونه مڃيو اتي مون چيو ته ڊاڪٽر صاحب! مون کي ڏاڍي خوشيءَ ٿيندي، جو چانهن جا پئيسا آئون ڏيان. ان تي هو خاموش ٿي ويو ۽ امت پئيسا ڏنا.

مون هلڪي آواز ۾ چيو: ڊاڪٽر صاحب هڪڙي ڳالهه چوان، جي محسوس نه ڪريو هي چويهه روپيا رکو. هن آواز ٿورو وڏي ڪري چيو اهو وري توهان ڇا ٿا ڪريو؟ جيڪڏهن هن ملاقات کي توهين پهرئين ۽ آخري ملاقات سمجهو ٿا ته پوءِ ڏيو نه ته اهڙيون ڳالهيون نه ڪريو. پر امت زوري 26 روپيا هن جي کيسي ۾ وجهي ڇڏيا.

مون چيو: ڊاڪٽر صاحب ! ڪڏهن اسان جي گهر اچو. هن چيو: هر گز نه ڪڏهن به ڪونه ايندس. ٻه ڳالهيون توهان مون کان زبردستي مڃارايون آهن. هاڻي منهنجو شرط آهي ته پهرئين توهين منهنجي گهر اچو. ٿوري ريڙهه پيڙهه ڪانپوءِ اسان واعدو ڪيو ته اسين جلد توهان وٽ ضرور ايندا سون. پوءِ هڪ ٻئي کان موڪلايوسين.



ايندڙ آچر تي ئي امت چيو ته: هلو ڊاڪٽر صاحب جي گهر هلون. فون ڪيو سين، هن جواب ۾ چيو : ڀلي ڪري اچو آئون توهان جو انتظار ڪندس. واعدي مطابق اسين شام جو نڪتاسين. سچ پڇو ته، زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو ائين پئي محسوس ٿيو ته منهنجو ڪو به ڀاءُ آهي ۽ آئون پنهنجي ڀاءُ جي گهر وڃان. اصل ۾ منهنجو ڪو ڀاءُ يا ڀيڻ ڪانهي. امان بابا ته ڪافي اڳ وفات ڪري ويا هئا. هن وقت منهنجا مائٽ فقط منهنجا ساهوار آهن.

اسين اتي پهتاسين، ڊاڪٽر صاحب پنهنجي آفيس اڳيان اسان جو انتظار ڪري رهيو هو. ڏاڍي محبت سان مليو ۽ آفيس بند ڪرائي گهر وٺي آيو. گهر ۾ اسين ويناسين ، ڊاڪٽر صاحب پنهنجي اهليه ام سلميٰ اعظمي سان اسان جي ملاقات ڪرائي. هوءَ مون جيڏي آهي يا هڪ اڌ سال جو فرق هوندو ننڍي هوندي، هن سان ملي ڏاڍي خوشي ٿي. مرڪندڙ سهڻو منهن، سياءُ ۾ رلڻي ملڻيءَ رڌڻ ۾ سگهڙ، دعوت جو به چڱو موچارو اهتمام ڪيو هئائون. چانهن دوران مون چيو: ڊاڪٽر صاحب! جيڪڏهن اجازت هجي ۽ ڪو حرج نه سمجهو ته ماني آئون ٿي پچايان. ننڍڙو ڪڪوبه روئي پيو، ڀاڀي به پريشان آهي. هن چيو: پنهنجي ڀاڀي کان پڇو. توهين هتي پاڻ کي پنهنجي گهر ۾ ئي سمجهو. اهي لفظ ٻڌي ته مون کي اجان به وڌيڪ خوشي ٿي. مون تمام گهڻو چيو ته آئون رڌ پچاءُ مدد ڪريان، پر ڀاڀي چيو: اڄ نه ! آئنده جڏهن اچو ته بيشڪ مانيون پچائي ڏجو. ان وچ ۾ ڀاڀي مون سان ڳالهيون ڪندي رهي، ۽ هوڏانهن ڊاڪٽر صاحب ، امت کي ڪيترائي ڪتاب ڏيکاريندو رهيو امت هونئن به ڪتابن جو ديوانو آهي. ٻن اڍائي ڪلاڪن کان پوءِ جڏهن اسين وڃڻ لاءِ اٿياسين ته امت وٽ ڪتابن جي پري هئي. هلڻ وقت ڀاڀيءَ مون کي به هڪڙو پيڪيٽ ڏنو ۽ چيائين ته هن کي گهر وڃي کولجو. اسين گهر پهتاسين، رات جا ڏهه وڄي چڪا هئا، پيڪيٽ کوليو ته حيرت ۽ خوشيءَ وچان گد گد ٿي ويس. هڪڙي عاليشان

ساڙهي، بلائوزر ۽ منهنجي ننڍڙيءَ ڌيءَ سمتا لاءِ هڪڙو فراڪ ۽ کلو مٺائيءَ جو پيڪيٽ ۾ هو.

پوءِ ته دل جو دروازو کلي پيو. امت وجهه وٺي، جڏهن به وانڊڪائي ملندي هيس ته ڊاڪٽر صاحب سان ملڻ لاءِ هليو ويندو هو. ڪتاب ڪٺي ايندو هو. رات جو دير تائين پيو پڙهندو هو. پئي ڏينهن موٽائي ايندو هو. آئون به پڙهندي هيس شائتي مارو مڪتي مارگ" جيون مرتيو پشچات" اسلام ․رم،" اسلام جس سے مجھے پیار ہے،" " چالیس حدیث " "قرآن کا پرسچے "۽ قرآن شريف جو ترجمو سڀ پڙهي ڇڏيم. چار پنج دفعا آئون به ڊاڪٽر صاحب وٽ تي آيس. واپسي ۾ هر ڀيري پاپي ٿورا ڪپڙا رنديڪا، ڪاڏي پيتي جون شيون ۽ ڪي ٻيون شيون ضرور ڏيندي هئي. ٻه ٽي دفعا پاڻ به اسان جي گهر آئي. اسين هڪٻئي جي تمام ويجهو ٿي ويون سين. امت، اڪثر ڊاڪٽر صاحب به ڪيس پاڻ وٽ فون ڪري سڏائي وٺندو هو. پر عجب اهو ته اسان جي طرفان ڪيترا ڀيرا ڪيس عرض ڪرڻ جي باوجود هو اسان جي گهر ڪونه آيو هو. هر ڀيري ڪانه ڪا مجبوري يا ڪونه ڪو عذر بيان ڪري آئنده اچڻ جو واعدو ڪندو هو. هڪڙي دفعي اسين سندس گهر وياسين ته خبر پئي ته هن جي طبيعت نيڪ ناهي. بت ساڻو پيو ٿئي. پاپي هن تي ناراض ٿي رهي هئي، خبر پئي ته اج ڪنهن اٺواقف مريض کي رت ڏئي آيو آهي. ٻه مهينا اڳي به ڪنهن مريض عورت کي رت ڏنو هئائين. پاپي ڪاوڙجي پئي. ۽ ڊاڪٽر صاحب چپ رهيو هو ته جيڪڏهن منهنجي رت ڏيڻ سان ڪنهن جي جان بچي سگهي ٿي ته ان ۾ ڪهڙو حرج آهي.

ان وقت مون پاپي جو پاسو ورتو.

امت جڏهن به هن سان ملاقات ڪري ايندو هو ته سندس ڪونه ڪوڪو واقعو ٻڌائيندو هو. ڪيترا ڀيرا هن حيرت ۽ خوشيءَ سان اهڙا واقعا ٻڌايا. مثال طور، اج ڊاڪٽر صاحب سان ملاقات ٿي. هٿ ۾هڪڙي



سامان جي لسٽ جهليو وينو هو اٽو دال، چانور ۽ ٻيو سامان ڪيس وٺي اچڻو هو ايتري ۾ ندوي جو هڪڙو شاگرد ساٿس ملڻ لاءِ آيو. ٿوري دير ڪانپوءِ پنهنجي ضرورت ڊاڪٽر صاحب کي ٻڌائي. ڊاڪٽر صاحب هن کي چار سئوروپيا ڏئي ڇڏيا. ۽ سامان واري لسٽ اتي ئي رهي.

هڪڙي دفعي چوڻ لڳو: اج ڊاڪٽر صاحب صاحب سان ملاقات ٿي، اٿس گڏجي امين آباد آياسين. اتان 350 روپيين ۾ هڪڙو ڪمبل ورتو سين. واٽ تي هڪڙي برقعي سان مائي ملي. چوڻ لڳي ، مولوي صاحب! سنهاٻار سيءَ ۾ ڏڪن ٿا. ڪا سوڙيا ڪمبل وٺي ڏيو. اهو ٻڌندي ئي ڊاڪٽر صاحب اهو ڪمبل مائيءَ کي ڏئي ڇڏيو ۽ هٿين خالي گهر موٽي آيو.

انهيءَ عرصي ۾ امت ۾ وڏيون تبديليون اچي چڪيون هيون. پوڄا ڪرڻ، مندر وڃن هن ڇڏي ڏنو هو جڏهن ته اڳي وڏي پابندي ڪندو هو. گهر مان سڀ تصويرون ۽ مورتيون ڪڍي ڇڏيائين. اسين گهر جا ڀاتي پاڻ به تبديلون محسوس ڪرڻ لڳا سين. ڊاڪٽر صاحب اسانجي گهر ڪڏهن ڪونه آيو جڏهن به چوندا هئاسين ته ڳالهه ٽاري ڇڏيندو هو.

هڪڙي رات، اٽڪل ٻارنهين بجي امت ڏنو ته ڊاڪٽر صاحب وجي پيو. سندس هڪڙي هٿ ۾ اٽي جو ٿيلهو ۽ ٻئي هٿ ۾ ڪجهه ٻيو سامان اٿس هو اسان جي گهٽي ڇڏي ٻي گهٽي ۾ مڙي ويو. امت به گهران نڪري، هن جي پويان لڳو. ويجهو وڃي پڇيائين.

سائين! هن وقت ڪيڏانهن ٿا وڃوءِ هي هٿڻ ۾ ڇا اٿو؟ پهريائين ته ڊاڪٽر صاحب ڳالهه ڦيرائڻ جي ڪوشش ڪئي. پر پوءِ ٻڌايائين ته هتي هڪڙي پوڙهي مائي رهي ٿي. هن جو ڪو به واهر وسيلو ڪونهي، آئون ڪڏهن ڪڏهن ڪجهه سامان وٺي هن کي ڏئي ويندو آهيان. پوءِ ڊاڪٽر صاحب ۽ امت گڏجي مائيءَ کي سامان ۽ ڪجهه پئيسا ڏنا. موٽڻ وات امت ڊاڪٽر کي زوري گهر وٺي آيو. ڊاڪٽر صاحب ڪافي لهرائڻ جي ڪوشش ڪئي، چئي هينئر ڪافي رات ٿي وئي آ، پوءِ ايندس وغيره.

گهر ۾ ڊاڪٽر صاحب کي ڏسي ڏاڍي خوشي ٿيس ۽ ڪاڏي پيتي لاءِ تيار ڪرڻ اٿيس. پر ڊاڪٽر صاحب روڪيو ته ماني ته مون ڪاڏي آهي البته چانهن ٺاهي وٺو ماني وري ڪنهن ٻئي وقت.

بهرحال چانهن بسڪوٽ وغيره اڳيان رکيم ڳالهيون ڪندي امت آخر ۾ چيو ته اسلامي ڪتاب پڙهندي ڪافي وقت ٿيو آهي اسين ائين ڪيستائين پيا هلندا سين؟

ڊاڪٽر صاحب چيو: ته تڪڙ ڇا جي آهي؟ اسان چيو ته جيڪڏهن انهيءَ وچ ۾ موت اچي ويو ته؟ ان تي ڊاڪٽر خاموش ٿي ويو. اٽڪل هڪ بجي امت، ڊاڪٽر صاحب کي سندس گهر ڇڏي آيو. امت واپس آيو. پر اسان کي ننڊ ڪانه آئي ساري رات ايمان، اسلام، جنت، دوزخ ۽ ڊاڪٽر صاحب ۽ ان پوڙهي مائيءَ جو ڳالهيو ڪندا رهيا سين.

ٽي يار مهينا پيا به وچان لنگهي ويا. مون به نماز پڙهڻ جو طريقو ڪجهه ڪتاب پڙهي. ڪجهه ڀاڀي کان سکي ورتو ۽ نماز پابندي سان پڙهڻ لڳاسين. امت جو ٽرانسفر غازي آباد ٿي ويو. اسين لکنو ڇڏي غازي آباد اچي وياسين. هتي اسان نئين زندگي شروع ڪئي هتي اسان باقاعدي اسلام قبول ڪيو. آئون ارچنا مان مومنه تبسم ٿي ويس. امت، عبدالڪريم ۽ سمتا، عظمي ٿي ويئي. زندگيءَ جو سفر جاري آهي. ڊاڪٽر صاحب ٻن سالن کا هر عيد تي سيني لاءِ ڪپڙا ۽ خرچيو موڪليندو آهي. سندس هم زلف محمد يونس ڀاءُ اسان لاءِ تحفا تحائف ڪٽي ايندو آهي. ٻه ڀيرا آئون به لکنو مان ٿي آئي آهيان.

ڊاڪٽر صاحب وارن جو گهر مون کي مائيٽاڻو گهر لڳي ٿو ۽ اسين مائٽن وانگر ئي انهن وٽ ايندا ويندا آهيون. الله تعاليٰ جي در آئون دعا ڪريان ٿي ته شال اهو رشتو هميشه ائين ئي قائم رهي ۽ شال اسين سڀ آخرت ۾ به ڪامياب ٿيون. آمين .



# مون اسلام قبول ڪيو

## (ورتل: تعمير حيات لکنو اپريل 15، 2012ع)

آئون يتيم هوس، جڏهن سمجهه لائق ٿيس ته پاڻ کي هڪڙي يتيم خاني ۾ داخل ڏٺم، خبر ڪانهي ته منهنجا ماءُ پيءُ ڪير هئا ۽ مون کي هتي يتيم خاني ۾ ڪير ڇڏي ويو هو؟ مون کي اها به خبر ڪانه هئي ته يتيم ڪنهن کي چوندا آهن؟ جڏهن شعور آيو ته آهستي آهستي سمجهه ۾ آيو ته يتيم جي معني ڇا آهي. يتيم خاني ۾ مون جهڙا پيا به گهڻا ئي ٻار هئا، جن کي معلوم نه هو ته ماءُ پيءُ ڪنهن کي ٿا چون، هن يتيم خاني جي اها بهرحال هڪڙي خاصيت هئي ته اتي رهندڙ يتيم ٻار مختلف مذهبن سان تعلق رکندڙ هئا. يتيم خاني جي منتظمن جي اها واقعي ايمانداري هئي. جو انهن، هتي رهندڙ ٻارن جا نالا سندن مائٽن جي مذهبن پويان رکيا هئا. ۽ يتيمن کي اها به اجازت ڏني هئائون ته هو جنهن مذهب تي هلڻ چاهين ته بيشڪ ان جا پوئلڳ ٿي وڃن. ان ڪري يتيم خاني ۾ ٻارن جي عجيب حالت هئي، انهن کي اها خبر بلڪل ڪانه هئي ته مذهب ڇا کي ٿا چون؟ خود منهنجي دلي حالت ته اها ئي هئي، جو آئون يتيم خاني ۾ ايندڙ هر مذهبي شخصيت جي وعظ کان متاثر ٿي ويندو هوس. آئون پاڻ کي ڪڏهن عيسائي سمجهندو هوس ته ڪڏهن هندو . ڪڏهن يهودي ته ڪڏهن مسلمان. نتيجو اهو نڪتو جو منهنجي دماغ تي هڪ ئي وقت ۾ ڪيترن مذهبن جو غلبو ٿي ويو هو . مون کي عيسائي پادرين جون ڳالهيون ڏاڍيون ڀليون لڳنديون هيون. پر جڏهن به ڪنهن يهودي راهب جي ڳالهين ڏانهن ڌيان ويندو هو ته گمان ٿيندو ته يهودي مذهب ئي صحيح مذهب آهي ۽ مون کي ان تي ئي عمل ڪرڻ گهرجي. وري هندو مذهب جي ڪنهن پيشوا جي تقرير ٻڌي خيال ٿيندو هو ته مورتي پوڄا ئي نيڪ طريقو آهي.

اهو ئي سبب آهي،جو سالن جا سال هندو مذهب جو فلسفو منهنجي ذهن تي حاوي رهيو. آئون يتيم خاني ۾ ٺهيل مندر ۾ واندڪائي جو وقت وجي گذاريندو هوس، ۽ ڪڏهن ڪڏهن يتيم خاني ۾ چرچ ۾ بہ هليو ويندو هوس. اڪثر ائين بہ ٿيندو هو ، جو مندر ۾ جين مذهب جو ڪو مُني يا ٻڌمت جو ڪو ڀڪشو يتيم ٻارن جي آڏو اچي نيڪيءَ جي واٽ اختيار ڪرڻ لاءِ تلقين ڪندو هو. آئون ڪجهہ وڌيڪ حساس هوس، سو اڪثر سوچيندو هوس تہ اهو مذهبن جو معاملو بہ ڪو گورک ڌنڌو آهي يا ڪا اهڙي ڳجهارت آهي. جيڪا سلڻ سولي ڪانهي.

ساليانی فنڪشن جي موقعي تي ٻارن کي چيو ويو تہ هو مختلف مذهبن جي باري ۾ پنهنجا پنهنجا خيال لکي ڏين. انوقت منهنجي عمر 15 سال کن هئي. مون لاءِ اهو وڏو امتحان هو تہ آئون ڪهڙي مذهب کي پنهنجي منزل چوان ۽ مختلف مذهبن جي باري ۾ ڪهڙي راءِ ڏيان؟

يتيم خاني تي جيئن تہ عيسائين ۽ يهودين جو قبضو هو ، تنهنڪري مون اهو تہ سمجهي ڇڏيو هو تہ انهن ٻن مذهبن جي برخلاف جيڪڏهن مون پنهنجي راءِ ظاهر ڪئي تہ مون لاءِ وڏي مصيبت پيدا ٿي پوندي ۽ ٿي سگهي ٿو تہ مون کي ماڳهين يتيم خاني جي ڇت کان ئي محروم ٿيڻو پوي، تنهنڪري مون وچين واٽ ورتي ۽ لکيم تہ دنيا جا سمورا مذهب انسانن کي نجات ڏانهن وٺي وڃن ٿا. ۽ پوءِ سڀني مذهبن جون خاص ڳالهيون بهترين انداز ۾ بيان ڪيم. اتي مون اهو بہ لکي ڇڏيو تہ افسوس جو منهنجو اسلام جي باري ۾ ڪو بہ مطالعو ڪونهي. منهنجي تمنا آهي تہ اسلام بابت بہ معلومات هٿ ڪريان، تنهن کان پوءِ ئي آئون چئي سگهندس تہ ڪهڙي مذهب کي ڪيتريون مارڪون ڏيان. اهو مضمون پورو ڪرڻ کانپوءِ مون يتيم خاني جي منتظمن جي حوالي ڪري ڇڏيو ۽ مطمئن ٿي ويس. پر مون کي خبر ڪانہ هئي تہ منهنجو اهو اطمينان تمام جلد بي اطميناني ۾ بدلجي ويندو .



ڪڏهن ڪڏهن زندگيءَ ۾ ڪي اهڙا واقعا بہ ظاهر ٿيندا آهن جن جي ڪري دل دماغ جون واٽون متجي ڌار ٿي ويندیون آهن. مون کي يتيم خاني جي منتظمن طرفان هڪڙو خط مليو ۽ خط سان گڏ ڪتابن جو هڪڙو وڏو بنڊل بہ مليو . خط ۾ مون کي چيو ويو هو تہ آئون ٻين مذهبن سان گڏوگڏ اسلام جو مطالعو ڪرڻ لاءِ بہ آزاد آهيان ۽ مذهب اسلام کي سمجهڻ لاءِ انهن ڪتابن کان مدد وٺي سگهان ٿو. اها بہ وضاحت ڪيل هئي تہ وڌيڪ ڪتابن جي ضرورت پوي تہ اهي بہ طلب ڪري سگهان ٿو .

اها صورتحال مون لاءِ بيحد عجيب غريب هئي، سمجهہ ۾ نہ پئي آيو تہ اهو سڀ ڪجهہ ڪيئن ٿيو؟ مون کي خبر هئي تہ يتيم خاني جا منتظم اسلام سان عناد رکن ٿا، ٿي سگهي ٿو تہ انهن اهو خيال ڪيو هجي تہ ڪتابن پڙهڻ کانپوءِ آئون ڪي اهڙا نڪتا گڏ ڪندس، جن مان اسلام جي مخالفت ٿيندي هجي. پر الله کي اهو منظور هو تہ آئون اسلام کي دل جان سان قبول ڪريان، تنهنڪري منهنجي لاءِ هڪڙي نئين واٽ پيدا ڪئي وئي هئي. مون جڏهن اسلامي ڪتابن جو مطالعو شروع ڪيو تہ مون تي استغراق جو عالم طاري ٿي ويو . حياتيءَ ۾ پهريون ڀيرو محسوس ٿيو تہ آئون اونداهہ دنيا ۾ هوس، جنهن جي گندي آبهوا منهنجي وجود کي بدبوءَ سان ڀري ڇڏيو هو . اسلامي ڪتابن جي مطالعي مان معلوم ٿيو تہ حياتي الله جي سڀ کان وڏي نعمت آهي ۽ اسلام، زندگيءَ جي باغ کي سرسبز رکڻ لاءِ سونهري اصول عطا ڪري ٿو . اڄ ڏينهن تائين تہ آئون اهو سمجهندو هوس تہ مذهب، جيڪي ڪي آهن. سي سڀ خيالي آهن ۽ زميني حقيقتن سان ڪنهن بہ مذهب جو ڪو بہ تعلق ڪونہ آهي. مذهب ۾ خيالي اڏام تمام گهڻي آهي، جڏهن تہ زندگيءَ جي حقيقتن جي تقاضا آهي تہ مذهب انهن کي قبول ڪن ۽ انسان نسل کي پريشانين کان نجات ڏيارڻ جي واٽ ڏيکارين. پر موجوده هر مذهب پيچيدگين سان ڀرپور آهي، جنهن جي

ڪري وقت گذرڻ سان گڏ مذهب مان روح نڪري ويو آهي ۽ رڳو ڍانچو وڃي بچيو آهي.

ڪو زمانو هو جو انساني عقل اهو مڃيو هو ته سج، چنڊ، تارا، جبل، سمنڊ ۽ فطرت جا ٻيا مظاهر پوڄا لائق آهن، پر اسلام انسان کي اشرف المخلوقات جو درجو ڏنو ۽ انسان کي ٻي مخلوقات آڏو سر نوائڻ کي حرام ٺهرايو . اسلام دنيا جو پهريون ۽ واحد مذهب آهي، جيڪو خدا جي عبادت جو تصور پيش ڪري ٿو . ۽ هڪڙي ٻي ڳالهه جيڪا سڀ کان اهم آهي، سا اها ته وحدانيت اسلام جو روح آهي. الله کان علاوه ڪنهن به ٻئي کي عبادت لائق سمجهڻ، اسلام ۾ سڀ کان وڏو گناهه آهي. اسلامي ڪتابن کان سواءِ مون کي قرآن مجيد جي انگريزي ترجمي پڙهڻ جي به سعادت نصيب ٿي ۽ آئون قرآن مجيد جي ورقن ۾ الله جي وحدانيت جون ڳالهيون پڙهي حيران ٿي ويس. ڪيترن هنڌن تي قرآن مجيد ۾ اڳوڻين قومن جي عروج ۽ زوال جا سبب پڙهي منهنجي معلومات ۾ تمام گهڻو اضافو ٿيو . مون مختلف مذهبن بابت جيڪا به معلومات حاصل ڪئي هئي، جڏهن اسلام سان انهن جي ڀيٽ ڪيم ته مون کي اسلام هر اعتبار کان ارفع ۽ اعليٰ ڏسڻ ۾ آيو . شروع ۾ مون جڏهن اسلام جو مطالعو ڪيو ته يتيم خاني جي منتظمن جو اهو مشن هو ته مون کان اسلام تي تنقيد ڪرائڻ جا خواهشمند هئا، پر جڏهن مون پنهنجو ڪم مڪمل ڪيو ۽ ان کي يتيم خاني جي منتظمن آڏو، پيش ڪيم ته زلزلو اچي ويو . يهودي ۽ عيسائي منتظمن نه پئي چاهيو ته آئون اسلام جي باري ۾ پنهنجي دل جا سچا جذبا پيش ڪريان، نتيجو اهو نڪتو جو مون کي يتيم خاني مان بي سرو ساماني جي حالت ۾ ڪڍي ڇڏيو ويو .

الله قادر مطلق ۽ مسبب الاسباب آهي. مون جيڪي ڪي لکيو هو ۽ جيڪا تحقيق ڪئي هوم، تنهن مون کي مسلمان ڪري ڇڏيو هو . سو ٿوري گهڻي پڇا ڳاڇا ۽ ڊڪ ڊوڙ ڪانپورءِ هڪڙي اسلامي درسگاهه ڳولهي لڌم



۽ اتي اسلام قبول ڪرڻ جو اعلان ڪيم. پنهنجي تحقيقي ڪم شايع ڪرائڻ جي ڪري هر هنڌ مون کي پذيرائي ملي. الله سائين جا لک لک شڪرانا، اڄ منهنجي عمر 40 سالن کان مٿي ٿي چڪي آهي. مون هيلتائين اسلام تي ڪافي ڪتاب لکيا آهن، جيڪي هٿو هٿ وڪامي ويا آهن. گهڻا ماڻهو مون کا يتيم خاني جو پتو پڇن ٿا. پر آئون ڪن خاص سببن جي ڪري ان جو ڏس ڏيڻ مناسب نٿو سمجهان. الله جو اهو ئي مون تي وڏو احسان آهي جو هن مون کي مسلمان ٿيڻ جي توفيق بخشي. الله ڪري ته دنيا جو هر ماڻهو اسلام جو سپاهي بنجي وڃي ۽ هي دنيا امن امان ۽ عافيت ۽ سلامتيءَ جو گهر ٿي پوي. (آمين)

# محمد صادق

## (ستيندر ملڪ وڪيل)

آئون ستيندر ملڪ 15 آگسٽ 1952ع تي دورالا ضلعي ميرٺ (يوپي - انڊيا) جي ويجهي ڳوٺ نگلا ۾ ڄائو هوس. اسين جاٽ قبيلي سان تعلق رکون ٿا. منهنجو پتا جي (بابا سائين) سرڪاري اسڪول جو هيڊ ماستر ۽ مشهور سوتنترتا سيناني (آزادي جو مجاهد) هو. سندس نالو ماستر هزاري لال هو. تمام سٺي اردو ڄاڻندو هو . هن پراڻي زماني ۾ اردو ۾ بي اي ڪئي هئي. قرآن شريف هن هڪڙي مولوي صاحب کان پڙهيو هو . پاڻ ٻڌائيندو هو تہ سندس والد، ڪيس ديوبند ۾ پڙهڻ لاءِ موڪليو هو . اسان جو پڙڏاڏو ماستر پريم چند تہ اڌ مسلمان هو. ۽ هو 1857ع ۾ ديوبند وارن سان گڏجي، انگريزن سان وڙهندي شهيد ٿي ويو هو . انگريزن ڪيس گولي هڻي ماري ڇڏيو هو . ڪيس مولوي محمد قاسم، جيڪو ديوبند مدرسي جو بنياد وجهندڙ هو، مولوي پريم چند جي نالي سان سڏيندو هو. سندس هڪڙو پٽ بابو شيام لال بہ انگريزن سان جنگ ڪندو رهيو، تانجو هو بہ جنگ آزادي ۾ شهيد ٿي ويو.

منهنجو پتاجي سندس اڪيلو پٽ هو. گانڌي جي ڪيس پنهنجو پٽ بنايو هو . ۽ هن گانڌي جي سان گڏ درويشن جي ٽولي ۾ ڪيترا سفر بہ ڪيا. انگليڊ ۽ آفريقا بہ ويو هو . ڪيس ڪيترا سال اولاد ڪونہ ٿيو . پوءِ ڪيس هڪڙي پهتل فقير دعا ڪئي. آئون امڙ جي گود ۾ سندس 50 سالن جي عمر ۾ ڄائو هوس. بابا سائين تي گانڌي جي صحبت جو وڏو اثر هو . هو گانڌي جيءَ کي اڌ کان وڌيڪ مسلمان سمجهندو هو . ڪڏهن ڪڏهن تہ چوندو هو تہ گانڌي جي اندران مسلمان آهي. هو ٻڌائيندو هو تہ صبح جو اٿي گانڌي جي غسل ڪندو هو، سڀ کان اڳ قرآن شريف پڙهندو هو . اهو



قرآن شريف هن هڪڙي حڪيم صاحب جي هٿان رائيپور واري حضرت جي (شيخ عبدالقادر رائيپوري رحہ) ڏانهن موڪليو هو . ان ۾ ڪافي هنڌن تي سندس هٿ اکرن ۾ ڪجهہ لکيل هو . منهنجو پتاجي چوندو هو تہ گانڌي جيءَ کي گانڌي جي بنائڻ وارو ، ديوبند جو (شيخ الهند) محمود حسن رحہ هو ، جنهن ريشمي رومال آندولن شروع ڪيو هو. آئون ننڍو هوس، جو بابا سائين گذاري ويو . منهنجي هڪڙي ماٽي ۾ چاچي منهنجي پالنا ڪئي، تنهن ڪري آئون اردو پڙهي ڪونہ سگهيس. منهنجي ماءُ مون کي ٻڌائيندي هئي تہ بابا سائين وصيت ڪئي هئي تہ مون کي ديوبند مدرسي ۾ پڙهايو وڃي، پر خاندان وارا، بابا سائين جي وفات کانپوءِ ان ڳالهہ تي راضي نہ ٿيا.

دورالا هاءِ اسڪول مان ميٽرڪ ۽ انٽر ڪرڻ کانپوءِ مون ميرٺ ڪاليج مان بي اي ۽ ايل ايل بي ڪيو ۽ ميرٺ جي ڪورٽ ۾ وڪالت ڪرڻ لڳس. اٽڪل ڏهہ سال وڪالت ڪيم ، پر طبيعت ان ڌنڌي سان ٺجهي ڪانہ سگهي،ڪوڙيون شاهديون،دوڪا، غلط دعوائون، تانجو سچن ڪيسن لاءِ بہ ڪوڙ جو سهارو وٺڻو پيو ٿي. آئون ڪيترا ڏينهن پنهنجي انتر آتما (ضمير) سان لڙندو رهيس، روزگار نہ هئڻ جي ڪري وڪالت بہ ڪندو رهيس، پر دل ۾ هميشه اها هورا کورا لڳي پئي هوندي هئي تہ ماڻهوءَ جي روزي پاڪ هئڻ گهرجي. گندگي ۽ ڪوڙ جي روزي جي ڪري منهنجو جيون ڪارو ٿي ويو آهي تہ آتما (روح) بہ ڪاري ٿي وئي آهي سو همٿ ڪري،مون 1995ع ۾ وڪالت ڇڏي ڏني. ٿورڙي زمين آهي، سا آباد ڪرائيندو هوس ۽ ننڍو سنڍو واپار بہ شروع ڪري ڇڏيم. مالڪ سائين جي مهربانيءَ سان ٻن وقتن جي روٽي آرام سان مليو وڃي.

سچ پڇو تہ آئون فطرت جي لحاظ کان مسلمان ئي پيدا ٿيو هوس، صورتحال اها هئي، جو منهنجو پيءُ جيڪڏهن ڪجهہ وقت جيئرو هجي ها تہ شايد آئون ديو بند مدرسي جو استاد هجان ها. ندوه ۾، جيڪو مولوي

علي جو مدرسو آهي ۽ لکنو ۾ آهي، آئون اوڏانهن ويو هوس. علي ميان جي بہ، جيڪو ندوه جي مسجد جي پرسان رهندو هو. سو اسان جي ديش جو وڏو گورو (قابل فخر) انسان هو . عرب ديش جا سمورا عالم کيس پنهنجو وڏو مڃيندا هئا.

الله جي رسول صلي الله عليه وسلم سچ فرمايو آهي تہ هر ڪو ٻار اسلام تي پيدا ٿيندو آهي. تڏهن تہ اسان وٽ هندوئن ۾ ننڍپڻ ۾ ڪو مري ويندو آهي تہ ان کي دفن ڪندا آهن ساڙيندا نہ آهن. مالڪ جو شان! ابهم ٻارن کي باهہ کان ڪيئن بچائيندو آهي، پر آئون تہ اسلامي نيچر تي وڏو ٿيو هوس. منهنجو هندو ڌرم سان ڪنهن بہ طرح تعلق ڪونہ هو. منهنجو سڄو خاندان جيتوڻيڪ آريا سماجي آهي ۽ آريا سماج ۾ مورتي پوڄا جي مخالفت اسلام کان بہ وڌيڪ آهي، پر مون کي آريا سماج ۾ بہ انگڙ ونگڙ ڳجهارتن کانسواءِ ڪا بہ شيءِ ڏسڻ ۾ ڪانہ آئي. وڪالت جي زماني ۾ مون کي ڌرمن (مذهبن) جي باري ۾ پڙهڻ جو ڏاڍو شوق ٿيو . پر وڪالت ڇڏڻ کانپوءِ تہ مون وٽ پڙهڻ کانسواءِ ٻيو ڪو ڪم ئي ڪونہ هو . آريا سماج ۽ ٻين ڌرمن کي مون گهڻو پڙهيو آهي. آئون سمجهان ٿو تہ سوامي ديانند سرسوتي، ۽ سندس گروسوامي وويڪانند جيڪو ٿورو گهڻو سڌارو ڪيو ، سو بہ اسلام جي اثر جي ڪري ڪيو آهي، پر هو اسلام جي ڳالهہ تي چڙندو هو. جڏهن تہ وويڪانند جي تہ ڪي ڏينهن مسلمان بہ ٿي رهيو هو . مون کي ڏاڍي بيچيني محسوس ٿيندي آهي. جيڪڏهن مولوي ڪليم ۽ . سوامي ديانند جي پاڻ ۾ ملاقات ٿئي ها تہ کيس آريا سماج ٺاهڻ جي ضرورت ڪا نہ پوي ها. اسلام ئي سندس مسئلن جو حل هو . منهنجي بدقسمتي جو چوڌاري هندڪي ماحول ۾ رهڻ جي ڪري آئون اسلام جو تمام گهٽ مطالعو ڪري سگهيو آهيان. تنهن هوندي بہ جڏهن بہ ڪنهن مسجد ۾ ماڻهن کي نماز پڙهندي ڏسندو آهيان تہ اتان لنگهندي بيهي رهندو آهيان. وڏي حسرت سان ڏسندو رهندو آهيان. اتي مالڪ سان شڪايت بہ ڪندو



آهيان تہ مالڪ سائين! تون سڀني جو پيدا ڪندڙ آهين. تو مون کي اندران تہ مسلمان بنايو آهي، پر پيدا ڪيو اٿوَ هندو جاٽ پريوار (خاندان) ۾. ائين ڪيئن ٿيو آهي. آئون بہ دفعا عيد نماز ڏسڻ لاءِ دهلي مسجد تائين بہ ويس. هڪڙي دفعي تہ آئون رات جو دهلي پهتس ۽ صبح تائين مسجد ۾ انتظار ڪندو رهيس. مسجد ۾ ماڻهن جو سمنڊ ڏسي، مون کان بہ رهيو ڪونہ ٿيو ۽ آئون بہ مسجد ۾ رهي پيس. مون کي روئڻ اچي ويو . ان ڏينهن مون مالڪ سائين سان وڏيون شڪايتون ڪيون.

ساڳئي سال فيبروري 2008ع ۾ منهنجي موبائيل تي ڪال آئي. مون فون ڪن تي رکيو، اهو مولوي ڪليم صاحب جو فون هو . هن چيو السلام عليڪم. مون چيو وعليڪم هن چيو مولوي راشد صاحب آهي؟ مون چيو، هي غلط نمبر آهي. هي راشد جو نمبر ڪونهي. هن چيو: معاف ڪجو. فون بند ٿي ويو . اصل ۾ مولوي صاحب جو هڪڙو ساٿي مولوي راشد آهي، جيڪو راٺوڙا ۾ مدرسو هلائي ٿو . هن جو فون نمبر، مولوي ڪليم صاحب هڪ نمبر سان گڏ پنهنجي فون ۾ فيڊ ڪري ڇڏيو هو . اڳتي هلي تہ صحيح نمبر بہ فيڊ ڪري ڇڏيو هئائين، پر مون وارو نمبر ڊليٽ ڪونہ ڪيو هئائين، تنهنڪري پهرئين نمبر تي مون وارو نمبر هو . مهيني ڏيڍ کانپوءِ اوچتو وري فون آيو. وري السلام عليڪم. مون جواب ڏيڻ جي بدران چيو، ادا! پنهنجو نمبر ٺيڪ چو نٿا ڪريو . پيري پيري پريشان ڪريو ٿا. مولوي صاحب وري معافي گهري. آگسٽ ۾ وري فون آيو . وري ساڳيو السلام عليڪم. مون هن پيري ٿورو سختي سان چيو: توهين نمبر صحيح چو نٿا ڪريو! هر دفعي (پريشان) ڪريو ٿا. مولوي صاحب وري معذرت ڪيئي ۽ فون بند ڪري ڇڏيائين. منهنجي قسمت ۾ الله جو ڪو ڪرم هو ، جو مولوي صاحب هن پيري اهو فون نمبر ڊليٽ ڪري ڇڏيو . پر منهنجي مالڪ کي مون تي ڪهل آئي، جو مولوي راشد جو اصل نمبر ڊليٽ ٿي ويو ۽ منهنجو نمبر اجا بہ قائم رهيو . رمضان ۾ 14 سيپٽمبر تي مولوي صاحب

جو وري فون آيو. السلام عليڪم ورحمتہ الله وبرڪاته. مون سخت لهجي ۾ چيو : ادا اهو نمبر غلط آهي. تو کي ڪيستائين ٻڌايان! منهنجو رت پي ويو آهين؟ مولوي صاحب کلي چيو : ادا سائين، توهين ڪيئن ٿا چئو تہ اهو نمبر غلط آهي؟ اهو نمبر تہ منهنجي ڀاءُ جو آهي. مون چيو : ڀاءُ، جو اهو نمبر تہ منهنجو آهي، تنهنجي ڀاءُ جو ڪونهي. مولوي صاحب چيو : هي نمبر توهان جو آهي، نہ؟ مون چيو : هائو، منهنجو نمبر آهي. مولوي صاحب ، چيو: توهان جو نالو ڇا آهي؟ مون چيو: ستيندر ملڪ، مولوي صاحب چيو : هائو ڀاءُ ستيندر ملڪ! توهان سان تہ مون کي ڳالهائڻو آهي، توهين تہ منهنجا ڀاءُ آهيو. توهين مون کي نٿا سڃاڻو ؟ مون چيو : نہ، آئون توهان کي ڪو نہ ٿو سڃاڻان. مولوي صاحب چيو : توهين ۽ اسين سڀ هڪڙي ماءُ پيءُ جا سنتان، هڪڙي ماءُ پيءَ جو اولاد ڪونہ آهيون ڇا؟ مون چيو : هائو ، آهيون. مولوي صاحب چيو: تہ پوءِ هڪڙي ئي ماءُ پيءَ جي سنتان (اولاد) کي تہ ڀاءُ چوندا آهن.توهين پنهنجي رت ۾ مائٽ ۽ ڀاءَ کي نٿا سڃاڻو؟

توهان جي عمر ڪيتري آهي؟ مون چيو:56 سال. مولوي صاحب چيو : توهين تہ منهنجا ڀاءُ آهيو ، ۽ رت جي مائٽي ۾ سڳا ڀاء آهيو ؟ ننڍي ڀاءُ جي خير خبر تہ وٺو نٿا! ويتر ننڍو ڀاءُ سلام ٿو ڪري تہ توهين هر پيري ڇڙٻون ۽ دڙڪا ٿا ڏيو. نہ تہ هوئڻ وڏي ڀاءُ تي منهنجو حق آهي تہ توهين هر روز منهنجي خير خبر وٺو. ها، ننڍي ڀاءُ جي گهر اچي حال احوال پڇو. ننڍي ڀاءُ جي هلت چلت تي نظر رکو . پريوار (خاندان) کي ڏسو تہ ڪيئن پيا گذارو ڪن. مولوي صاحب پڇيو : توهين ڪٿي ٿا رهو؟ مون چيو : دورالا لڳ نگل ۾. مولوي صاحب چيو : ايترو ويجهو رهو ٿا. سڳا ڀائر تہ پري ديشن کان هلي ملاقات لاءِ ايندا آهن. گهڻا ڀائر پاڪستان ۾ رهن ٿا. پاڪستان ۾ ويزا ملڻ ڪيڏو نہ ڏکيو ڪم آهي، پر اهي اتان بہ مائٽن سان ملڻ لاءِ هتي ايندا آهن. توهين مون کي ايڏا ويجها ۽ رت ۾ ڀاءُ بہ آهيو ، پر اڄ تائين هڪڙو پيرو بہ خير خبر وٺڻ لاءِ ڪونہ آيا آهيو ۽ جيڪڏهن سلام ٿو



ڪريان تہ هر پيري ڏڙڪا ٿا ڪاٽا پون. مولوي صاحب اهڙي نرمي ۽ پيار سان ڳالهيون ڪيون، جو مون کي سچ پچ تہ ڏاڍي شرمندگي ٿي. مون چيو : ادا! توهين ڪٿي رهو ٿا؟ مولوي صاحب ٻڌايو : ڪٿوليءَ جي پرسان ڦلت ڳوٺ ۾. مون چيو : اتي تہ اسين هڪڙي دفعي مينهن خريد ڪرڻ لاءِ آيا هئا سين. ادا سائين!اڄ توهان سان ملڻ لاءِ اچان؟ اها واقعي منهنجي غلطي آهي، مون کي پنهنجي ڀاءُ وٽ وڃڻ گهرجي ها. مولوي صاحب چيو : اڄ تہ آئون ٻاهر پيو وڃان. مون چيو : سڀاڻي اچان! مولوي صاحب چيو تہ: سڀاڻي بہ رات جو موٽڻ ٿيندو . توهين پريئن اچو! 16 سيپٽمبر تي 10 بجي صبح جو ملڻ جو وقت مقرر ٿيو . مون مولوي صاحب جو نالو پڇيو تہ چيائين: ڳوٺ ۾ مدرسو آهي. اتي ڪليم نالي جي پڇا ڪجو. 16 سيپٽمبر تي بس ذريعي آئون ڪٿولي آيس. ڪٿولي کان جگاڙ ڏانهن بس ويندي آهي، اتي ڦلت آهي.بس ۾ وينس. اتي جگاڙ واري هڪڙي مسافر کان پڇيم تہ ڦلت ۾ هڪڙو مدرسو آهي. اتي ڪليم صاحب سان ملڻو اٿم. جگاڙ واري چيو تہ توهين مسلمان ٿيڻ لاءِ آيا آهيو ڇا؟ مون کلي جواب ڏنو تہ جيڪڏهن مسلمان ڪندو تہ ٿي بہويندس. جگاڙ تي لهي، ڦلت ۾ مولوي صاحب جي گهر پهتس، مولوي صاحب اوطاق ۾ ڪرسيءَ تي ڪن ماڻهن سان ويٺو هو . اٿي ڀيٽي مليو . جڏهن مون پنهنجو نالو ٻڌايو تہ ستيندر ملڪ وڪيل، تہ ڀاڪر پائي وري مليو . ڏاڍي محبت سان سواگت (آڌر ڀاءُ) ڪيائين. هر هر چوندو رهيو تہ ادا وڏا! توهان جو بيحد ٿورائتو آهيان، جو ننڍي ڀاءُ جي خبر چار وٺڻ لاءِ آيا آهيو . رمضان جو مهينو هو ، پر مون لاءِ چانهن ۽ نيرن جو بندوبست ڪرايائين. چانهن وقت ڳالهيون شروع ٿيون، چانهن سان گڏ اسلام جون ڳالهيون بہ ٻڌائيندو رهيو . ۽ چانهن اڃان پوري ڪانہ ٿي جو آئون ڪلمون، پڙهي مسلمان ٿي چڪو هوس. منهنجو نالو محمد صادق رکيو ويو . ڪٿولي تائين پنهنجي گاڏيءَ ۾ ڇڏڻ آيو . ”توهان جي امانت توهان جي خدمت ۾“ ۽ ”مرڻ ڪانپوءِ ڇا ٿيندو ؟“ ڪتاب بہ ڏنائين. گهر

اڇي مون ڪيترا پيرا اهي ڪتاب پڙهيا. پنهنجي زال سان مسلمان ٿيڻ جي ڳالهہ ڪيم. هوءَ ڏاڍي رُني. مون چيو مانس تہ: مون وٽ بہ ڪتاب آهن، پهريائين انهن کي تون ٽي ٽي دفعا پڙهہ. جيڪڏهن پوءِ بہ تون چوندئين تہ آئون وري هندو ٿي ويندس. منهنجي زال ڪتاب”توهان جي امانت توهان جي خدمت ۾“ هڪڙو دفعو پڙهيو ۽ پوءِ ڪتاب ”مرڻ ڪانپوءِ ڇا ٿيندو؟“ پڙهي رهي هئي، جو مون وٽ اچي چوڻ لڳي تہ مون کي بہ مسلمان ڪرائي ڇڏيو. مون الله جو شڪر ادا ڪيو. اسان جا ٻئي ٻار بہ مسلمان ٿيا آهن. آئون ٽنهي کي ڦلت وٺي ويس ۽ اتي ڪلمون پڙهارائي مسلمان ڪرايم. زال جو نالو فاطمه، ڌيءَ جو نالو آمنه ۽ پٽ جو نالو احمد رکيو ويو. الحمدالله اسان جو سڄو گهر مسلمان آهي.

خاندان وارا اسان جا سخت دشمن ٿي ويا. هو اڳي بہ سخت هئا. ڳوٺ وارن پنچائت سڏائي، جيئن تہ آئون پاڻ بہ وڪيل آهيان سو مون آءِ جي ۽ ايس ايس پي کي درخواست ڏني. شروعات ۾ ڏاڍو گوڙ ٿيو، پر پوءِ ڳالهہ دٻجي وئي. مون دهليءَ ۾ گهر ٺهرايو آهي. ٻئي ٻار دهليءَ ۾ پڙهن پيا. مون مولوي صاحب جي مشوري مطابق خاندان وارن کان ٿورو پري ٿي رهڻ جو پلان ٺاهيو آهي.

اسلام ۾ اچي مون کي ائين محسوس ٿئي ٿو، ڄڻ ڪو پليل پتڪيل ماڻهو پنهنجي گهر موٽي آيو هجي. آئون جيئن جيئن اسلام بابت پڙهندو وڃان ٿو، تہ مون کي ماتا پتا (ماءُ پيءُ) ڏاڍي، پڙ ڏاڏي جي ياد ستائندي آهي. اندر ۾ هڪڙي جنوني ڪيفيت پيدا ٿي پوندي آهي.

اهي منهنجا بزرگ خبر ناهي تہ ڪيترن مسلمانن سان گڏ رهيا، ۽ ڪيترن مولوين جي وچ ۾ رهيا، تانجو مولوين سان گڏجي انگريزن جي برخلاف شامليءَ جي جنگ ۾ شهيد بہ ٿي ويا، مولوي سڄورا انهن کي انگريزن سان ويڙهائيندا رهيا، ديش کي آزاد ڪرائڻ لاءِ اپاريندا رهيا، پر خود انهن کي شرڪ کان آزاد ڪرائڻ جو فڪر ڪونہ ڪيائون. وڏن جي



مري وڃڻ ڪانپوءِ انهن کي گهٽ وڌ ڳالهائڻ چڱو ڪونهي، پر مون کي اهي سڀ ظالم ٿا لڳن، جن پنهنجن همدردن ۽ وفادارن کي ايمان لاءِ ڪڏهن بہ ڪونہ چيو هو، مون کان سئو پيرا وڌيڪ اسلام جي ويجهو هئا. انهن کي خبر ڪانہ پئي تہ اسلام قبول ڪرڻ بنا هو جهنم ۾ ويندا. خبر ناهي تہ هو انسان بہ هئا يا نہ؟ مسلمان تہ وڏي ڳالهہ آهي.

مون ننڍپڻ ۾ پنهنجي پتاجيءَ کي چتا ۾ ساڙيو هو. ۽ ڪيس بيدرديءَ سان سڙندي ڏٺو هوم. جيڪو پيءُ پنهنجي پٽ کي ديوبند مدرسي ۾ پڙهائڻ جي وصيت ڪري، تنهن جو اهڙي طرح پاڻ هندو هجڻ ۽ پوءِ چتا ۾ سڙڻ، مولوي صاحبن ۽ مسلمانن جي طرفان ظلم ڪونهي تہ ٻيو ڇا آهي؟

عيد رات مون کي ان خيال جي ڪري ننڊ ڪانہ آئي ۽ ساري رات لڇندو پڇندو رهيس، دل چيو تہ سڀني مسلمانن کي ويهي پٽيان پاراتا ڏيان. رات جو وضو ڪيم، انڌي منڊي نماز لاءِ نيت ٻڌي ٻينس ۽ دير تائين روئندو رهيس. فجر ڪانپوءِ اک لڳي وئي، خواب ۾ مون پنهنجي ڏاڏا ۽ پتاجي (بابا) کي ڏٺو، هو چئي رهيا هئا. ”پٽ صادق! الله سڀني انسانن جو رب آهي، رڳو مسلمانن جو ڪونهي. الله اسان کان راضي آهي ۽ اسين بہ مسلمان آهيون.“ دل کي ڪجهہ آٿت آئي. پر خواب تہ نيٺ خواب آهي.

ٻہ ٽي ڏينهن مولوي ڪليم صاحب سان فون تي گفتگو نٿي ٿئي تہ مون کي اندر ۾ بيچيني ٿيندي آهي، مون مولوي صاحب کي چيو تہ الله ڪريم آهي، جو هن، توهان جي طرفان منهنجو فون نمبر ڊليٽ ڪرڻ جي باوجود، پنهنجي فهرست مان ڊليٽ ڪونہ ڪيو هو. دل چوي ٿي تہ آئون پنهنجن سمورن واقفڪارن ۽ مائٽن جا نمبر توهان جي فون ۾ فيڊ ڪري ڇڏيان تہ جيئن انهن کي بہ هدايت نصيب ٿئي، مولوي صاحب چيو: اهو توهان چڱو ڪيو، جو مون کي ان ڏانهن ڌيان ڏياريو. منهنجي فون ۾ گهڻن ڊاڪٽرن ۽ غير مسلم پائرن جا فون نمبر فيڊ آهن. مون کي ڳڻتي اچي لڳي آهي تہ سڀاڻي ميدان حشر ۾ اهي سڀئي منهنجو گلو جهليندا تہ اسان جا

فون نمبر توهان جي موبائيل ۾ هئا، پوءِ ڇو اسان جو خيال ڪونہ ڪيوَ. جن ماڻهن جا فون نمبر اسين پنهنجن موبائيلن ۾ فيڊ ڪريون ٿا، تن سان اسان جو واسطو دوستيءَ وارو تہ هوندو ئي آهي، پر الله جي نبيءَ صہ جو فرمان مبارڪ آهي تہ الله جنت انهن ماڻهن تي حرام ڪئي آهي جيڪي ماڻهن سان ڏي وٺ ۾ ٻيا معاملا تہ ڪن ٿا، پر انهن کي دين نٿا پهچائين. ظاهر آهي تہ اهي موبائيل فون، الله وٽ انهن ماڻهن سان اسانجن تعلقات جي گواهي ڏيندا. هاڻي مون کي اچي ڳڻتي ٿي آهي تہ گهٽ ۾ گهٽ انهن تائين تہ دين جي ڳالهہ پهچائي ڇڏجي، جن جا فون نمبر مون وٽ آهن، هڪڙي دفعي مولوي صاحب ٻڌايو تہ ان ڪانپوءِ مون سيني سان ڳالهائڻ شروع ڪيو آهي، الحمدالله ٻن ماڻهن، هڪڙي ڊاڪٽر ۽ دهليءَ جي هڪڙي وڪيل صاحب ڪلمون پڙهيو آهي. انهن ٻنهي ۽ ٻين ماڻهن کي جيڪڏهن الله هدايت ڏني تہ انهن جي هدايت جو ثواب توهان کي بہ ملندو.

مون جهڙا خبر ناهي تہ ڪيترا اهڙا ماڻهو هوندا، جيڪي اندر ۾ مسلمان آهن ۽ جڏهن سچي نبي صہ ٻڌايو آهي تہ هر ننڍو ٻار اسلام تي پيدا ٿيندو آهي، مسلمانن کي ان تي يقين ڪرڻ گهرجي. جيئن ڪو ماڻهو ڪنهن ڏار مذهب جو پوئلڳ آهي تہ اهو پنهنجي گهر کان ڀلجي ڀٽڪي ويو آهي، ان کي سندس گهر وٺي اچڻ، ان سان ڪيڏي نہ ڀلائي ڪرڻ آهي. جيڪو ماڻهو مسلمان ٿيو آهي، تنهن کي جڻ توهان سندس گهر پهچايو ٿا. مولوي صاحب چوي ٿو تہ مون کي دعوت (تبليغ) جي الف بي جي بہ خبر نہ آهي. ان ڏينهن توهين آيا، تہ مون سان گڏ ڳالهہ وٺارائڻ وارو ڪو بہ ڪونہ هو. مون کي اچي اڻ تڻ ٿي تہ آئون توهان سان ڪيئن ڳالهايان. پر توهين تہ بهرحال اچي ويا هئا، سو توهان سان ڪيئن نہ ڪيئن تہ ڳالهائڻو ئي هو. توهين معمولي دعوت تي ئي مسلمان ٿي ويا. اصل ۾ توهين مسلمان ڪونہ ٿيا هئا، پر مسلمان تہ توهين اڳيئي هئا، رڳو ظاهري اعلان ڪرڻو هو. سو توهان ڪري ڇڏيو . مسلمان رڳو ائين ڪن، جو ماڻهن جي اندر واري



مسلمان کي ڳولين، جن جي ٻين مذهبن ۾ رهندي بہ فطرت اسلامي آهي، تن کان ظاهري اسلام جو اقرار ڪرائين. جي هو ائين ڪن تہ هندوستان ۾ تمام جلد سندن اڪثريت ٿي وڃي. آئون پوري ذميواريءَ سان اها ڳالهہ چوان ٿو تہ هندوئن ۾، اندر جي فطري مسلماني، نسلي مسلمان جي مسلمانيءَ کان تمام گهڻي آهي، مسلمان فقط ان اندر جي مسلمان کي سڃاڻن ۽ ان کي ظاهر ڪرائڻ جي ڪوشش ڪن تہ ملڪ جو نقشو ئي بدلجي وڃي.

دل چوي ٿي تہ مسلمان ليڊر جيڪڏهن سياسي وڏيرپ جو خيال ڇڏي ڏين ۽ عام مسلمان انهن جي ڳالهين ۾ اچي، جذباتي ۽ بيوقوف غير مسلمن کان متاثر ٿي، اليڪشن جو واڳ ڇڏي ڏين ۽ فقط غير مسلمن ۾ سندن اندر جي مسلمانن کي ڳولي اپارين تہ شيطان ۽ باطل جا سمورا حربا بيڪار ٿي وڃن. ڪيترا انسان جيڪي اندر ۾ مسلمان هوندا آهن، گذاري ويندا آهي. مون کي خبر آهي تہ گانڌي جي اندر ۾ مسلمان هو. جواهر لال نهرو اندر ۾ مسلمان هو. سڀاس چندر بوس اندر ۾ مسلمان هو. ڪٿولي جو پنڊت سندر لال اندر ۾ مسلمان هو. ڪسر فقط ايتري هئي، جو مسلمانن انهن جو حق ادا ڪونہ ڪيو. اڄ بہ ڪن ماڻهن جو تقريرون ٻڌو تہ اهي مسلمان لڳن ٿا. بل ڪلنٽن اندر ۾ مسلمان آهي، نيلسن منڊيلا اندران مسلمان آهي، پرنس چارلس اندر ۾ مسلمان آهي، خود اسان جي ملڪ ۾ ڪيترا هندو پائر آهن، جيڪي ظاهر داري پيا نڀائين. ڪهڙو نہ چڱو ٿئي، جو سڀ مسلمان يڪمشت ٿي، ان ڪوشش ۾ جنبي وڃن تہ غيرمسلمن ۾ جيڪي اندر ۾ مسلمان آهي، سي ٻاهر بہ اقرار ڪن، تہ نہ رڳو اسان جي ملڪ جي، پر ساري دنيا جي حالت ئي بدلجي ويندي. (ورتل ماهنامون بيداري اردو فيبروري 2010ع)

# طيب پائي (رام وير) سان ملاقات

احمد اواهہ: السلام عليڪم ورحمة الله وبرڪاته.

طيب: وعليڪم السلام ورحمة الله وبرڪاته.

سوال: ارمغان رسالي ۾ ڪيترن سالن کان اسين نومسلمن جا انٽرويو ڇاپيندا رهيا آهيون. اهو ئي سبب آهي جو مون توهان کي هتي اچڻ جي تڪليف ڏني آهي. شايد توهان کي بہ بابا سائينءَ سان ڪو ڪم هو، انهيءَ ڪري مون توهان کي هتي اچڻ لاءِ عرض ڪيو هو . تہ جيئن توهان جو بہ ڪم ٿي وڃي ۽ آئون توهان جو انٽرويو بہ وٺي ڇڏيان.

جواب: هائو! حضرت جن بہ مون کي ٽي چار مهينا اڳ انٽرويو لاءِ چيو هو.

سوال: سڀ کان اڳ، پنهنجو ٿورو تعارف ڪرايو، تہ مهرباني ٿيندي.

جواب: منهنجو اڳوڻو نالو رام وير پُٽ عجب سنگهہ آهي. اسين ست ڀينرَ ڀائر هئاسين، جن مان ٻہ گذاري ويا. هينئر اسين ٻہ ڀيڻون ٽي ڀائر آهيون. اسين ڪا ڪڙا، ضلعي مظفر نگر (انڊيا) جا رهواسي آهيون. مون اشٽريا انٽر اسڪول مان ميٽرڪ پاس ڪئي آهي. منهنجو پيءُ هڪ شريف ۽ نيڪ ماڻهو آهي. اسين هارپ ڪريون ٿا. اسان جو خاندان تمام گهڻو ڌارمڪ هندو خاندان آهي. اسين ذات جا هندو جاٽ آهيون.

سوال: توهان پنهنجي اسلام قبول ڪرڻ جو ٿورو احوال ٻڌايو؟

جواب: منهنجي اسلام قبول ڪرڻ جو بہ عجيب اتفاق آهي. منهنجي ذهن ۾ ڪڏهن بہ اها ڳالهہ ڪانہ آئي تہ آئون ڪو اسلام بہ قبول ڪندس. پڙهائي ڇڏڻ ۽ زال کي طلاق ڏيڻ ڪانپوءِ منهنجي زندگي ڏاڍي خراب ٿي وئي هئي. جهنگلن ۾ رهڻ لڳس. اينڌڙ ويندڙ واٽهڙن کي پريشان ڪندو هوس. نشي جي بہ چوس لڳي وئي هئي. علائقي جي بدمعاشن جي ٽولي ۾ آئون بہ شامل ٿي ويس. مال جي واپارين کي واٽ تي روڪي پئسا ڦريندو



هوس ۽ ائين زندگي گذاريندو هوس. گهروارا توڙي پاڙي وارا سڀ مون کان سخت بيزار هئا. نيٺ گهر وارن مون کي گهران نڪري وڃڻ لاءِ چئي ڇڏيو.

اسانجي زمين جي ڀرسان هڪڙي انصاري جي زمين بہ آهي. اتي هڪڙو ٽيوب ويل ڪافي عرصي کان بند پيو هو . مون انصاري کي چئي، ان کي هلائڻ جي ڪوشش ڪئي. ٽيوب ويل جي مشين تہ الله ڪري ٺيڪ ٿي وئي پر پاڻي ڪونہ چڙهيو . موٽر ۾ پکو بہ اڌارو وٺي اچي لڳايم. ۽ چوريءَ جي لائيٽ جو ڪنيڪشن بہ حاصل ڪيم تہ بہ ٽيوب ويل پاڻي ڪونہ ڪنيو . ڏاڍيون ڪوششون ڪيم. ٽريڪٽر جي ذريعي پمپ هلايم. پر ڪامياب ڪونہ ٿيس. آخرڪار هڪڙي پنڊت وٽ ويس. هن چيو تہ ٽيوب ويل مٿان ديوتائن جي نالي تي ڪا شيءِ گهور. مون سڄئي وٽ تہ ڪجهہ بہ ڪونہ هو. دل ۾ خيال آيو تہ ديوتا ڀنگ کان خوش ٿيندا آهن. سو مون ڀنگ جا پن مهٽي ٽيوب ويل مٿان گهوريا. پوءِ بہ پاڻي ڪونہ آيو. هڪڙي رات آئون ۽ انصاري (ياسين) ٽيوب ويل وٽ پپيل مٿيءَ تي ليٽيا پيا هئاسين. تہ ياسين چيو تہ جيڪڏهن اڄ ٽيوب ويل پاڻي ڪنيو تہ آئون ٻہ رڪعتون نماز پڙهندس. اتي مون چيو تہ تون ٻن جي ٿو ڳالهہ ڪرين، آئون چار پڙهندس. اڪثر بجلي رات جو ساڍي ڏهين بجي اچي ويندي هئي، پر ان رات ٻارنهن وڄي پنجيتاليهن منٽن تي آئي. مون ياسين کي ڪنيڪشن ڳنڍڻ لاءِ چيو. هن چيو تہ تون ئي تار ڳنڍي اچ. مون کي بجلي کان ڊپ ٿو ٿئي. آئون اٿي ويس ۽ بجلي جو ڪنيڪشن لڳائيندي ئي ٽيوب ويل تيزي سان هلڻ لڳو ۽ پاڻي جو تيز ڦوهارو نڪتو . جيڪو ڪافي پري تائين ٿي پهتو . ڀرسان رستي تي پاڻي گڏ ٿيڻ لڳو . ادا احمد! (عجب ڪندي) سڪل ٺوٺ زمين هئي. پر پاڻي جي ايڏي ڌار جي ڪري رستي تي ٽي فوٽ اونهي کڏ ٿي پئي .

صبح جو پاڙيوارن کي خبر پئجي وئي. سو اهي ميڙ ڪري آيا ۽ گوڙ ڪري، اسان جو ٽيوب ويل بند ڪرائي ڇڏيائون. چوڻ لڳا تہ هن لائيٽ مان اسين توهان جو ٽيوب ويل هلائڻ ڪو نہ ڏيندا سون. پنهنجي لائيٽ ڌار

منظور ڪرايو. ٽيوب ويل بند ٿي ويو. اتي ياسين مون کي نماز لاءِ چيو، ته تو چار رڪعتون پڙهڻ جو نيم (نذر) ڪيو هو. هاڻي توکي نماز پڙهڻ گهرجي. مون به چٽي چڙهيو ته ”هلو، نماز پڙهون ٿا.“ اسين ڪبير پور کيت جي ويجهو ڳوٺ جي مسجد ۾ نماز لاءِ تيار ٿي وڃڻ لڳا سين. ياسين چيو ته پنهنجي ٽيوب ويل تي وضو ٿا ڪريون. ياسين وضو ڪيو ۽ مون کي به غسل ڪرايائين. نماز پڙهي سين. نماز کانپوءِ ياسين چوڻ لڳو ته تون مسلمان ٿي وڃ، بجلي اسين توکي منظور ڪرائي ٿا ڏيون. مون چيو ته مون کان ته هتي جا مسلمان به پريشان آهن. اهي مون کي بجلي ڪيئن وٺي ڏيندا. ياسين چيو ته جڏهن تون مسلمان ٿي ويندين ته تون نيڪ به ٿي ويندين، جي نيڪ نه به ٿئين، ته به مسلمان توکي پاڻ وٽ رهائيندا. ۽ جي مسلمانن نه به رهايو ته مرڻ کانپوءِ ته الله توکي پاڻ وٽ جنت ۾ رهائيندو. مون، ياسين کي چيو ته مون کي پر سوليءَ جي مدرسي ۾ وٺي هل، آئون اتي ٻڌائيندس ته مسلمان ٿيان ٿو يا نه؟

اسين ٻئي مدرسي پهتا سين، اتي مولانا انيس صاحب سان ملاقات ٿي. هن سان مون مسلمان ٿيڻ بابت ڳالهايو. هن ٻڌايو ته مسلمان ائين ڪونه ٿبو آهي. پهريائين جماعت ۾ وڃي، نماز سکڻي پوندي، چلو ڪڍڻو پوندو. ان لاءِ توهين هينئر ئي دهلي مرڪز هليا وڃو. مون چيو ته مون کي ته ڪا به خبر ڪانهي، توهين ئي مون کي اوڏانهن موڪليو. هن مظفر نگر مرڪز فون ڪيو ۽ مون کي اوڏانهن وڃڻ لاءِ چيائين. آئون ان وقت تيار ڪونه هوس، ٻئي ڏينهن وڃڻ جو وعدو ڪيم، وڃڻ کان اڳ گهر اچي امان کي ٻڌايم ته هتي سڀئي مون کان بيزار آهن، سو آئون وڃان ٿو. وڃي مسلمان ٿو ٿيان. امان چيو، ڀلي وڃ، پر ماني کائي وڃ. مون کي ماني ڏنائون، ماني کاڌم ۽ به گلاس کير جا پي، ٻاهر هليو آيس، هڪڙي واقفڪار کان ست سئو روپيا اڌارا وٺي، مظفر نگر پهتس، جتي مولانا موسيٰ صاحب مليو. هن مون کي ٻڌايو ته هتان ته اجان ڪا به جماعت ڪانه ٿي وڃي، توهين



ڦُلت هليا وڃو، ڦُلت مان جماعتون وينديون آهن. آئون ڦُلت آيس، اتي مولانا ابا الياس سان ملاقات ٿي، هن شام جو حضرت سان ملاقات ڪرائي.

حضرت مون کي ڪلمون پڙهايو ۽ منهنجي باري ۾ ڳالهيون پڇندو رهيو. ان کانپوءِ هن مون کي ٻڌايو ته ”ايمان ۽ اسلام اصل ۾ نالو آهي، امن ۽ سلامتيءَ جو، پاڻ به امن ۽ سلامتي ۾ رهڻ ۽ ٻين کي به امن ۽ سلامتي ڏيڻ. هاڻي توهين مسلمان ٿي ويا آهيو ۽ توهين چاهيو ٿا ته پاڻ به امن ۽ سلامتيءَ ۾ هجو ۽ هن دنيا کانپوءِ ايندڙ هميشه جي زندگيءَ ۾ به سڪون ۽ آرام سان هجو، ته ان لاءِ ضروري آهي ته توهين زندگي ائين گذاريو، جو توهان کان ڪنهن ٻئي کي ڪا تڪليف نه پهچي. توهين هر ماڻهوءَ لاءِ امن ۽ سلامتيءَ جو ذريعو هجو. ان لاءِ سڀ کان اڳ توهان کي نشي کان سچي توبه ڪرڻي پوندي، ڇو ته سڀ کان وڏيڪ ماڻهو نشي جي حالت ۾ ٻين کي ستائيندو آهي. حضرت مون کي وڌيڪ چيو ته توهين چوڌري ماڻهو آهيو ۽ چوڌري ماڻهو بهادر هوندا آهن. ڪوبه جوان جيڪڏهن ڪنهن ڳالهه جو پڪو ارادو ڪندو آهي ته جبل کوٽي به واهه وهائي ڇڏيندو آهي. ڪو به جوان جيڪڏهن پڪو ارادو ڪندو آهي، ته نشو ڇڏڻ، هن لاءِ ڪا وڏي ڳالهه ڪانهي. مولانا صاحب منهنجو هٿ جهلي چيو ته ”پڪو ارادو ڪريو، مون سان واعدو ڪريو ته هاڻي ڪنهن به قسم جو نشو ڪونه ڪندس. هاڻي توهين ايمان وارا ٿيا آهيو، مسلمان آهيو، نشو ڪرڻ تمام وڏو گناهه آهي.“ مون مولانا صاحب سان واعدو ڪيو. ادا احمد! نشي جي مون کي اهڙي ته چوس پئجي وئي هئي، جو آئون سوچيندو هوس ته هيءَ عادت شايد مون کان قبر تائين به نه ڇٽندي. سوچي به ڪونه ٿي سگهيس ته نشي ڇڏڻ جي مون ۾ ڪڏهن ڪا همٿ به پيدا ٿيندي، پر حضرت سان جڏهن واعدو ڪيم ته مون لاءِ نشو ڇڏڻ آسان ٿي ويو، اها شايد ايمان جي برڪت هئي جو الله سائين مون کي اها همٿ ڏني. ان تجربي نه رڳو، مون کي گهڻين برائين کان بچايو، پر منهنجي دل ۾ اها ڳالهه ويهي رهي ته الله سائين، انسان

كي وڏي همت ڏني آهي. ڪي ارادي سان انسان وڏي کان وڏو ڪم به ڪري سگهي ٿو. ان يقين جي آڌار تي مون ڪيترن ماڻهن کان نشو، بيڙي، سگريٽ ۽ گٽڪا وغيره ڇڏايا. پنجن ڇهن ماڻهن کان جوا ۽ سٽو ڇڏارايم، ٻن ماڻهن کان ناجائز جنسي تعلقات ڇڏارايم.

اتفاق سان ٻئي ڏينهن ڦُلت مان جماعت وڃڻي هئي، آئون به ان سان هليو ويس. جماعت ۾ مون نماز پڙهڻ سکي ورتي. چلو پورو ٿيو ته ڦلت موٽي آيس. حضرت سان ملاقات ٿي، حضرت پڇيو ته ”هي زندگي سٺي آهي يا اسلام کان اڳ واري زندگي؟“ مون چيو ته ، حضرت! هتي مون کي ڏاڍو سڪون مليو آهي. انهن چاليهن ڏينهن ۾ نشو ته پري رهيو ، ڪو نشئي ماڻهو به پرسان ڪونه لنگهيو . منهنجي صحت به نيڪ ٿي ويئي آهي. مون کي هيءَ زندگي سٺي لڳي ٿي.“

حضرت پڇيو ته ”هاڻي ڪٿي رهڻ جو ارادو آهي؟“ مون چيو ، جتي توهين چوندا، اتي رهندس.“ هن منهنجي تعليم بابت پڇيو . مون پنهنجي تعليم بابت ٻڌايو ته حضرت پڇيو، ”توهين ٻار پڙهائي سگهو ٿا؟“ مون چيو ته ”ننڍن ٻارن کي پڙهائي سگهان ٿو.“ ان تي حضرت مون کي پاڻيپٽ موڪليو .

سال کن کانپوءِ سڪوتيءَ ۾ منهنجي شادي ٿي وئي. الحمدلله! گهرواري ڏاڍي ديندار ۽ پڙهيل نيڪ خاتون آهي. منهنجا ساهورا سڪوتيءَ ٽانڊه جا رهاڪو آهن. سڪوتيءَ ٽانڊه ۾ اسان جا هندو مائٽ به تمام گهڻا رهن ٿا. ان خيال کان ته متان ڪو فتنو فساد نه کڙو ٿئي، سو حضرت منهنجي شاديءَ جو پروگرام ڪتوليءِ ۾ ڪرايو، اتي منهنجو سنديو رهي ٿو. ساهورا ڇوڪريءَ کي وٺي ڪتوليءَ آيا ۽ اتي سنڌيوءَ جي گهر منهنجو نڪاح ٿيو، سادگي ۽ سنت مطابق. مون بابا سائينءَ کي نڪاح ۾ اچڻ لاءِ عرض ڪيو هو . هو آيو ۽ هن موقعي تي ڏاڍو خوش ڏسڻ ۾ پئي آيو . حضرت(ڪليم صاحب) جو هر هر پئي شڪريو ادا ڪيائين، چيائين پئي



ته توهان منهنجي پٽ کي سڌاريو آهي، هن کان سچو راڄ پريشان هو ، اسين به سڀ آزارجي ويا هئاسين.

ڦُلت ۾ رخصتي ٿي ته امان به اتي آئي ۽ منهنجي گهرواريءَ سان ملي ته خوشيءَ مان روئڻ لڳي ۽ ڪيترا پيرا منهنجي زال کي نراڙ کي چميون ڏنائين، چيائين پئي ته ”کهڙي نه ملوڪ ننهن ملي اٿم. مالڪ ڪيڏو نه مون تي ڪرم ڪيو آهي.“

گهرواري جيتوڻيڪ ٻن ڏينهن جي ڪنوار هئي، پر امان جي ڏاڍي خدمت ڪيائين. بابا کي جڏهن ٻڌايو ويو ته مولانا صاحب، سڪوتيءَ ۾ اسانجن مائٽن جي طرفان ڪنهن فتني بازي جي ڊپ کان ڪنواريتن کي ڪتولي سڏائي شادي ڪرائي آهي ته مولانا صاحب کي چوڻ لڳو ته ”مولانا صاحب! مون کي جيڪڏهن اڳ ۾ خبر پوي ها ته آئون پاڻ ڄڃ وٺي سڪوتي وڃان ها ۽ پرڻائي اچان ها. منهنجي پٽ ڪنهن جو ڏوهه ته ڪو نه ڪيو هو . مسلمان ٿيو هو ته ڪا برائي ته ڪانه ڪئي هئائين. پاڻ چڱو ڪيو هئائين. اڳي ڇا هو ۽ هينئر ڇا آهي! آئون توهان جو ستن جنمن تائين به احسان لاهي نٿو سگهان. ڳوٺ وارن هن جي مسلمان ٿيڻ تي پنچائت سڏائي هئي، ته تنهنجو پٽ اڌرم تي ويو آهي، هن تي سختي ڪر. ان تي مون کين صاف صاف چيو ته هو اڌرم نه پر ڌارمڪ (مذهبي) ٿيو آهي. ڌرم هر ڪنهن جو پنهنجو معاملو آهي. آئون ڪنهن جو ڏنل ته ڪونه ٿو کان، جيڪڏهن گهٽو ڪندا ته، آئون به گهر ۽ ٻني وڪڻي ڳوٺ ڇڏي پُٽ سان گڏ مسلمان ٿو ٿيان. جڏهن اهڙي ڪريل انسان کي مسلمانن اهڙو سڌاري ڇڏيو آهي ته مون ۾ به ٿورو ڪي گهڻو سڌارو ضرور ايندو“ پئنچائت ۾ ڪي ماڻهو مون کي گاريون ڏيڻ لڳا ته آئون اٿي هليو ويس ۽ چيو مان ته آئون ٿاڻي تي ايس پي وٽ توهان جي برخلاف رپورٽ ٿو لکايان. ان تي ڪن ماڻهن مون کي روڪيو ۽ منٿون منٿون ڳالهيون ڪرڻ لڳا، چئي ”اسين ته تنهنجي ڀلائي ٿا چئون.“

ماڻهوءَ ۾ پنهنجي همٿ هئڻ گهرجي. آئون جڏهن پنهنجي ڳوٺ وارن کان ڪونہ ڊنس، تہ سڪوتيءَ وارن جو وري ڪهڙو ڊپ." حضرت فرمايو تہ "ڊڄون تہ اسين بہ ڪونہ ٿا، پر شاديءَ هلندي وڳوڙ پيدا ٿيڻ ڳالهہ ۾ مزو نہ ٿئي ها."

اڄڪلهہ آئون پنهنجي گهرواريءَ سان سوني پٽ ۾ رهان پيو. پاڙيوارا بہ چڱا آهن، سڀ پنجوقتي نمازي آهن، ۽ منهنجي وڏي عزت ڪن ٿا. مون کي انهن وٽان محبت ۽ قرب مليو آهي. اهي منهنجو ڏاڍو خيال ڪن ٿا. اصل ۾ آئون جڏهن سوني پٽ آيو هوس تہ مدرسي وارن مون کي ڪرائي جي جاءِ عيدگاه ڪالوني ۾ وٺي ڏني هئي، اتي جي ماڻهن کي جلد خبر پئجي وئي تہ آئون بہ مهينا اڳ مسلمان ٿيو آهيان. انهن مون کي نماز جي پابندي ڪندي ۽ تسبيح وغيره پڙهندي ڏٺو تہ انهن کي بہ شرم آيو ۽ هو بہ مسجد ۾ اچڻ لڳا. مون پنهنجي گهر واري جي ذريعي اتي جي عورتن جي تعليم بہ شروع ڪرائي ۽ گشت وغيره جو بہ باقاعدي بندوبست ڪرايم. آهستي آهستي پاڙيوارن تي بہ اثر ٿيڻ لڳو. هو بہ نماز جا پابند ٿيڻ لڳا ۽ ٻارن کي مدرسي ۾ داخل ڪرائڻ لڳا، الحمدلله! هتي جا ڪافي ماڻهو پابندي سان نماز پڙهن ٿا. انهن ڏينهن کان اهي منهنجو احترام ڪن ٿا. منهنجا پاڙيسري ۽ مدرسي وارا مون کي ايترو تہ پيائيندا آهن جو سچ پڇو تہ ماڻٽن وٽان بہ ايترو پيار ۽ محبت ڪانہ ملي اٿم. اهو الله جو خاص ڪرم آهي ۽ ايمان جي محابي آهي.

سوال: اسلام قبول ڪرڻ ڪانپوءِ توهان کي ڪا پريشاني تہ آڏو ڪانہ آئي؟

جواب: ادا احمد! حضرت مون کي ڪلمون پڙهايو هو ۽ ان وقت ئي سمجهايو هئائين تہ اصل ۾ ايمان ۽ اسلام جو مطلب آهي، پاڻ بہ امن ۽ سلامتيءَ ۾ رهڻ ۽ ٻين کي بہ پنهنجي شر کان بچائڻ ۽ کين امن ۽ سلامتيءَ ۾ رکڻ. اسلام، امن ۽ سلامتي آهي. احمد ڀاءُ! آئون توهان کي اهو ٻڌائڻ



پيلجي ويس تہ حضرت فرمايو هو تہ امن ۽ سلامتيءَ جا لفظ، ايمان ۽ اسلام مان نڪتل آهن. ايمان ۽ اسلام ڪانسواءِ نہ تہ دنيا جي ڪنهن ماڻهوءَ کي امن ۽ آرام نصيب ٿي سگهي ٿو ۽ نڪي دنيا کي اسلام ۽ ايمان ڪانسواءِ امن ۽ سلامتي نصيب ٿي سگهي ٿي. ان تي مون حضرت کي عرض ڪيو هو تہ ساري دنيا جون اخبارون ۽ ٽي وي تي خبرون اچن ٿيون، تن مان تہ ائين ٿو لڳي جڻ مسلمانن ئي سڄي دنيا جو سک ۽ آرام برباد ڪيو آهي، ۽ جهاد ۽ اسلام جي نالي پويان ساري دنيا کي آتنڪواد (دهشت گرديءَ) جي باهہ ۾ ساڙين پيا. مولانا صاحب، مون کي ٻڌايو تہ اهو غلط، پروپيگنڊا آهي. ڪن جذباتي مسلمانن جي ٻي سمجهي ۾ ڪيل فيصلن مان غلط فائدو وٺي، اسلام جا مخالف، دنيا ۾ اسلام جي غلط تصوير چٽي رهيا آهن. ان هوندي بہ اسلام دنيا ۾ پکڙجي پيو . مولانا صاحب چوڏاري ويٺل ڪافي ماڻهن جي باري ۾ ٻڌايو تہ اهي سيئي انهن ئي ڏينهن ۾ ڪفر جي اونداهہ مان نڪري اسلام جي رحمت ۾ آيا آهن.

مولانا صاحب قرآن پاڪ جي آيت پڙهي ٻڌايو تہ ڪنهن بہ انسان کي ناحق قتل ڪرڻ، ائين آهي، جيئن ساري انسانذات کي قتل ڪرڻ. قرآن جو صاف صاف اعلان آهي تہ:

"                    " بيشڪ الله فساد کي پسند نٿو ڪري."

قرآن کي مڃڻ وارو انسان آتنڪوادي ٿي ئي نٿو سگهي. اسلام، رحمت ۽ امن جو مذهب آهي. مولانا صاحب چيو تہ اسين نسلي مسلمان آهيون، سو پراڻا مسلمان نالي ۾ يا رسمي مسلمان آهن. جسم ۾ جڏهن رت خراب ٿي ويندو آهي تہ زندگي ٺيڪ طرح هلائڻ لاءِ ۽ صحت پيدا ڪرڻ لاءِ نئين رت جي ضرورت پوندي آهي. دنيا جي امن ۽ سلامتيءَ لاءِ بہ نئين رت جي يعني سمجهي سوچي قرآني اسلام قبول ڪرڻ وارن نومسلمن جي ضرورت آهي، تنهن ڪري توهان تي وڏيڪ ذميواري آهي، الله جو شڪر آهي، جو نوان مسلمان، دين جو ڪم ڪري رهيا آهن. هن ٻڌايو تہ "عراق ۽

سعودي عرب ۾ مسلمانن جا قاتل يا انهن سان جنگ ڪندڙ آمريڪي فوجي پاڻ بہ مسلمان ٿي رهيا آهن.“ حضرت صاحب، انهن فوجين جا ڪي قصا بہ ٻڌايا.

سو مون چيو پئي تہ الله جو شڪر آهي، جو مون اسلام ۾ سلامتي ۽ امن ڏٺو آهي، اسلام کان اڳ آئون، رولو ٿي پيو گهمندو هوس، آرام لاءِ چت بہ نصيب ڪانہ هيم، عام ماڻهن کي ستائيندو هوس، جهنگلن ۾ رهندو هوس، ڦرمار تي گذارو ڪندو هوس، ۽ هاڻي مسلمان ٿيڻ ڪانپوءِ هر هنڌ مون کي عزت ۽ احترام ملي ٿو، محبت ۽ پيار ملي ٿو. ماڻهو منهنجون عزتون ڪن ٿا، اکين تي وهارين ٿا، شايد آئون اهڙو مسلمان آهيان، جنهن کي اسلام قبول ڪرڻ ڪانپوءِ ڪا بہ تڪليف پيش ڪانہ آئي آهي، منهنجي هندو ڪٽنب طرفان مخالفت جي بدران منهنجي عزت ڪئي وئي آهي. اهي منهنجي ڳالهہ کي احترام سان ٻڌن ٿا، مختلف معاملن ۾ مون کان صلاحون وٺن ٿا. الله سائين، مون نڪمي ۽ ڪريل انسان کي ڪيئن نہ سنواريو آهي. ان ڳالهہ تي جي آئون قربان ٿي وڃان تہ بہ ٿورو آهي، الله جو شڪر آهي، جو هن مون کي ڪنهن پريشانيءَ ۾ ڪو نہ وڌو، منهنجي سکيا سڻن عالمن هٿان ٿي آهي. اسلام ڪانپوءِ مون کي جيڪو سڪون ۽ اطمينان مليو تنهن جي باري ۾ آئون سوچي بہ ڪونہ ٿي سگهيس. الله سائين مون لاءِ نعمتن جا در کولي ڇڏيا، اهي منهنجي خواب خيال ۾ بہ ڪونہ آيون هيون، تہ ڪو منهنجي حياتي اهڙي سڻي ٿي ويندي، آئون ڏٽي در دعاگو آهيان تہ شال هو هر مسلمان کي مون جهڙيون نعمتون عطا فرمائي. آمين.

سوال: توهين پنهنجي ماءُ پيءُ وٽ ايندا ويندا آهيو؟ ڪڏهن توهان انهن کي دعوت بہ ڏني آهي؟

جواب: الحمدلله، آئون ۽ گهرواري ٻئي امان بابا جي گهر ايندا ويندا آهيون. امان تي سندس مائٽن جي طرفان دٻاءُ آهي، نہ تہ اندران هوءَ مسلمان ٿي وئي آهي. مون هڪڙي ڀيري کيس ڪلمون پڙهايو هو. منهنجو هڪڙو



ڀاءُ حضرت وٽ ايندو آهي، کيس حضرت سان ڏاڍي محبت آهي. ڀايان ٿو تہ حضرت هن کي ڪلمو پڙهايو آهي. مندر وڃڻ تہ هن بلڪل ڇڏي ڏنو آهي، هن کان ننڍو ڀاءُ ڪجهہ وقت اڳي مون وٽ سوني پٽ آيو هو. منهنجو ڀائيٽيو بہ ساڻس گڏ هو ۽ ٻنهي الحمدلله، اسلام قبول ڪيو هو . انهن مان هڪڙو اڄڪلهہ چلي ۾ ويل آهي. ٻيو بہ انشاء الله جماعت ۾ ويندو. منهنجا گهڻا دوست بہ اميد اٿم تہ مسلمان ٿي ويندا. اهي مون کي ڏسي، پاڻمرادو چاهين ٿا تہ حضرت سان ملون. ڪافي اڇڪ (مشتاق) آهن. توهين بہ دعا ڪريو. مون کي جڏهن بہ پنهنجي مسلمان ٿيڻ جو خيال ايندو آهي، تہ سيئي دوست ۽ مٽ مائٽ ياد ايندا آهن. آئون انهن جي هدايت لاءِ دل سان دعائون ڪندو آهيان.

سوال: توهين ارمغان رسالي ذريعي مسلمانن لاءِ ڪو پيغام ڏيندا؟

جواب: هائو. پيغام هي آهي تہ اسلام ۾ وڏو سڪون آهي. اسلام وڏي نعمت آهي. جيڪو ماڻهو نماز جي پابندي ڪري ٿو تنهن لاءِ سڪون آهي. باقي رڳو فارملٽي پوري ڪرڻ واري لاءِ ڪجهہ بہ ڪونهي. آئون اهو ئي پيغام ڏيان ٿو . اسان سڀني مسلمانن کي گهرجي تہ سنجيدگيءَ سان نماز جي پابندي ڪريون، نماز جو قدر ڪريون. ماڻهن کي اسلام ڏانهن سڏيون ، خبر ناهي تہ الله سائين ڪنهن جي ذريعي ڪاميابيءِ جو رستو کولي ڇڏي. سڀ کان ضروري ڳالهہ هي آهي تہ دنيا جي امن، سک ۽ سلامتيءَ لاءِ ، دنيا جي انسانن جو اسلام جي ڇانوَ هيٺ اچڻ ضروري آهي. ڪيڏو نہ انڌير آهي جو ماڻهو ، امن، شانتي ۽ سک سلامتي جي مذهب کي دهشت گردي سمجهڻ لڳا آهن. ان ۾ شيطان ۽ شيطان جي چيلن جي طرفان انسانن کي اسلام ۽ جنت کان پري رکڻ جي سازش جو دخل آهي، ڪن مسلمانن جون خرابيون بہ ان ۾ شامل آهن. توهين جيلن ۾ وڃي ڏسو تہ قيدي گهڻو ڪري مسلمان آهن، جڏهن تہ انهن علائقن ۾ هندوئن جي اڪثريت آهي، آئون بہ ٽي دفعا مظفر نگر جيل مان ٿي آيو آهيان، مون کي حيرت ٿي، جڏهن ڏٺم تہ

قيدين ۾ 76 سيڪڙو مسلمان آهن. جڏهن ته ان ضلعي ۾ مسلمانن جي آدمشماري 30, 35 سيڪڙو مس آهي. مسلمانن جي انهيءَ غلط ڪردار جو پوسٽر، سازشي ماڻهو اسلام تي چنبڙائين ٿا ته جيئن عام ماڻهو اسلام جي ويجهو نه اچن. پري رهن ۽ نتيجي ۾ دنيا امن کان محروم رهي.

منهنجو عرض آهي ته هر مسلمان ۽ ايمان واري کي پنهنجو شان سڃاڻڻ گهرجي. هو جتي به هجن. خيال رکن ته هو رحمته للعالمين ﷺ جا امتي آهن. انهن کي گهرجي ته پنهنجو پاڻ کي اسلام جا پيامبر سمجهن. گهٽ ۾ گهٽ اهو ته هو جتي به رهن. اتي عام ماڻهن کي پنهنجي شر کان محفوظ رکن ۽ ٻين لاءِ امن ۽ سلامتيءَ لاءِ ڪوشش ڪن. جڏهن هو ٻين جي ڳڻتي دل ۾ رکندا ته پنهنجي ايمان جي به ڳڻتي ڪندا. پنهنجي موت جو خيال ڪندا. اسين پاڻ جيڪڏهن اسلام جو مطلب سمجهندا سين ۽ ٻين ماڻهن کي السلام عليڪم جو مطلب سمجهائيندا سين ته ان اسلام ۾ سلام (سلامتي) پکيڙڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي. ته پوءِ مسلمانن جي سچي تصوير ماڻهن اڳيان ايندي . السلام عليڪم جي معنيٰ ئي اها آهي ته توهان تي سلامتي هجي، چئني طرفن کان توهان تي سلامتي هجي. ان کي ڦهلائڻ جو حڪم اسان جي نبي صلي الله عليه وسلم اسان کي ڏنو آهي. ته دين اسلام کي مڃڻ وارو ظالم ڪيئن ٿي سگهي ٿو؟ ڪيئن آتنڪوادي ٿي سگهي ٿو؟

سوال: شڪريو. جزاڪ الله — السلام عليڪم ورحمته الله.

جواب: وعليڪم السلام ورحمته الله وبرڪاته.

**(ماهوار رسالي ارمغان، مارچ 2006ع تان ورتل)**



# جناب محمد احمد (رام ڪرشن شرما)

## عاشق رسول ﷺ

احمد اواهه: محمد احمد صاحب، توهان جي هتي اچڻ تي ڏاڍي خوشي ٿي. بابا سائين، رسالي لاءِ توهان کان انٽرويو وٺڻ لاءِ چيو هو.

محمد احمد: جماعت ۾ ويل هوس. ڪالهه نظام الدين (دهلي جو پاڙو) کان موٽيو آهيان. بٽلا هائوس ۾ به پروگرام هو. الحمدلله ان ۾ به شرڪت ٿي وئي، اتي حضرت صاحب سان به ملاقات ٿي، انهن مون کي انٽرويو ڏيڻ لاءِ چيو هو. آئون حاضر آهيان، حڪم فرمايو.

سوال: سڀ کان اڳ توهين پنهنجي خاندان جو تعارف ڪرايو.

جواب: آئون 21 جنوري 1965ع تي هريدوار ۾ هڪڙي پنڊت خاندان ۾ پيدا ٿيس. والد صاحب هڪڙو وڏو مهنت هو، سندس نالو ڪيشورام شرماجي هو. منهنجو نالو رام ڪرشن شرما به هن ئي رکيو هو. اسان جي خاندان ۾ هڪڙو وڏو هندو مذهب جو گياني (وڏو عالم) پنڊت شري رام شرما جي تي گذريو آهي. هو گائيتري سماج جي باني مان هو، شانتي ڪنج هريدوار ۾ سندس آشرم هو. هندو مذهب جي ڄاڻ رکندڙ هر ڪو ماڻهو سندس نالي کان واقف آهي. هو اسان جي مائٽي ۾ پري جو ڏاڏو هو، حضرت صاحب مون کي ٻڌايو ته هن، مولانا شمس نويد عثماني جي هٿ تي ڪلمو پڙهيو هو. ۽ مون کي به سؤ سيڪڙو يقين آهي ته هو ضرور مسلمان ٿيو هوندو. وڏو حق پرست انسان هو، اها ته اسان کي به خبر آهي ته مرڻ کان اڳ هن سماڌي ورتي هئي (لاش ساڙڻ جي منع ڪئي هئائين. مرڻ کان پوءِ ماڻهن ٻڌايو ته سندس سجو بدن نيرو ٿي ويو هو. مولانا صاحب ٻڌايو ته سندس شاگردن ڪيس زهر ڏنو هو.

اسان جو خاندان آريا سماجي آهي. شروعاتي تعليم مون سرسوتي اسڪول ۾ حاصل ڪئي، پوءِ مون هريدوار گرو ڪل ۾ داخلا ورتي: اتي

مون سنسڪرت زبان چڱي طرح سکي، سمورا ويد پڙهيم . پوءِ وڌيڪ تعليم لاءِ ٻه سال گروڪل ۾ ئي رهيس . ساري گروڪل ۾ ٽاپ ڪيم ، ان کانپوءِ دهلي جي ويجهو بوپوره گروڪل ۾ سنسڪرت جو استاد ٿيس . منهنجا مضمون شانتي ڪنج جي ميگزينن ۽ ديش جي ٻين مذهبي ميگزينن ۾ شايع ٿيندا هئا.

سوال: پنهنجي اسلام قبول ڪرڻ جي باري ۾ ڪجهه ٻڌايو؟

جواب : آئون دهلي گروڪل ۾ پڙهائيندو هوس .اتي ٻه مسلمان شڌي ٿي آيا . انهن مان هڪڙو سهارنپور ضلعي جو بد نصيب ۽ بد بخت نوجوان هو ، جنهن پنهنجو نالو محمد طيب مان مٽائي، شيو پرشاد رکيو هو ۽ دارالعلوم ديوبند مان ٻن سالن جو قرات ڪورس ٻه ڪيو هئائين :

اڳي پنهنجو پاڻ کي محمد طيب قاسمي لکندو هو . ٻيو ٻهار جو هڪڙو مزدور هو . جاهل ، اڌڙوٽ عمر جو ماڻهو جاويد اختر مان فري ديانند ٿيو هو. هڪڙو نوجوان مولانا ، جنهن جو نالو شمس الدين ندوي هو. لکنؤ جو پڙهيل هو. تنهن کي ڪنهن انهن جي مرتد ٿيڻ جو ٻڌايو، سو هو سوني پت حضرت مولانا ڪليم صاحب وٽ ويو . مولانا صاحب کيس گروڪل وڃي، انهن کي سمجهائڻ لاءِ چيو . هن کي تمام گهڻي فڪرمندي هئي . ٻه ٽي دفعا هو اسان وٽ ٻه آيو. مون هن کي ايندي ويندي ڏٺو ته شيو پرشاد کان معلوم ڪيم ته اهو ڪير آهي . هن مون کي ٻڌايو ته هي مون کي وري مسلمان ٿيڻ لاءِ چوي ٿو . توهين هن سان ڳالهايو . اسلام ۾ ته ڪجهه ٻه ڪونهي . مون هن کي سڏايو آهي . توهين هن سان ڳالهايو ته ڏاڍو سٺو. ٿي سگهي ٿو هي ٻه هندو ٿي وڃي . جي هندو ٿي ويو ته وڏي ڪم جو ماڻهو ثابت ٿيندو.

احمد ڀاءُ ، جڏهن ٻه آئون هن بدبخت شيو پرشاد سان ڳالهيندو هوس ته هو اسان جي پياري نبي صہ تي جنهن تي ڪروڙين درود ۽ سلام هجن ، ۽ لکين رحمتون هجن، نبي سائين تي ، بيحد گندا الزام لڳائيندو هو. خاص



طور تي سندن صہ سماجي زندگيءَ بابت تمام گهڻو گهٽ وڌ ڳالهائيندو هو . اصل ۾ احمد ڀاءُ ، اهي ڳالهيون مون کي ان وقت ٻه خراب لڳنديون هيون ، هفتي کن کانپوءِ شمس الدين صاحب ٻه آيو. خبر پئي ته هو مولوي آهي ، مون هن سان ڳالهايو ته هن مون کي حضرت مولانا ڪليم صاحب سان ملڻ جو مشورو ڏنو ۽ ڏاڍي نرميءَ سان چوڻ لڳو ته مولانا ڪليم صاحب اسان جو وڏو آهي ۽ وڏو حق پرست انسان آهي .

توهين جيڪڏهن هن کي سمجهائي سگهو ته اسين توهان سان گڏ آهيون . اهڙي طرح هن ڪوشش ڪري، منهنجي هن سان ملاقات جو بندوبست امر تسر هاءِ وي تي رسوئي ڳوٺ جي مسجد ۾ ڪرايو. آئون ٻن ٽن ساٿين سان اتي پهتس . مولانا صاحب تمام اعلٰي اخلاق سان مليو . جڏهن کيس ويدڪ ڌرم ۾ اچڻ جي مون دعوت ڏني ته چيم ته ويدڪ ڌرم سيني کان وڏو مذهب آهي ۽ پوروجن يعني وڏن جو مذهب آهي ، جيڪڏهن اسان لاءِ مالڪ کي اسلام پسند هجي ها ته اسان کي ڀارت ۾ پيدا نه ڪري ها. هتي جي حالتن لاءِ ويدڪ مذهب ئي وڌيڪ مناسب آهي. پوءِ مون شيو پرشاد کان پياري سائين صہ جن جي شان ۾ جيڪي ڳالهيون ٻڌيون هيون، سي هن جي آڏو ورجايم . مولانا صاحب گاڏيءَ مان پنهنجو بيگ گهرايو ۽ هڪڙو ننڍڙو ڪتابڙو هنديءَ ۾ پروفيسر کي ايس راما رائو جو لکيل ڪڍي مون کي ڏنائين ۽ ٻڌايائين ته " هي هڪڙي هندو ڀاءُ جو لکيل آهي . آئون عرض ٿو ڪريان ته توهين هن کي پڙهيو . رڳو ايترو سو ڪجو جو توهين ان کي اسلام ۽ مسلمانن جو پيغمبر سمجهي نه پڙهجو. حضرت محمد (صلي الله عليہ وسلم) جي فرمان حديث ۽ قرآن ۾ هڪڙو ٻه لفظ اهڙو ڪونهي، جنهن مان ظاهر ٿئي ته حضرت محمد صلي الله عليہ وسلم فقط مسلمانن جا پيغمبر آهن . پر هو انسانيت لاءِ الله جا (آخري رسول آهن ." جڏهن توهين هن ڪتاب کي ٻه ٽي ڀيرا پڙهي وڃو، پوءِ ٻڌائجو ته آئون پاڻ ملڻ لاءِ توهان وٽ گروڪل آشرم ۾ ايندس. "

مولانا صاحب کي سفر تي جلدي ڪيڏانهن وڃڻو هو، سو اڏ ڪلاڪ ڪانپورِ آئون موٽي آيس . ڪتاب اڃي پڙهيم ، مون کي ائين پئي لڳو، ڄڻ حضرت محمد صلي الله عليہ وسلم سموري انسانيت نہ پر منهنجا رسول آهن . مون ڪتاب ڇت تي رکي ڇڏيو . پوءِ خيال ٿيو تہ حضرت محمد صلي الله عليہ وسلم جي مخالفت ۾ لکيل ڪتاب بہ هٿ ڪري پڙهان ، تہ جيئن هن ڪتاب پڙهڻ سان جيڪا محبت مون کي حضرت محمد صلي الله عليہ وسلم سان ٿي آهي، تنهنجو جادو ئي اثر مون تان گهٽ ٿئي . مون شيو پرشاد سان صلاح ڪئي ، هن چيو تہ غيرمسلمن جي لکيل ڪتابن جي ضرورت ڪانهي، پر خود نام نهاد مسلمانن مان بہ ڪن انهن جي خلاف ڪتاب لکيا آهن ۽ تسليمہ نسرين ۽ سلمان رشدي جي ڪتابن جو ذڪر ڪيائين ، مون کيس اهي ڪتاب آڻڻ لاءِ چيو . هو دهلي ويو ۽ خبر ناهي تہ ڪٿان انهن ٻنهي جا چار ڪتاب آڻي مون کي ڏنائين ، مون انهن چئني ڪتابن کي پڙهيو، پر راما رائو جي ننڍڙي ڪتاب ۾ جيڪا سچائي پريل هئي ، تنهن جيڪو اثر مون تي ڪيو هو ، هنن نفرت ۽ ڪوڙ سان پريل ڪتابن ان جو اثر گهٽ ڪونہ ڪيو ، ماڳهين پياري نبي صہ جي ڪردار جي سچائي مون کي وڏيڪ چٽائي سان ڏسڻ ۾ آئي . دل ۾ خيال ٿيو تہ تسليمہ نسرين ۽ سلمان رشدي خدا جا ڏڪاريل ماڻهو آهن ، جن تي بدبختيءَ جي مار پيل آهي ، جو انهن پنهنجي قلم کي اهڙي عظيم محسن جي بر خلاف استعمال ڪيو آهي . هڪڙي رات ستوپيو هوس تہ مون پنهنجي ڏاڏا ، جنهن کي اسين پنهنجي هندن جي ٻوليءَ ۾ ديوتا کان گهٽ نہ سمجهندا آهيون ، يعني پنڊت شري رام شرما جي کي خواب ۾ ڏٺم . هو چوڻ لڳو تہ پيارا پٽ ! تون ڪيڏانهن پيو پٽڪين ، حضرت محمد صلي الله عليہ وسلم اسان جا ئي تہ نراشنش آهن ، جنهن کي ڪلڪي اوتار بہ چئجي ٿو، ان کي مڃو . ان کي مڃڻ ڪانسواءِ مڪتي ( نجات ) ملي ئي نٿي سگهي . منهنجي مڪتي بہ انهن جو ڪلمو پڙهي ٿي آهي ، دوکو ڇڏي ڏي ،



مولانا ڪليم وٽ وڃ ۽ حضرت محمد صلي الله عليہ وسلم تي ڪلمو پڙهہ، جلدي ڪر ، دير نہ ڪر .

منهنجي اک کلي وئي . دل جو عجب حال هو . پياري نبي صلي الله عليہ وسلم جي محبت ۾ آئون مجنون پئي ٿيس، دل کي آٿت ڏيڻ لاءِ ان ڪتاب کي ٻيهر پڙهڻ لاءِ صبح جو چئين ٻجي ڇت تي چڙهي ويس ، هلڪي برسات پئي ٿي ، ڪتابڙو پسي ويو هو ، مون کنيو ۽ اکين تي لاتم، چميون ڏئي هيٺ لهي آيس . بيڪار ڪاغذ ٻاري ڪتاب کي سڪايم . ۽ پڙهڻ شروع ڪيم . دل ڀرجي آئي . روئڻ لڳس، ائين روئندي روئيندي مون کي ننڊ اچي وئي . خواب ۾ مولانا ڪليم صاحب کي ڏٺم ، چيائين پئي تہ "پنڊت رام ڪرشن جي هلو ، توهان کي توهان جي رسول سان ملايان . مون چيو تہ آئون ان لاءِ تہ توهان وٽ آيو آهيان ، هو مون کي هڪڙي مسجد ۾ وٺي ويو ، اتي وهاڻي سان ٽيڪ ڏئي، اسان جا پيارا نبي صلي الله عليہ وسلم ويٺا هئا . منهن ايڏو تہ ملوڪ هو، جو احمد پاءُ آئون بيان نٿو ڪري سگهان . آئون سندن صہ پيرن ۾ چنبڙي پيس ، پاڻ سڳورن مون کي ويٺي ويٺي پاڪر پاتو ۽ ڪي محبت جا لفظ بہ فرمايائون ، جيڪي مون کي ياد ڪونہ آهن ، منهنجي اک کلي وئي .

صبح ٿيو تہ مون ڦلت وڃڻ جو ارادو ڪيو ، خبر ڪانہ هيم . سو پهريائين سوني پٽ عيدگاه ويس ، اتي هڪڙي ماستر صاحب مون کي ڦلت وڃڻ جو پتو ٻڌايو . شام جو ڦلت پهتس ، مولانا صاحب موجود ڪونہ هو . اتي ماستر اسلام نالي هڪڙي ماڻهو سان ملايو جيڪو پاڻ بہ گڙه مڪيشور جي اوڏت آشرم هلائيندڙ مهاراج جو پٽ هو، سندس پيءُ بہ مسلمان ٿي گڙه مڪيشور ڇڏي ڦلت ۾ وفات ڪئي هئي . هن مون کي " توهان جي امانت توهان جي خدمت ۾ ڪتاب ڏنو جيڪو مون ڪيترا پيرا پڙهيو ، ٽيئن ڏينهن 2004ع ۾ ويهين اپريل هئي، مولانا صاحب مون کي ڪلمو پڙهائي مسلمان ڪيو . مون مولانا صاحب کي چيو تہ " چا ڪو مسلمان پنهنجي

پياري سائين صہ جو پاڻ تي نالو رکائي سگهي ٿو“. مولانا صاحب چيو تہ ڇو نہ . ضرور رکو. آئون توهان جو نالو محمد احمدرکان ٿو.

ان کان پوءِ مولانا صاحب مون کي اسلام قبول ڪرڻ جي قانوني ڪارروائي پوري ڪرڻ جي صلاح ڏني . ان کان پوءِ مون کي 40 ڏينهن لاءِ جماعت جي مرڪز موڪليو ويو . منهنجو چلو ڀوپال ۾ لڳو. الحمدلله نماز وغيره ياد ڪئي اٿم . هڪڙي چلي ۾ ڏهہ دفعا مون کي پياري سائين صہ جن جي زيارت نصيب ٿي .

سوال :گروڪل آشرم وارن توهان جي ڳولا ڪانہ ڪئي ڇا؟

جواب : انهن مون کي ڳوليو هوندو ، پر منهنجي جماعت مان موٽي اچڻ کان پوءِ مولانا صاحب مون کي گروڪل وڃي ڪم ڪرڻ جو مشورو ڏنو . مون شيو پرشاد کي واپس اسلام ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪئي ، پر سچي ڳالهہ پڇو تہ اها آهي تہ احمد ڀاءُ هن بدبخت ڪميني کي ڪو ماڻهو گڏيو ڪونہ هو . هن جو نالو مون کي تڙپايو ڇڏي . منهنجو حال اهو آهي جو جيڪو منهنجي نبي صلي الله عليہ وسلم سان محبت نٿو ڪري، آئون تہ ان کي الله جو دشمن سمجهان ٿو، نبي سڳوري صہ جي شان ۾ گستاخي ڪرڻ واري کي تہ آئون الله جو ڏمريل سمجهان ٿو. جيئن عذاب جي جاءِ تان اسان جي نبي صلي الله عليہ وسلم جلدي لنگهي وڃڻ جو حڪم ڏنو آهي، تهڙي طرح اهڙي ماڻهوءَ وٽ وڃڻ ۽ ويهڻ کي آئون جان ۽ ايمان جو خطرو سمجهان ٿو.

سوال : توهان هن تي محنت ڪانہ ڪئي ؟

جواب : اصل ۾ مون ڳالهہ کي تري ۾ وڃي سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي تہ الله جو ڏمر هن ماڻهوءَ تي ڪئين آيو، تہ خبر پئي تہ هن پنهنجي ماءُ کي ڏاڍو ستايو هو، هڪڙي دفعي هن پنهنجي ماءُ کي لت بہ هنئي هئي ، ان جي سزا هن کي الله هن دنيا ۾ ڏني . پياري نبي صہ جي بي عزتي ڪرڻ جي سزا مون پاڻ ڏني ، جو هو ڪتي وانگر ٿي مئو. گروڪل آشرم وارن هن



جو ڪرياڪرم بہ ڪونہ ڪيو ، پوليس وارا ٽنگ ۾ رسو ٻڌي گهلي ويا، هڪڙي گندي نالي ۾ لاش اڇلائي مٿان ڪچرو وجهي هليا ويا، مون کي هن تي ڪو غم نہ ٿيو . منهنجي دل ۾ پياري نبي سائين جي شان ۾ بي ادبي ڪرڻ واري لاءِ ڪابہ جاءِ ڪانهي. آئون بہ پنهنجي اندر کان مجبور آهيان :

سوال :گروڪل آشرم وارن توهان کي هن شڪل ۾ ڏسي ڪا مخالفت نہ ڪئي ؟

جواب : مون جماعت کان موٽڻ کانپوءِ مولانا صاحب جي هٿ تي بيعت ڪئي ۽ حضرت مولانا صاحب جي مشوري سان اسوهء رسول صہ ۽ شمائل ترمذي ڪتاب خريد ڪيا . ۽ الحمدالله ، وس آهر سنتن تي عمل شروع ڪيم. پٽڪو ، وار وغيره هر شيءِ ۾ نبي صلي الله عليہ وسلم جي پيروي ڪرڻ جي ڪوشش ڪيم . هن حلئي ۾ ماڻهن منهنجي ايڏي عزت ڪئي، جو ڳالهہ نہ پڇو . اڄ چار سال ٿيڻ وارا آهن، پر ڪنهن بہ منهنجي هن حلئي ۾ مون کي بي ادبي جي نظر سان ڪونہ ڏٺو .

سوال: گذريل سال توهين عمري تي ويا هئا . اهو سفر ڪئين رهيو؟

جواب: مون کي نبيء سائين صلي الله عليہ وسلم جي ياد ڏاڍو ستائيندي هئي . مديني جي ياد تمام گهڻي ايندي هئي . الحمدالله ، مون اردو پڙهي ڪجهہ عربي بہ پڙهيم ، ناگپور ۾ قرآن مجيد جي ترجمي جا ڪلاس اٽينڊ ڪيم . اڄڪلهہ آئون سيرت پاڪ تي ڪتاب پڙهان پيو . الحمدالله ننڍا وڏا سؤ ڪتاب سيرت جا پڙهيا اٿم . مديني پاڪ جون جيئن جيئن ڳالهيون پڙهندو هوس ، تہ اوڏانهن وڃڻ جي ڏاڍي تانگهہ ٿيندي هئي ، هڪڙي ڏينهن مون رات جو تهجد جي وقت ڏاڍيون دعائون ڪيون . الله پاڪ جي نالي تان قربان وڃان، الله پاڪ منهنجا سڏ اونايا ، الله سائين اهڙو فضل فرمايو، جو بنا پاسپورٽ ۽ بناڪاغذن جي جهاز ڪانسواءِ ئي منهنجي سائين جي برڪت سان مديني پهتس ۽ مڪي پاڪ ۾ عمرو بہ ادا ڪيم .

سوال : اهو وري ڪئين ٿيو، پاسپورٽ ۽ بنا ويزا وغيره

جواب : اهي تہ سبب آهن, الله جا پيدا ڪيل . جهاز گاڏيون ۽ ٻيون سواريون بہ الله جون ئي پيدا ڪيل آهن . هو تہ هرشيءِ تي قادر آهي , ٻيا سبب بہ پيدا ڪري سگهي ٿو .

سوال : اهي ٻيا سبب , اسان کي بہ ٻڌايو؟

جواب : احمد ڀاءُ , اهي ڳالهيون ڪنهن ٻئي وقت ڪنداسون ؟

سوال: پلا اتي جون ڳالهيون ٻڌايو .؟

جواب: اتي آئون هڪڙو مهينو رهيس,ٻہ دفعا مديني ويس ۽ باقي مڪي پاڪ ۾ رهيس, اتي مون ست عمرا ڪيا . مديني شريف ۾ مون الله سائين جون وڏيون رحمتون ڏٺيون . مون جهڙي ڪني ماڻهوءَ تي الله سائين نبي پاڪ جي محبت جي محابي وڏيون برڪتون نازل فرمايون .

سوال : انهن برڪتن جو ڪجهہ احوال ٻڌايو؟

جواب: اهي وري ڪنهن ٻي مجلس ۾ عرض ڪندس .

سوال : اڄڪلهہ توهين ڪٿي رهو پيا ؟

اڄڪلهہ آئون بنارس ۾ رهان پيو , اتي دعوتي ڪم لاءِ آئون هريدوار , رشي ڪيش , اجين , پشڪر , الہ آباد , ايوڌيا تيرٿن تي ويندو آهيان .

سوال : اتي ڪم جا نتيجا ڪيئن آهن. ڇا ڪن ماڻهن کي هدايت ملي آهي ؟

جواب : الحمدالله , نتيجا سٺا نڪرن پيا , انشاءالله جڏهن اهي سڀ ظاهر ٿيندا تہ مسلمان ان تي فخر ڪندا , الله سائين , مون گند پريل کي ڪٿان کان ڪٿي پهچايو آهي .

سوال : توهان شادي ڪئي آهي ؟

جواب : اسلام کان اڳ تہ مون کي شاديءَ جو خيال ڪونہ هو ۽ اسلام کانپوءِ گهر جون ذميواريون ڪڻڻ مون کي وڏو بار لڳندو هو , پر بہ مهينا اڳ ئي مولانا صاحب سان ملڻ لاءِ آيو هوس , انوقت مولانا مون کي شادي ڪرڻ لاءِ چيو هو. ان سلسلي ۾ نسائي جي حديث پاڪ ٻڌي آئون بيحد پريشان



ٿيس . مون حضرت صاحب کي عرض ڪيو تہ آئون حاضر آهيان , دعا ڪريو تہ ڪو نيڪ ساٿي ملي تہ جيئن آئون پنهنجي زندگي سنت مطابق گذري سگهان.

سوال : اڄڪلهہ توهان ڪٿي وقت لڳايو پيا ؟

جواب : اصل ۾ مون کي اهو خيال ٿيو آهي تہ الله جي نبي صلي الله عليہ وسلم جي سڀ کان وڏي سنت دعوت آهي . ان لاءِ پاڻ سڳورا ﷺ ماڻهن کي قرآن مجيد پڙهي ٻڌائيندا هئا . پاڻ سڳورا ﷺ قرآن پاڪ جا حافظ هئا . سو مون کي خيال ٿيو تہ نبي صلي الله عليہ وسلم جي سنت کان آئون ڇو محروم هجان ؟ جڏهن تہ الله سائين مون کي سٺو حافظو ۽ ذهن بہ ڏنو آهي. ان ڪري مون قرآن حفظ ڪرڻ شروع ڪيو آهي . الله جو شڪر آهي جو ٽن مهينن ۾ سورنهن سيپارا حفظ ڪري ويو آهيان . اڄڪلهہ تہ مون تي قرآن پاڪ حفظ ڪرڻ جو سودو سر ۾ سمايل آهي . تنهنڪري گهڻو وقت آئون قرآن حفظ ڪرڻ ۾ لڳايان ٿو.

# محمد اڪرم (وڪرم سنگھ)

# سان ملاقات

ادا سائين احمدا واهہ: السلام عليڪم

محمد اڪرم: وعليڪم السلام ورحمة الله

سوال: اڪرم ڀاءُ ! توهان سان بہ ٿي ڳالهيون ڪرڻ چاهيان ٿو مهرباني ڪري ٿورو وقت ڏيو.

جواب: احمد ڀاءُ بلڪل، آئون حاضر آهيان. فرمايو.

سوال: سڀ کان اڳ توهين پنهنجوٿورو تعرف ڪرايو؟

جواب: ادا، منهنجو نالو محمد اڪرم آهي. اڳي منهنجو نالو وڪرم سنگھ هو. آئون ميرٺ ضلعي جي هڪڙي ڳوٺ آگيا جو رهاڪو آهيان، جيڪو هاٽي نندو شهر ٿي ويو آهي. بابا سائين جو نالو شري تلڪ رام آهي. هو وچولي درجي جو هاري آهي. منهنجا چار ڀائر ۽ ٽي ڀيڻون آهن. ٽانڪ چندبہ ڪاليج ميرٺ مان مون تاريخ ۾ ايم اي ڪئي آهي. ايل ايل بي ۾ داخلا ورتي هيم، پر ٻئي سال ۾ هوس تہ ڪي اهڙيون حالتون پيش آيون، جو تعليم اڌ ۾ ڇڏڻي پئي. مون 2 آڪٽوبر 2002 ع تي اسلام قبول ڪيو هو.

سوال : اسلام ڏانهن توهان جي ڪشش جو ڪهڙو سبب هو، پنهنجي اسلام قبول ڪرڻ بابت تفصيل سان ڪجهہ ٻڌايو؟

جواب: منهنجو ننڍپڻ ڏاڍو عجيب گذاريو آهي. اسان جو ڪٽنب ڏاڍو مذهبي هندو گهراڻو هو. جڏهن ٿورو سمجهہ لائق ٿيس تہ منهجي دل دماغ ۾ پنهنجي مالڪ ۽ پنهنجي خدا جي ڳولا جو جذبو طاري ٿيو. نوبڪلائيءَ ۾ ويٺي ويٺي منهنجي دل ۾ خيال ٿيندو هو تہ هن ساري سنسار جو بنائڻ وارو ڪير آهي، اها ڪهڙي ذات آهي، جيڪا ايڏن سارن انسانن



کي پيدا ڪندڙ آهي، ۽ اهو بہ تہ سڀئي انسان هڪ ٻئي کان ڌار ڌار ڇو آهن، ايتريقدر جو ساڳئي ماءُ پيءُ جو اولاد بہ هڪ ٻئي کان بلڪل ڌار ڌار آهي؟ ڪا ڪمپني ڪارون ٺاهي ٿي تہ هڪجهڙيون ڇاهي ٿي، انهن جي سڃاڻپ لاءِ اسان کي نمبر پليٽن جو سهارو وٺڻو پوي ٿو. پر هن دنيا ۾ ڪروڙين انسان خالق جا بنايل بنا ڪنهن نمبر پليٽ جي سڃاڻپ ٿا، اهڙو بنائڻ وارو ڪير آهي؟ سج اڀري ٿو تہ باهہ جا الا وسائي ٿو، چنڊ چمڪي ٿو تہ ٿڌي چانڊوڪي پکڙجي ٿي. ايڏو وڏو آسمان بنا ٿنڀي ٽوٽي جي، بنا پٿين جي بيٺو آهي، ان کي ڪير ٿو سنڀالي؟ انساني جسم، اکيون، ڪن، هلڻ چلڻ لاءِ پيرن جو ڪيڏو نہ ڀلو انتظام آهي! انهن کي بنائڻ وارو ڪيڏو نہ عظيم آهي؟ ڪنهن جي اک نڪري وڃي تہ ڊاڪٽر پٿر جي اک هڻي سگهن ٿا، پر ان اک جهڙي اک ساري دنيا جا ڊاڪٽر گڏجي بہ نٿا ٺاهي سگهن. انهيءَ قسم جا سوال مون کي الله جي بنايل هر شيءِ ۾ الله جا جلوا ڏسڻ تي مجبور ڪندي آهي. مون پنهنجي ذهني سڪون لاءِ مذهب جو سهارو ورتو.

اڳي آئون مندر ويندو هوس، پر اتي آئون ڏسندو هوس تہ پنهنجي هٿن سان ٺهيل مورتين کي ماڻهو پوڄين پيا. اها ڳالهہ مون کي عجيب لڳندي هئي. مون کي مورتي پوڄيدڙن جي عقل تي افسوس ٿيندو هو. اسان جا گهر وارا مورتين کي کاڌو کارائيندا هئا، انهن لاءِ سياري اونهاري ڪپڙن ۽ هوا جو انتظام ڪندا هئا. آئون گهر وارن کي چوندو هوس تہ توهين انهن کي کارايو پيا ريو ٿا، پر ڪاڪوس لاءِ جهنگ ۾ وڃي چونٽا وڃو. هو مون کي دڙڪا ڏيندا هئا ۽ چوندا هئا تہ هي چريو ٿي ويو آهي، هن جو عقل ڀڳوان کسي ورتو آهي.

هڪڙي ڀيري، آئون پنهنجي ننڍي ڀاءُ سان گڏ هري دوار جي نيل ڪنٺ ٽڪري گهمڻ ويس. مون اتي ڏٺو تہ مندر وٽ پوليس جو وڏو ٽولو بيٺو آهي. مون ماڻهن کان پڇيو تہ هتي هيتري پوليس ڇو بيٺي آهي. انهن ٻڌايو

تہ مندر ۾ ڀڳوان شيوجي جو سونو نانگ رکيل آهي، جيڪو وزندار بہ آهي ۽ قيمت ۾ بہ ڳرو آهي. ان جي حفاظت لاءِ پوليس آهي تہ متان ڀڳوان جو نانگ ڪو چوري ڪري کڻي نہ وڃي، تنهن ڪري هتي هر وقت پوليس جو پهرو لڳل هوندو آهي. اهو ٻڌي مون کي اندر ۾ ڌڪ لڳو تہ جيڪو شيو جي پنهنجي نانگ جي حفاظت لاءِ پوليس جو محتاج آهي، سو پوڄا لائق ڪيئن ٿو ٿي سگهي ؟ دل ۾ خيال آيو تہ ان حالت ۾ جيڪڏهن مورتين ۾ احساس پيدا ٿي پوي ۽ انهن ۾ ساهہ پئجي وڃي تہ هوند اهي اٿلو اسان جي پوڄا ڪن، ڇو تہ اسين ئي انهن کي بنايون ٿا، بنائڻ واري جي ئي پوڄا ڪجي ٿي.

ڪيترا دفعا اخبارن ۾ خبرون پڙهندو رهندو هوس تہ اڄ فلاڻي مندر مان ڀڳوان جي چاندي جي ٺهيل مورتي چوري ٿي وئي، اڄ فلاڻي مندر مان ڀڳوان جو ترشول چوري ٿي ويو. اهڙين ڳالهين جي ڪري منهنجي دل مندرن کان هٽي وئي. ان کان پوءِ پنهنجي مذهبي تسڪين لاءِ مون ست سنگ ۾ وڃڻ شروع ڪيو.

بهرحال آئون ست سنگن ۾ وڃڻ لڳس. مون اتي وري هي لقاءُ ڏٺو تہ جڏهن گرو مهاراج پروچن ڪندا آهن تہ ماڻهن کي چوندا هئا تہ موهہ مايا يعني دنيا جي لالچ کان پري رهو. پر جڏهن ڪو ماڻهو انهن کي پنج سئو روپين جو نوٽ ڏيندو آهي تہ ڏاڍو خوش ٿيندا آهن، هو جلدي وٺي کيسي ۾ سوگهو ڪندا آهن. ۽ جن ماڻهن نوٽ ڏنا هوندا آهن، تن کي پنهنجي پير ۾ وهاريندا آهن. ۽ جن نوٽ نہ ڏنا هوندا آهن، تن ڏانهن توجہ ڪونہ ڪندا آهن. منهنجي دل ۾ خيال آيو تہ اهو ڪهڙو ڌرم آهي تہ پاڻ تہ مال سان محبت ڪن ۽ ٻين کي پري رهڻ جي نصيحت ڪن. مون ڪن گروئن جا ڪارا ڪرتوت بہ ڏٺا. مون ڪن گروئن کي ڏٺو تہ هو ماڻهن کي وصيت پيا ڪن تہ سندس سماڌي ڪئي وڃي ( يعني قبر ۾ پوريو وڃي ۽ سندس چتا کي ساڙيو نہ وڃي . پر ٻين عام ماڻهن کي سندس لاش ساڙڻ کان منع نٿا



ڪن. مون کي تہ ائين محسوس ٿو ٿئي ڄڻ اهڙن ماڻهو پنهنجي دل ۾ اسلام کي قبول ڪيو آهي پر ٻين کي ان کان جهلين ٿا. اهي ڳالهيون ڏسي ست سنگ وارن تان بہ منهنجي دل ڪڇي وئي.

مون هندو مذهب ڇڏي عيسائين ڏانهن رخ ڪيو. مون اتي بہ حضرت عيسيٰ عہ ۽ مريم عہ جو تصويرون ڏٺيون، جن جي پوڄا ٿيندي آهي. مٿان وري اهو تہ حضرت عيسيٰ عہ خدا جو پٽ آهي سو ڪئين ٿو ٿي سگهي؟ مون عيسائين کي ڏٺو تہ هو حضرت عيسيٰ عہ جي مورتيءَ جي پوڄا ڪن ٿا ۽ ان کان دعائون گهرن ٿا، جڏهن اهي مڃين ٿا تہ ان کي سوريءَ تي چاڙهيو ويو هو. جنهن خدا لاءِ خود خدا کي سوريءَ تي چاڙهيو ويو هو. تنهن جو پوڄا ڪرڻ، ڪهڙي عقل جي ڳالهہ آهي؟ پٽ کان دعا ڪرائڻ لاءِ دعا گهرن ٿا، خود خدا کان دعا ڇو نٿا گهرن؟ منهنجي دل عيسائيت کان بہ مايوس ٿي وئي. هڪڙي ڏينهن چرچ مان ڏکويل دل سان موٽي آيس تہ واٽ تي جينين جي منين جو هڪڙو قافلو ڏٺم، چار پنج ڄڻا انگ اگهاڙا ماڻهو وڏي بي شرم مائيءَ سان هلندا پيا وڃن، رستي ۾ هڪڙي هنڌ انهن جو سواگت ( استقبال ) ٿيو نوجوان ڇوڪرين انهن جي اگهاڙن بدنن کي پاڻي سان ڌوئي اهو پيتو. آئون ڏاڍو مايوس ٿيس. منهنجي آتما ( روح ) شرم وچان ٻڏي مرڻ لاءِ پئي چيو، انسان جي ٻُڌي ( عقل ) انڌن اونڌن رواجن اڳيان آخر ڪيترو هلندي!

سيني هنڌان مايوس ٿي مون اسلام جي کوجنا شروع ڪئي. اسان جي ڳوٺ ۾ گهڻا مسلمان رهن ٿا. آئون جيئن جيئن اسلام جي ڄاڻ حاصل ڪندو ويس، تيئن تيئن اندر مان آواز آيو تہ اهو ئي پراڪريڪ ڌرم (فطري مذهب ) آهي.

مون تي آخرت جي عقيدي جو سڀني کان وڌيڪ اثر ٿيو. دنيا جي هر شيء فنا ٿيڻ واري آهي ۽ الله تعاليٰ جي آڏو هر شيءِ بابت جواب ڏيڻو پوندو. اها ڳالهہ انسان کي انسان بنائي رکڻ ۾ مون کي تمام سٺي لڳي. هي

جهان ڇڏي سيني کي وڃڻو آهي ۽ پنهنجي مالڪ جي آڏو هن دنيا ۾ ڪيل ڪرمن ( عملن ) جو حساب ڏيڻو آهي. ان مالڪ جي سامهون وڃڻو آهي جيڪو ساري جهان جو خلقيندڙ آهي. ساري دنيا جا سڀ ماڻهو هن جا ٻاندا آهن. تان جو اسلام جو رسول حضرت محمد صلي الله عليه وسلم به الله جو ٻاندو ۽ انسان آهي. مون اسلام بابت معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ ڪن مسلمان ڇوڪرن سان دوستي رکي.منهنجي هڪڙي دوست فاروق جي نانيءَ وفات ڪري وئي. آئون ان جي دفن ۾ گڏ هوس. مون قبر ۾ مسلمانن جي دفنائڻ جو طريقو ڏٺو مون کي اهو طريقو سٺو لڳو. ۽ مون کي هندو مذهب ۾ ظالماڻي طريقي سان لاش کي ساڙڻ جي ڀيٽ ۾ هي دفن ڪرڻ جو طريقو بلڪل بهشت جهڙو لڳو. گهر وڃي سُتس. ته ننڊ ۾ ڏٺم ته به قبرون آهن. ڪي چڱا ماڻهو مون کي ٻئي قبرون کولي پيا ڏيکارين. هڪڙو ماڻهو سٺن ڪپڙن ۾ آرام سان ستو پيو هو ۽ ٻئي تي رت جا داغ لڳل هئا. ماڻهن ٻڌايو ته سٺل ماڻهو نيڪ مسلمان هوءِ رت ڀوڻءِ وارو خراب ماڻهو هو. ان ڪان پوءِ منهنجي دوست جي ناني کي ڏٺم ته. هوءَ تمام حسين ملوڪ جوان شهزادي جهڙي پئي لڳي. جڏهن ته هوءَ ڏاڍي پوڙهي ۽ پڪي سانوري رنگ جي هئي. ماڻهن ٻڌايو ته هيءَ مائي وڏي نيڪ مائي هئي. انهيءَ ڪري ڪيس اهڙو ملوڪ بنايو ويو آهي. اتي منهنجي اک کلي پئي.

هن خواب کان پوءِ مون کي مرڻ کان پوءِ جي حالتن جي اکين ڏٺي احوال کان به وڌيڪ يقين ٿي ويو. ان کان پوءِ مون کي روز روز سنا خواب ڏسڻ ۾ ايندا هئا. منهنجو مسلمانن سان اٿڻ وهڻ ڏسي منهنجي گهروارن کي مون تي شڪ پوڻ لڳو.انهن مون کي دڙڪا دهمان ڏيڻ شروع ڪيا. تنهن تي مون گهر وارن کي صاف چئي ڇڏيو ته مون کي مسلمان ٿيڻ کان هاڻي ڪو به روڪي نٿو سگهي. ان کان پوءِ مون گناه گار تي منهنجي الله هڪڙو ڀيو احساس ڪيو. جو ڳوٺ ۾ 12 آڪٽوبر 2002ع تي الله سائين پنهنجي هڪ نيڪ ٻندي ۽ انسانذات جي سچي همدرد مولانا محمد



ڪليم صاحب کي موڪلي ڇڏيو. ماڻهو مون کي هن وٽ وٺي ويا. ڪنهن به وقت موت اچڻ جي ڊپ کان دير ڪرڻ مناسب نه ڄاڻي مون کي ڪلمون پڙهايو. منهنجو نالو پڇيائين. هن چيو ته اسلام ۾ نالو پڇڻ يا نالو مٽائڻ ضروري ناهي، پر مون هندواڻي نالي بدلائڻ تي زور ڏنو تنهن تي هن منهنجو نالو محمد اڪرم رکيو.

سوال : ان کان پوءِ ڇا ٿيو؟

جواب : ايمان قبول ڪرڻ کان پوءِ مون تي پنج وقت نماز فرض ٿي وئي، آئون نماز پڙهندڙن کي ڏسندو رهيس ۽ نماز لاءِ مسجد ۾ وڃڻ لڳس. اها ڳالهه ڇوڏاري ڳوٺن ۾ پکڙجي وئي ۽ ڪي ڪي مسلمان به ڊڄڻ لڳا. آئون انهن مسلمانن کي چوندو هوس ته توهين ڇو ٿا ڊڄو؟ پوليس مون کي ڏوهاري سمجهي ٿي ته آئون پاڻهي جواب ڏيندس. جڏهن چور پاڻ نٿو ڊڄي، ته توهان کي ڊپ ڇا جو آهي؟ آئون بالغ آهيان. پوسٽ گريجويٽ آهيان. جاهل ڪونه آهيان. مون سوچي سمجهي سيني ڌرمن کي ڏسي وائسي فيصلو ڪيو آهي“. گهر وارا مون تي سختيون ڪرڻ لڳا. مارون ڪيڙڻ جا وجهه ڳولهڻ لڳا. منهنجي پيءُ مون کي پنجن پنجن ڏينهن تائين ڪمري ۾ بند ڪري رکيو. ڪمري ۾ بند هوس، پر نماز ڪونه ڇڏيم. دل ۾ خيال آيو ته دنيا وارا غلط سلط ڪم ڪري، چوريون ڌاڙا هڻي، جيلن ۾ بند ٿيندا آهن. پوليس جون سختيون سهندا آهن. ۽ هتي آئون پنهنجي مالڪ جي سچي ڳالهه لاءِ پنهنجي گهر ۾ بند آهيان. منهنجا گهر وارا مون کي مارين ٿا. اهي ٻيا ته ڪونه آهن. اهي ڳالهيون سوچڻ جي ڪري مون کي مار ۾ ۽ تڪليفون سهڻ ۾ عجيب قسم جو مزو ايندو هو.

هڪڙي ڏينهن موقعو ڏسي آئون گهران نڪري ويس ۽ مرڪز نظام الدين ۾ چلي تي ويندڙ جماعت سان گڏجي هليو ويس. اتان موٽڻ تي ڳوٺ

جي مسلمانن وٽ رهڻ لڳس. ڳوٺ ۾ ممڻ مچي ويو. منهنجي خاندان وارن مون کي ماڳهين ماري ڇڏڻ جون صلاحون رٿيون. ان تي مون ڪورٽ ۾ ۽ پوليس ۾ جان جي خطري جي درخواست ڏني. پوليس مون کي پرتاپور ٿاڻي تي وٺي وئي. پوليس آفيسرن مون کي نوڪريءَ جو لالچون ڏنيون تہ توکي داروغو بنائي ڇڏينداسون . مون کين چيو تہ ٻن ڏينهن لاءِ داروغو بنجي پوءِ هميشہ لاءِ دوزخ جي جيل ۾ سزا کان مون کي ڪير بچائيندو؟ مون کي شادي جي بہ لالچ ڏنائون، پر منهنجي آڏو الله جي اڳيان بيهڻ ۽ آخرت جي گهر جي ڪاميابي هئي. الله سائين مون کي ثابت قدم رکيو.

ايس پي سٽي مون کان پڇيو تہ تون ڳوٺ ڪانسواءِ ڪنهن ٻئي هنڌ بہ رهي سگهين ٿو؟ مون چيو . نظام الدين دهلي وڃي سگهان ٿو. هو مون کي نظام الدين ڪٺي آيا، مون کي چوڻ لڳا تہ هاڻي تنهنجو ڇا ڪريون؟ مون چيو تہ هڪڙو ڳوٺ ڦلت آهي، شايد اهي مون کي پاڻ وٽ رهائين. بہ پوليس وارا مون کي ڦلت وٺي ويا، اهي ٿڪجي ڪڪ ٿي پيا هئا ۽ بک بہ لڳي هين. ڪتولي واهہ تي پهچي پاڻ ۾ صلاح ڪرڻ لڳا تہ هن کي ماري واهہ ۾ لوڙهي ٿا ڇڏيون، هن اسان کي ڏاڍو رلايو آهي. اهو ٻڌي مون چيو تہ جيڪڏهن منهنجي الله منهنجي نصيب ۾ حياتي لکي آهي تہ ساري دنيا گڏجي بہ مون کي ماري نٿي سگهي، ان تي پاڻ ۾ چوڻ لڳا تہ چالهين ڏينهن ۾ مسلمانن هن کي مولبي ( مولوي ) بنائي ڇڏيو آهي. بهر حال رات جو دير سان ڦلت پهتاسين. مدرسي ۾ مولانا ڪليم صاحب موجود ڪونہ هو. پوليس وارن مدرسي وارن کي چيو تہ جيڪڏهن توهين لکي ڏيو تہ توهين هن جي حفاظت ڪندا ، تہ اسين هن کي هتي ڇڏي ٿا وڃون، نہ تہ اسين هن کي ماري لاش واهہ ۾ لوڙهي هليا ويندا سين. الله تعالي جزاءِ خير ڏئي ڀاءُ



الياس صاحب کي ۽ ڀاءُ سخاوت کي، انهن ٻنهي لکي ڏنو . الله جا شڪرانا، هاڻي آئون ڦلت ۾ خوش آسودو رهان پيو. اسان جو ابو مولانا ڪليم صاحب منهنجو ماءُ پيءُ آهي، هو مون سان ماءُ پيءُ کان بہ وڌيڪ پيار ڪري ٿو. مون کي گهر ياد بہ ڪونهي، اوڏانهن جي ڪا بہ تانگهہ ڪانهي.

سوال: ان کان پوءِ گهر وارن سان ڪو رابطو آهي؟

جواب : منهنجو پيءُ ۽ ٻيا مائٽ هتي ايندا رهندا آهن. انهن کي ڏاڍا سخت جواب ڏيندو هوس، پر حضرت مولانا ڪليم صاحب مون کي سمجهايو تہ هي گهر وارا تنهجا ماءُ پيءُ آهن ۽ ٻيا وڏا مائٽ بہ آهن. انهن توکي پاليو پوسيو آهي، انهن جو توتي وڏو حق آهي، انهن جو وڏو ادب ڪرڻ گهرجي ۽ گهڻي خدمت بہ ڪرڻ گهرجي. ۽ وڏي پيار ۽ ادب سان انهن کي دوزخ کان بچائڻ جي فڪر ڪرڻ گهرجي. اها ڳالهہ منهنجي سمجهہ ۾ آئي. ۽ هاڻي جڏهن بہ اهي ايندا آهن تہ آئون انهن جو وڏو ادب ڪندو آهيان. هو هتي نيرن ڪندا آهن، ماني بہ کائيندا آهن. آئون انهن لاءِ الله کان دعائون ڪندو آهيان.

سوال : انهن کان سواءِ ٻين ماڻهن لاءِ بہ دعوت جو فڪر ڪندا آهيو؟

جواب: پنهنجن سيني دوستن ۽ مائٽن ۾ مون دعوت جو ڪم شروع ڪيو آهي. الله جو شڪر آهي تہ انهن مان ڪيترن اسلام قبول ڪيو آهي. اميد اٿم تہ ٻين کي بہ الله هدايت نصيب فرمائيندو.

سوال : ارمغان رسالي پڙهندڙ مسلمانن لاءِ ڪي لفظ چوڻ پسند ڪندا؟

جواب: آئون رڳو ايترو چوڻ چاهيان ٿو تہ ساري دنيا جا انسان هڪڙي ئي ماءُ پيءُ جو اولاد آهن ۽ ائين اسان جا رَتَ ۾ ڀائر ڀيڻون آهن، ۽

جيڪڏهن اهي ناداني ۾ نفرت ۽ ظلم ڪن ٿا ته اسين ته نبي صہ جا مجيندڙ آهيون، قرآن جا مجيندڙ آهيون، اسان کي انهن تائين دلسوزيءَ سان الله جي دعوت، پهچائڻ گهرجي. خاص طور تي اسان جي ملڪ ۾ 33 ڪروڙن کان به وڌيڪ دلت سڏائيندڙ اهي انسان آباد آهن، جن کي مذهب جي ٺيڪيدارن اچوت اچوت چئي ذليل ڪيو آهي. انهن ۾ ڪم ڪرڻ ڏاڍو سولو آهي. اهي ماڻهو اندران ڏڪيل ۽ ٽٽل آهن، جيڪڏهن اسين اسلامي مساوات تي عمل ڪري، انهن جي دلين کي وٺڻ جي ڪوشش ڪريون، ته انهن تي ۽ پنهنجي ملڪ تي وڏو احسان ٿيندو. (ماهوار رسالي ارمغان، آڪٽوبر 2008ع تان ورتل)



# ٻُڌ ڌرم جو ليڊر
## اسلام جي آغوش ۾

ٻُڌ خدا جو اوتار بنجي مون 45 سال وڏي مزي سان زندگي گذاري، ماڻهو منهنجي آڏو سجدا ڪندا رهيا. تانجو انهن کي هر طرح ان جي پڪ ٿي ويئي ۽ مون کي به ان جو پوري طرح يقين ٿي ويو. مون پنهنجي حياتيءَ جا سچا سارا 45 سال، حياتيءَ جو اهو ڊگهو عرصو مون پاڻ مٿان خدائيت جو لبادو پائي گذاريو ته برابر آئون ٻڌ ڀگوان جو اوتار آهيان ٻڌ دنيا ۾ ست ڀيرا ڄائو آهي، تن مان هڪڙو آئون به آهيان منهنجي دعويءَ هئي ته جيڪو به آئون ڳالهايان ٿو سو خدا جو ڪلام آهي، ان تي مون کي پورو پورو يقين به نه هو نه رڳو مون کي يقين هو پر سيئي زعفراني ڪپڙا پاتل ٻڌ ڀڪشو اهو ئي يقين رکندا هئا.

"دنيا جو سڀ کان عظيم مذهب ٻڌمت آهي" اهو عقيدو آئون دنيا جي مختلف ملڪن ۾ دورا ڪري پکيڙيندو رهيس، جنهنجي نتيجي ۾ گهڻ ملڪن ۾ منهنجا ڪافي شاگرد ۽ مددگار پيدا ٿي پيا.

منهنجو سڳو ياءُ اڄ به دنيا جو هڪڙو مشهور ٻڌ سنياسي آهي، هن هن وقت آمريڪا جي لاس اينجلس شهر ۾ رهي ٿو.

آئون جنهن دور ۾ خدائيت جو جبو پائي زندگي گذاري رهيو هوس، ان زماني ۾ هڪڙو مسلمان ڀاءُ ۽ ٻيو ٻڌ مت ۾ منهنجو شاگرد ڊاڪٽر چيپن مدراس وارو، مون سان ملڻ لاءِ آيا، انهن ٻنهي جي ذريعي مون کي اسلام بابت تعارف حاصل ٿيو هو ۽ مون کي اسلام بابت ڪي ڪتاب به ڏئي ويا هئا. پر مون ان وقت ڪو خاص ڌيان ڪونه ڏنو ڪتابن جو مٿاڇرو مطالعو ڪري رکي ڇڏيم . پر پوءِ اڳتي هلي جڏهن مون قرآن شريف ۽ محمد ﷺ جي تاريخ ۽ سيرت جو لڳاتار مطالعو ڪيو ته مون کي پنهنجي دل جي

گهرائين ۾ پنهنجن گناهن جو احسا س ٿيو نتيجي ۾ خدائيت جو لبادو اوڍي زندگي گذارڻ وارو ماڻهو آهستي آهستي انسانيت جي روپ ۾ اچڻ شروع ٿيو ۽ اچي ويو. برهم چاري زندگي گذارڻ وارو ماڻهو گهر وارو خاوند بنجي ويو هيڪلو جسم رکڻ وارو ماڻهو پيءُ بنجي ويو. ٻين کي سلامتيءَ جو رستو ڏيکارڻ وارو، پاڻ سلامتيءَ جي رستي جو طلبگار ٿي پيو. ٻڌ سنياسين ۽ اڪيچارن چوپاين کي خدا مڃڻ وارو ماڻهو اڪيلي ۾ واحد الله کي سچو معبود مڃڻ وارو ٿي پيس.

مطلب تہ آئون جيڪي اڳي پاڻ خدا هوس، سو نيٺ انسان بنجي ويس. آئون پنهنجي حياتيءَ جو سمورو احوال الف کان ي تائين، پر مختصر طور توهان جي آڏو بيان ڪريان ٿو.

**منهنجي حالت**

ٻڌم شرڻم گڇامي، ڌرمم شرڻم گڇامي، سنگم شرڻم گڇامي، انهن اصولن تي زندگي گذاريندي، منهنجي زبان تي اهي لفظ ۽ نعرا هر دم جاري رهندا هئا. مون ٻوڌي ورڻ هيٺان ويهي علم حاصل ڪيو هو پوءِ ٻڌ سنياسي بنجي ساري دنيا ۾ ٻڌمت جي تبليغ ڪندو هوس.

**گوتم ٻڌ**

انسان کي انسان جي غلاميءَ مان ٻاهر ڪيڻ وارو، جاهليت کي ختم ڪرڻ وارو، آريا قوم جي ظلمن کي نابود ڪرڻ وارو، انسان کي امن ۽ سلامتيءَ جو رستو ڏيکارڻ وارو، گوتم ٻڌ.

**برهما جاري**

ٻڌمت عقيدن جا پرچار ڪرڻ وارا ماڻهو دنيا جون خواهشون تياڳڻ وارا ماڻهو درٻاري انداز ۾ ٻڌ ويهارن (مندرن) ۾ خوشيءَ ۽ سک سانت سان زندگي گذارڻ وارا ماڻهو آريا ورڻ آشرم ڌرم (ذات پات جي سسٽم) جي برخلاف ڪات ڪهاڙا ڪٽي نڪرندڙ ماڻهو.



**انسان ڪير آهي؟**

انسان ڇا پاڻ پيدا ٿيو آهي؟ يا ڪنهن خدا هن کي پيدا ڪيو آهي" موت ڇو ايندو آهي؟ موت کانپوءِ انسان جو ڇا ٿيندو آهي؟ منهنجو ضمير مون کان اهڙا سوال پڇندو رهيو. منهنجي ذهن ۾ اهي سوال ڦرندا رهيا، جواب بہ ڳوليندو رهس، وڃايل شين جي ڳولها وانگر. تنهنڪري منهنجي اندر ۾ آهستي آهستي خواهشن کان نفرت پيدا ٿيڻ لڳي. آئون حق جي تلاش ۾ هوس. نيٺ منهنجي اندر ۾ روشنيءَ جو هڪڙو ڪرڻو پيدا ٿيو پيسا خرچ ڪرڻ سان بہ حاصل نہ ٿيندڙ رحم ۽ محبت ۽ عاجزي دل ۾ پيدا ٿيڻ لڳي. آئون جنهن واٽ تي هلي رهيو آهيان، سا غلط آهي يا صحيح. اها ڳالهہ سمجهڻ لاءِ اندر ۾ وڏي تڙپ پيدا ٿي، اهڙي طرح مون کي پنهنجي گذريل حياتيءَ تي سوچڻ ۽ غور فڪر ڪرڻ جو موقعو مليو. آئون ذات جون يادوا آهيان، پر سوامي آنند جي نالي سان مشهور ٿي ويس. ريشم جي تخت تي ويٺل هوندو هوس، ۽ درٻار جا خادم مون کي هڪڙي هنڌان ڪٽي ٻئي هنڌ ويندا هئا. هي اهي هيون ماضيءَ ۾ منهنجون حالتون!

منهنجو خاندان تامل ناڊو ۾ رامناٿ پور ظلعي ۾ پرم ڪدي جي ويجهو آلاڪن ڪلم ۾ رهندو هو. پوءِ اتان مون سدارڪوتائي جي بندرگاهہ مان بادباني ٻيڙي ذريعي برما جو رخ ڪيو جتي منهنجو ڏاڏو پنهنجي فيمليءَ سان وڏي عش آرام ۾ زندگي گذاري رهيو هو. اسين ذات جا يادوا آهيون، اسان جو خانداني پيشو چوپايو مال ڌارڻ ۽ چارڻ آهي، پر آئون اڄ ٻُڌُ گرو سوامي، آنند جي سڏايان ٿو. روزگار لاءِ برهما آيو هوس، پر هتي اچڻ کانپوءِ مون پنهنجي مادري ٻولي تمل کي ڪونہ ڇڏيو.

منهنجي پيءُ کي، مون کي، ننڍپڻ کان ئي ڪٽر ٻڌ مت جو پوئلڳ ڏٺو تنهنڪري منهنجي پرورش بہ ٻڌمت طريقن مطابق ڪئي ويئي. مخلتف ٻڌ مندرن ۾ مون کي تعليم ڏياري وئي. مون کي ٻڌيڪشو بنائڻ منهنجي والد جي وڏي تمنا هئي. ان سلسلي ۾ هو سمورا ضرور طريقا مون کي سيکاريندو

هو. هو ديوتائن کي چاندي جي 101 ٿانون ۾ بند ڪري رکندو هو. وقت گذارڻ لاءِ آئون انهن ٿانون کي کولي ديوتائن کي ٻاهر ڪڍي اونداهہ ۾ انهن سان ڳالهيون ڪندو هوس.

پوءِ اهو وقت بہ آيو جڏهن، مون سان ملڻ لاءِ ايندڙ ماڻهن توڙي ساري دنيا ۾ ٻڌمت کي مڃيندڙن ۾، ديوتائن جي زبان کي سمجهڻ وارو ۽ انهن جي پيش گوئين جي ڄاڻڻ وارو ۽ انهن سان ڳالهائڻ وارو آئون مهاگرو آنند جي نالي سان مشهور ٿي ويس.

**آشرواد**

مختلف اڳواڻ ۽ حڪومتن جا اعليٰ عهديدار سندن مٿي تي منهنجو پير رکائي آشرواد وٺڻ کي پنهنجي لاءِ خوشبختي سمجهندا هئا. سينگاربور جي اڳوڻي راجا جي مٿي تي مون پنهنجو پير رکيو ڪيس آشرواد ڏنو هو. اهڙي طرح ٿائيلينڊ جي راج برماپوجو چنيوين کي بہ سندن مٿي تي پير رکي مون آشرواد ڏنو هو. ساڳئي طرح هندوستان جي اڳوڻي وزير اعظم راهيو گاندي ۽ جاپان جي نائب سلطنت، انهن ٻنهي جي مٿن تي مون پنهنجو پير رکي کين آشرواد ڏنو هو شڪر وار (جمعي) ۽ منگل وارو (اڱاري) تي سون جو تخت ايو ڪري پاٽيءَ جو مٽ ڪٽي جيڪو ماڻهو منهنجا پير ڌئارڻ چاهيندو آهي تہ ان جي قيمت هڪ لک روپيا آهي ۽ ان پاٽيءَ کي پنج ماڻهو پيئندا آهن، چو تہ آئون خدا جو اوتار آهيان.

**ٻڌ جو ٻيو جنم**

ديوتائن جو صدر، خدائن سان ڳالهائڻ جي طاقت رکڻ وارو، پنهنجي ملڪ توڙي ساري دنيا ۾ گهمڻ وارو آئون هوس. لاعلاج مرضن ۾ وڪوڙيل ماڻهو منهنجو پيشاب پيئندا آهن، ان سان انهن کي شفا ملندي آهي. منهنجي پيشاب پيئڻ ۾ آخر ڪهڙي ڳالهہ غلط آهي، جڏهن تہ آئون انهن جو خدا آهيان؟



**ڇا انسان خدا آهي؟**

آئون ٻوڌي وڻ جي هيٺان چانديءَ جي تخت تي ويٺو آهيان. سون ۾ پيسا منهنجي اڳيان رکي، پيرن تي ڪرندڙ پڳتن کي آئون آشرواد ڏيان ٿو. هي ماڻهو آشرواد وٺڻ لاءِ آيا آهن. مون رنگون، تبت، چين، ڪموڊيا، جاپان وغيره ملڪن جي ٻڌ گروئن کان تعليم حاصل ڪئي آهي. 19 سالن جي عمر ۾ مون مڪمل تعليم حاصل ڪئي. پوءِ هڪڙي ڏينهن برما جي ئي گادي جي هنڌ منڊلا ۾ ٻڌگرو چانيسرا مون کي ايشياء جي پنجن وڏن ٻڌگروئن ۾ شامل ڪيو ويو. اها حيثيت قبول ڪرڻ کانپوءِ مون کي زعفراني رنگ جو لباس پهرايو ويو. اهڙي طرح ٻڌ ڀڪشوئن ۾ مون کي وڏو مرتبو ۽ اعليٰ مقام حاصل ٿي ويو. ٽوڪيو (جاپان) جي ٻڌ گروهہ ”ٻوڌي واسواسو“ مون کي ناگاساڪي ۾ مقرر ڪيو اهڙي طرح سڄي دنيا ۾ ٻڌ مذهب جي تبليغ ۽ اشاعت جي عظيم ذميواري مون کي سونپي وئي. ان کان پوءِ مون کي دنيا جي 101 گروئن جي صدارت ڏني وئي. پوءِ مون دنيا جي مختلف ملڪن جا دورا ڪيا ۽ ٻڌمت جي تبليغ ۽ واڌاري لاءِ ربردست ڪوششون شروع ڪيم. ڏکڻ اولهہ ايشياء جي سترنهن ملڪن ۾، جتي ٻڌمت جا مڃيندڙ موجود آهن، تنهن کانپوءِ يورپ ۾ بہ ٻڌ مذهب جي نشر اشاعت لاءِ ڪوشش ڪندو رهيس.

ٻڌمت جي دنيا ۾ مون کي ايڏو تہ وڏو مرتبو حاصل ٿيو هو جو حد کانهي. دنيا جي سيني ملڪن ۾ وڃڻ يا دورا ڪرڻ لاءِ حڪومتن جي طرفان مون کي گرين ڪارڊ (Green Card) عطا ڪيا ويا، جنهن جي ڪري عرب ملڪن سوڌو ساري دنيا ۾ وڏي پيماني تي ٻڌ مذهب ڦهلائڻ جي جاڪوڙ ڪندو رهيس. منهنجو سڳو ڀاءُ سوامي نند آچاريا، اڄ آمريڪا جي لاس اينجلس شهر ۾ 67 منزلن واري بلڊنگ جي ٻڌ آشرم ۾ مٺ پٽي جي عهدي تي آهي. آئون بہ اتي ساڍا ٽي سال مٺ پٽي رهي چڪو آهيان.

## ٽوٽا ڦيٽا ۽ ڪرامتون

چين، تبت، جاپان وغيره ۾ جهاڙن ۽ ڦيٽن جي ڪري مون کي وڏيون ڪرامتون حاصل ٿيون، ۽ وڏي مشهوري ملي. ان زماني ۾ جهاڙن رکڻ ۽ شوڪارن ذريعي روحن کي سڏائڻ ۽ انهن کان پيشن گوئين ڪرائڻ، منهنجو خاصل عمل هو. ڪالي ڪاڙي، ڪلڪتا ڪالي، ڪيرالا ديوي (ديوين جا نالا) جي پوڄا ڪري تامي جي پٽين ۽ ڏاڳن تي شوڪاريندو هوس. ماڻهو جهاڙون ۽ ڦيٽا رکائڻ لاءِ مون کي ڳوليندا وتندا هئا. هڪڙو ماڻهو موٽ اچي عرض ڪري ٿو، گروجي آئون خدا کي ڏسي نٿو سگهان، توهين ئي زنده عظيم خدا آهيو. مون وٽ دنيا جو سڀ نعمتون آهن، پر شاديءَ کي پنج سال گذري چڪا آهن پر اولاد کان محروم آهيان. گروجي توهين مون کي بهترين آشرواد ڏيو جو مون کي اولاد نصيب ٿئي. ائين اهو ماڻهو منهنجي پيرن تي هٿ رکي پنهنجي اکين تي گهمائي ٿو. اتان ئي مسئلو شروع ٿئي ٿو. منهنجي آشرم ۾ اچي مون کي ڳوليندڙ اهو پڳت ڪروڙ پتي آهي. ان کي پنهنجي چار ۾ ڦاسائڻ جو خيال منهنجي دل ۾ پيدا ٿئي ٿو. آئون هن کي چوان ٿو ته ”شام جي پوڄا کانپوءِ آئون توکي تعويذ ڏيندس، ڏينهن جو ڪنڌ ۾ پائج ۽ رات جو وهاڻي هيٺ رکي سمهج. اڄ رات خدا توسان ڳالهائيندو. سڀاڻي اچي ٻڌائجان ته خدا توسان ڳالهايو يا نه. اتفاق سان ٻئي ڏينهن اهو ماڻهو اچي منهنجو در کڙڪائڻ لڳو. منهنجي شاگرد ڊوڙي اچي ٻڌايو ته. گروجي! اهو ڪروڙ پتي ماڻهو آيو آهي، مون پڇيو ڪهڙو ڪروڙ پتي؟ هن چيو ته اهو ساڳيو جيڪو اولاد لاءِ تعويذ وٺي ويو هو. مون تڪڙ ۾ زعفراني ڪپڙا پاتا، ريشمي وڇٿو هٿ ۾ ڪري، ٻئي هٿ ۾ پڪشوئن وارو ٿانو جهلي تيار ٿي ويس، ڄڻ آئون ٻڌ ڀڳوان هينئر ئي آسمان مان لٿو آهيان، ائين هن جي سامهون آيس. هو يڪدم منهنجي پيرن تي ڪري پيو ۽ تڪو تڪو ڳالهائيندي چوڻ لڳو ته خدا مون سان ڳالهايو آهي مون ته خدا کي ڪڏهن به ڪونه ڏٺو مون سان ته خدا ڪڏهن



به ڪونه ڳالهايو، پر منهنجا ڪوڙا تعويذ پائي هي بيوقوف چوي ٿو ته خدا مون سان ڪلام ڪيو آهي. هن جي ڳالهه ٻڌي آئون پريشان ٿي ويس ته اهو آئون ڇا پيو ٻڌان؟ 45 سال مٿو ڪوڙائي، زعفراني ڪپڙا پائي، برهما چاري زندگي گذاري، سڀني خواهشن کي ترڪ ڪري سنياسي بنجي، ٻوڏي وڻ هيٺان ويهي ٻُڌا ٻُڌا جا وڏي سڏ پڪاريندڙ سدائين وظيفا پڙهڻ وارو آئون! ۽ هي ميان، منهنجا ئي تعويذ وٺڻ وارو، مون کي هڪڙي پاسي هٽائيم خدا سان ڳالهائڻ وارو ٿي پيو آهي. خدا هن سان ڳالهايو آهي. اهو ڪهڙو انصاف آهي؟

جيڪڏهن خدا کي ڳالهائڻو ئي هو ته مون سان ڳالهائي ها. 45 سال گذري ويا خدا مون سان ڪونه ڳالهايو، پر منهنجي هڪڙي شاگرد هڪڙو تعويذ توکي ڏنو ته خدا توسان ڳالهائڻ لڳو. ڦاسائڻ وارا جيستائين هوندا، ڦاسڻ وارا ڦاسندا ئي رهندا. مختلف سوامين جي حالت اها آهي، جو زعفراني لباس ۾، تقدس جو ظاهري روپ ڌاري، انهن مهان مقدس هستين کي جيڪڏهن پوليس پڪڙي وجي ۽ ڇنڊڇاڻ ڪري ته هوند اهي مها پاپي نڪرن. انهن ۾ مشهور برهمائنده سوامي، چندرا سوامي، مارتا اندتم، جان جوزف وغيره آهن. منهنجن وڏن منهنجي ذهن ۾ اها ڳالهه وهاري ڇڏي هئي ته مسلمان، زوري ماڻهن جا مذهب بدلارائين ٿا. ٻيو ته منهنجا وڏا يادوا ذات جا آهن، جن جو پيشو مال مويشي ڌارڻ ۽ پالڻ آهي. ۽ اهو به ته هوڳانءَ (ڳئون، ڍڳي) کي خدا ڪري مڃين ٿا. جيتوڻيڪ آئون ننڍپڻ کان ئي ٻڌمت جو چيلو ۽ پوءِ گرو ٿيس، پر منهنجو پيءُ ۽ ماءُ ڳانءَ کي خدا ڪري مڃيندا آهن ۽ مون کي به اها شيءِ مڃڻ لاءِ چوندا آهن. ۽ ٻئي پاسي مسلمان اهڙا جو اسان جي هن خدا کي ڪهي (ذبح ڪري) برياني ٺاهي کائيندا آهن. اهڙن ماڻهن جي مذهب اسلام جو مطالعو ڪرڻ منهنجي وس جي ڳالهه ڪانه هئي. پر ان وچ ۾ ڪن مسلمانن سان منهنجا واسطا ٿي پيا.

اسلام مون کي گهيرڻ لڳو

مسلمانن سان ٿورا گهڻا واسطا ٿيا، ۽ پوءِ وڌڻ لڳا. ان سان گڏ ئي اسلام کي سمجهڻ جون سهولتون بہ پيدا ٿي پيون. ننڍين ننڍين رسالن جو مطالعو هلندو رهيو. پاڻ سڳورن ﷺ جي سيرت جو مطالعو ڪرڻ سان، قرآن شريف پڙهڻ جو شوق ٿيو. جڏهن قرآن شريف جو مطالعو شروع ڪيم تہ خبر پئي تہ هن ساري جهان ۾ سموري مخلوق جو خالق هڪڙو ئي آهي. اهو بہ معلوم ٿيو تہ سج جيڪو صبح جو اڀري ٿو ۽ شام جو لهي ٿو سو بہ الله جي حڪم سان ئي ائين ڪري پيو. اهي ڳالهيون ڄاڻڻ کان پوءِ الله جي عظيم ڪلام ۽ اڪيچار مخلوقات تي غور ڪندي حيرت ۾ پئجي ويس. ائين اسلامي سوچ آهستي آهستي وڌندي وئي. دماغ ۾ سوچن هنگامو مچائي ڇڏيو. دماغ ۾ لوڏا اچي ويا. تہ اسلام کي وڌيڪ سمجهڻ گهرجي ۽ قبول ڪرڻ گهرجي. خيال آيو تہ اجا ترس، قرآن ڪريم جو هڪڙو دفعو وري مطالعو ڪري ڏسڻ گهرجي، اهو جذبو ايترو تہ وڌيو جو آئون نهايت سنجيدگيءَ سان قرآن جي مطالعي ۾ غرق ٿي ويس. آهستي آهستي آشرم ۾ روزمره سرگرمين ۾ بہ دلچسپي گهٽ ٿيندي وئي. اڳتي هلي صبح ۽ شام جو اڳربتي ٻاري، پاٺيءَ ۾ گل وجهي ”ٻڌ شرڻم گڇامي“ جو ذڪر بہ بند ٿي ويو.

ابتدائي نقطو

قرآن ڪريم جو ٻہ دفعا مطالعو ڪرڻ کانپوءِ منهنجو ذهن ڪافي کلي ويو. احساي ٿيڻ لڳو تہ گذريل 45 سالن کان آئون گمراهي ۽ جهالت ۾ هوس، سڀئي شيون تہ الله جي هٿ وس آهن. ايتريون ڳالهيون دماغ ۾ اچڻ کانپوءِ، اجا بہ عيش آرام جو عادي هي سوامي، عيش واري زندگي ڇڏڻ لاءِ تيار ڪونہ هو ۽ جسم پابنديون قبول ڪرڻ لاءِ آماده ڪونہ هو.

انهن ڏينهن ۾ هڪڙو دلت اڳواڻ مون وٽ آيو. آشرواد جي خيال سان. مون هن جي مٿي تي پنهنجو پير رکي کيس آشرواد ڏنو تہ تون 120 سال



حيات هوندين، پر هو ويچارو مون کان آشرواد وٺڻ کان 90 ڏينهن بعد گذاري ويو. اهو ٻڌي منهنجو اندر ڏڪي ويو. منهنجي زندگيءَ ۾ انقلاب جو شروعاتي نقطو شايد اهو واقعو هو. ساڳئي طرح هڪڙو ٻيو واقعو بہ ٿيو. سن 1991ع جي پارليامينٽ اليڪشن جو زمانو هو. اڳوڻو پرائم منسٽر راجيو گانڌي، ڪانچي جي شنڪر آچاريا کان آشرواد وٺڻ لاءِ ويو. راجيو ڳانڌي جي مٿي تي پنهنجو پير رکي شنڪر آچاريا کيس چيو: توهان 101 سالن تائين سلامت رهندا ۽ اهو بہ آشرواد ڏنائون تہ هندوستان ۾ توهان ئي هميشه وزير اعظم ٿيندا. شنڪر آچاريا جي آشرواد جي ستاويهين ڏينهن راجيو گانڌي، شري پور ۾ انساني بم وگهي فوت ٿي ويو.

انهن ٻنهي واقعن منهنجي ضمير ۾ تکي جهنبڙي پاتي ۽ اهي واقعا اندر ۾ لڳاتار للڪاريندا رهيا تہ آئون هڪڙو ٻڌ سوامي آهيان، مون جنهن کي آشرواد ڏنو سو 90 ڏينهن اندر مري ويو ۽ ٻئي پاسي هندو گرو شنڪر آچاريا جنهن ماڻهوءَ کي آشرواد ڏنو، سو فقط ستاويهين ڏينهن کانپوءِ گذاري ويو. مون کي پوري طرح خبر پئجي وئي تہ آشرواد ڏيڻ وارو آچاريا ۽ آئون ٻڌ ڀڪشو ڪوڙا خدا آهيون، ان کان وڌيڪ ذلت ٻي ڪهڙي ٿي سگهي ٿي.

ڳالهہ واضح ٿي وئي تہ انسان ڪنهن بہ طاقت جو مالڪ ڪونهي.

هن ڌرتيءَ تي فقط الله جو حڪم هلي ٿو. ان حقيقت منهنجي دل ۾ يقين پيدا ڪري ڇڏيو ۽ منهنجون اکيون کولي ڇڏيون تہ مون جهڙي حقير ناچيز کي آشرواد ڏيڻ جو ڪو بہ حق ڪونهي. اها سجاوي اندر ۾ ايندي وئي، ڪافي عرصي کان وٺي پاتل زعفراني رنگ جا ڪپڙا لاهي ڦٽا ڪيم ۽ مون کي پڪو يقين ٿي ويو تہ الله کانسواءِ ڪو بہ معبود برحق ڪونهي.

چا انسان خدا آهي؟

چا آئون خدا آهيان؟ اسلام مون کي سوچڻ تي مجبور ڪيو. انسان، انسان ٿي زندگي گذاري، اهوئي هن جو معراج آهي. انسان سيني ڳالهين

کان آزاد ٿي سگهي ٿو پر ازدواجي زندگي کان آزاد ٿيڻ بيحد ڏکيو آهي. رنج جي ڪري انسان ٽٽي، ڀڄي ڀري تباهه ٿي وڃي ٿو. اسلام انسان کي چئن زالن سان گڏ زندگي گذارڻ جو حق ڏنو آهي. ازدواجي زندگي ترڪ ڪري سنياسي بنجي، سوين ڇوڪرين سان ملوث ٿي. انهن جي زندگي برباد ڪرڻ عظيم گناهه آهي. اسلام مون کي ان ظلم کان بچائي ورتو. مون پنهنجا زعفراني ڪپڙا لاهي ڦٽا ڪيا ۽ انسان بنجي ويس.

### مهاگروءَ جي بددعا

منهنجي مسلمان ٿيڻ جي خبر، ٻڌمت جي دنيا ۾ باهه وانگر پکڙجي وئي. انوقت جي مهاگرو، تبت سواميءَ کي به اها خبر پهتي. عام طور تي هو منهنجي واکاڻ ڪندو رهندو هو. منهنجي اسلام قبول ڪرڻ جي خبر ٻڌندي ئي هن مون کي سڏايو. حقيقت ۾ هو نه رڳو سوامي هو پر وڏو ماهر جادوگر به هو. آئون خوشيءَ سان ملاقات لاءِ ويس. مون سڀ ڳالهيون پيرائتيون هن کي ٻڌايون. هن چيو ته، ”توهان جي اسلام قبول ڪرڻ جي ڪري ٻڌ مت کي نه رڳو وڏو نقصان پهتو آهي، پر عوام جي هڪڙي وڏي انگ جي ٻڌمت ۾ داخل ٿيڻ جي اميد به گهٽ ٿي ويندي. تنهنڪري توهين پنهنجي ان فيصلي تي نظر ثاني ڪريو.“ مون جواب ڏنو ته ان فيصلي تي نظرثاني جي هاڻي گنجائش ڪانهي. ان جواب ڏيڻ جو خيال منهنجي ذهن ۾ ڪونه هو ته آئون ڪو اهڙي قسم جو جواب به ڏئي سگهان ٿو. ڪو زمانو هو جو گرو جيڪڏهن چوندو هو ته سهي جون ٽي ٽنگون آهن، ته آئون به اکيون پوري تصديق ڪندو هوس، ته برابر سهي جون ٽي ٽنگون ٿينديون آهن. منهنجو جواب ٻڌي گروجي مون کان سخت ڪاوڙجي ويو. سندس ڪاوڙ ايتري ته وڌي وئي جو هو مون کي پٽڻ لڳو ۽ بددعا ڏنائين. اڳي آئون سندس بددعا تي ڏڪي ويندو هوس ۽ مون کي رڦٽي وٺي ويندي هئي. پر هن دفعي سندس بددعا تي مون کي ڪا به پريشاني ڪانه ٿي، سندس بددعا جا لفظ هي هئا:



”منهنجي ڳالهه جو انڪار ڪرڻ ڪانپوءِ، ائين چوڻ ته ”اسلام کي ترڪ ڪونه ڪندس“ چوڻ وارو تون، وچ هڪ سؤ پنجاهه ڏينهن اندر تنهنجي هڪڙي ٻانهن ۽ هڪڙي ٽنگ فالج ۾ سڪي ويندي“ مون کي دلي اطمينان هو ڇو ته اسلام ۾ اهڙين ڳالهين جو ڪو به مقام ڪونهي. پر پوءِ به شيطان دل ۾ ڊپ وجهڻ لڳو ته متان پاراتو لڳي پوي، ته پوءِ ڇا ٿيندو! بهرحال انهن خيالن کي ذهن مان ڇنڊي الله تي ڀروسو رکي موٽي آيس. گهر اچڻ ڪانپوءِ ته ماڳين وسوسا وڌي ويا. جيڪڏهن سياڻي معذور ۽ محتاج ٿي پيس ته ماڻهو چوندا ته اها گرو جي پٽ لڳي آهيس. گهٻراهٽ تمام وڌي وئي. الله سائين جا لکين ڪروڙين احسان جو اهي پنج مهينا يعني 150 ڏينهن خير سان پورا ٿيا. ڪا تڪليف ڪانه ٿي. ان وچ ۾ الحمدلله عمري لاءِ مڪي شريف وڃڻ جو موقعو به مليو. سچ پڇو ته انهيءَ بددعا ڪانپوءِ مون کي زندگيءَ ۾ ڪيئي ڪرامتون ڏسڻ ۾ آيون. گهڻا ماڻهو اهڙين پٽن پاراتن ڪانپوءِ ذهني فڪرمندي جي ڪري پنهنجي حياتي ڏکي ڪن ٿا. پر الله پاڪ پنهنجي ڪرم سان مون کي اهڙين خطرناڪ حالتن ۾ به محفوظ رکيو. اسلام قبول ڪرڻ ڪانپوءِ ماڻهوءَ جي زندگيءَ ۾ ڪافي تبديليون اينديون آهن. انهن مان هڪڙي هيءَ ته ٻين سان دوکو يا ٺڳي ڪرڻ کان ماڻهو پاڻ بچائيندو آهي، گذريل 45 سالن دوران ٻڌ ڀڪشو جي روپ ۾ مون سوين ماڻهن کي دوکا ڏنا، پر هاڻي ان گندي ڪم کي مڪمل طور ڀلائي چڪو آهيان. انوقت مون کي وري پاڻ کان مٿين گروئن هٿان دوکا کائڻا پوندا هئا. منهنجي نئين زندگيءَ مان الحمدلله اهي برائيون ختم ٿي چڪيون آهن. زعفراني ڪپڙن ۾ منهنجي طبيعت تمام سخت ۽ اڻ سهو هوندي هئي، پر ڪلمي توحيد جي اقرار ڪانپوءِ آئون نرم دل انسان بنجي چڪو آهيان. اهڙيون ٻيون تبديليون به مون کي محسوس ٿيون آهن آئون 13 آڪٽوبر سن 1993ع تي مدراس جي مسجد معمور ۾ ڪلمو توحيد پڙهي اسلامي سماج ۾ شامل ٿيس ۽ سوامي آنندا مان ڦري محمد محب الله

(يعني الله سان محبت ڪندڙ) ٿي ويس. آئون نئين ڄاول ٻار وانگر ٿي پيس. الله جي نظر ۾ سڀ انسان برابر آهن، ان اصول جو مزو انهيءَ مهل ٿي محسوس ڪيم. اڄ کان مون کي دنيا جي سڀني مسجدن ۾ وڃڻ ۽ مسلمانن سان گڏجي بيهي نماز پڙهڻ جو حق مليو آهي. اڄ ڪانپوءِ جيڪڏهن دنيا جي ڪنهن به مسجد ۾ وڃي نماز پڙهڻ جو فيصلو ڪريان ته مون کي دنيا جي ڪابه طاقت روڪي نٿي سگهي. اسلام قبول ڪرڻ ڪانپوءِ دل ۾ خواهش پيدا ٿي ته آئون ماڻهن محبت ۽ الفت سان رهان. ۽ ان ڀائيچاري جو اعلان به ڪريان. انهي تصور سان سرشار، اسلام بابت وڌيڪ ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ آئون ويجهي مسلمانن جي ڳوٺ چدم برنائو (ضلعو ڪائيل پٽنم) ويس. اتي رهي مون اسلام کي وڌيڪ سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي، پوءِ مون زندگي جو هڪڙو مقصد بنايو ته هاڻي باقي حياتي، پنهنجو ايمان مضبوط ڪرڻ، اسلام جي تبليغ ڪرڻ ۽ انسانن ۾ صحيح مساوات جو تصور واضح ڪرڻ ۾ کپائيندس.

مسلمان ٿيڻ کان اڳ منهنجي ذهن ۾ اسلام بابت تمام گهڻيون غلط فهميون هيون. ۽ اهڙيون غلط فهميون رکندڙ ماڻهو اڄ به ڪروڙين آهن جيڪي حقيقت ۾ اسلام جي نعمت کان محروم آهن. ان ماحول ۾ ڪين اسلام جون اعليٰ خاصيتون ٻڌائڻ، اسلامي مساوات جو پيغام پهچائي ڪين نيڪي جي واٽ تي آڻڻ، غلط فهمين کي ختم ڪري ڪين اسلام ڏانهن سڏڻ امت مسلمه تي فرض آهي.

جيڪڏهن اسين متحد ٿي، يڪمشت ٿي ان مقصد کي آڏو رکي هن آيت تي عمل ڪنداسين، ته پڪ سان هزارين انسان اسلام جي ڇانوَ هيٺ اچي ويندا.

محمد ﷺ جي سيرت

انساني تاريخ ۾ غير معمولي ۽ ناقابل فراموش جيڪڏهن ڪا هستي آهي ته اها محمد ﷺ جي شخصيت آهي. حضور صه جي سيرت طيبه



معلوم ڪرڻ لاءِ مون ڪيترن ڪتابن جو مطالعو ڪيو تنهن ڪانپوءِ وڃي منهنجي حياتيءَ ۾ا نقلاب اچڻ شروع ٿيو. پاڻ سڳورا صه سن 570ع ۾ ڄاوا هئا. گهرائي سان مطالعو ڪرڻ ڪانپوءِ ماڻهوءَ کي خبر پوي ٿي ته حضور صه ۾ ڪهڙيون ڪهڙيون نه خوبيون ۽ خاصيتون هيون. منهنجي نظر ۾ پاڻ سڳورن صه جهڙي زندگي گذارڻ وارو انسان روءِ زمين تي اڄ تائين پيدا ڪونه ٿيو آهي. سندن ايماني قوت، ايماني جذبو سندن خلوص، معاشرتي معاملن ۽ لاڳاپن ۾ سندن عمل، ٻين سان خير خواهي اعليٰ سلوڪ، عزت، شرافت، رحم، ڪرم، همدردي، مهمان نوازي وغيره اهڙيون خصلتون آهن جن کي اڄوڪي سائنسي دنيا به ساراهي ٿي.

انگريزن پنهنجي زماني ۾ اسلام تي اهو الزام وڏي زور شور سان ڦهلايو ته اسلام تلوار جي زور تي پکڙيو آهي. حقيقت ۾ اهو تمام وڏو الزام آهي. ان جو جواب مس سروجني نائيڊو لنڊن ۾ اسپيچ دوران ڏنو هو ته اسلام جي عظمت، ٻين مذهبن جي پوئلڳن برخلاف نفرت پيدا نٿي ڪري. محمد ﷺ توڙي سندن اصحاب سڳورا ۽ انهن ڪانپوءِ سندن تابعي پنهنجي ڪوشش سان سسلي تائين وڃي پهتا هئا، ۽ عيسائين جي ان سر زمين تي اٺن سؤ سالن تائين حڪومت به ڪندا رهيا، پر ڪڏهن به مقامي ماڻهن جي عبادت ۾ دخل اندازي ڪونه ڪيائون. ويتر انهن عيسائين کي وڏا عهدا ۽ مرتبا ڏنائون، انهن سان بهترين سلوڪ روا رکيائون ۽ انهن سان وڏي عزت ۽ احترام سان پيش آيا، ساڻن سٺا لاڳاپا قائم ڪيائون. ان جو سبب شايد اهو هو جو قرآن ڪريم ڪين صبر جو درس ڏنو هو. صلاح الدين ايوبي لاءِ فرانس جي بادشاهه جيڪي جملا چيا سي تاريخ ۾ موجود آهن. ”صلاح الدين جي باري ۾ مون کي عجب لڳي ٿو ته هو اهڙو سٺو انسان ڪيئن بنيو آهي، جڏهن ته هن تي ڪنهن به قسم جو دٻاءُ به ڪونهي. منهنجي دل ٿي چوي ته آئون به مسلمان ٿي وڃان.“

ٿامس آرنلڊ (پنهنجي ڪتاب) ۾ چيو آهي ته ”سيني مذهبن ۾ رڳو هڪڙو مذهب اسلام آهي، جنهن ۾ ايتريون گهڻيون خاصيتون موجود آهن. عوام جي واتان اسلام پکڙيو آهي. مالي مدد ملڻ تي تبليغ ڪرڻ وارا ماڻهو جيڪي پئسا وٺي اسلام پکيڙين اسلامي تاريخ ۾ ڪونه ٿا لڀن. دراصل سوَن واپارين جي جاکوڙ سان اسلام پکڙيو آهي. آفريڪا ۽ چين وغيره ۾ اسلام پکيڙجڻ جو سبب قرآن جي علمي روشني آهي. ان ورشنيءَ پکيڙڻ وارا مسلمان واپاري هئا.

پنڊت سندر لال چيو هو ته ”محمد ﷺ مڪي جي فتح وقت هڪڙو اهڙو ڪارنامو سرانجام ڏنو جنهن کي تاريخ ڪڏهن به وساري نٿي سگهي. جن ماڻهن کين ساري زندگي ستايو تڪليفون ڏنيون، ظلم ستم روا رکيا، تن ماڻهن کي معاف ڪري ڇڏيائون. دنيا جي فوجي ڪاروائين ۾ هي واحد مثال آهي.“هندوستان جو مشهور مورخ لالا اشوري پرشاد چوي ٿو ته ”مسلمان ڪشادي نظر وارا هئا، جيڪڏهن حقيقت ۾ اهي ظالم هجن ها ته ايڏي ڊگهي عرصي تائين هندوستان ۾ حڪومت ڪري ڪونه سگهن ها. ساري دنيا توڙي هندوستان ۾ به اهي پنهنجي عقيدي مطابق خلق خدا کي نصيحتون ڪرڻ وارا هئا. ساڳئي وقت هندوستان جي مذهبي معاملن ۾ ڪڏهن به رنڊڪون ڪونه وڌائون.

مذهبي ڳالهين ۾ ڪڏهن به انهن هندوئن تي زور زبردستي ڪونه ڪئي. غير مسلمن سان هو هميشه رحم ۽ ڪرم سان تعاون ڪندا رهيا.“

منهنجي دل بدلائڻ وارو قرآن

مون قرآن ڪريم جو لڳاتار مطالعو ڪيو جنهن جي ڪري منهنجو روح جيئرو ٿيو. قرآن هڪڙو اهڙو ڪتاب آهي، جنهن ۾ زندگيءَ جي هر معاملي لاءِ معتدل رهنمائي موجود آهي. ان جا عملي دليل مون کي هر دم اميدون ڏياريندا رهيا. سنياسي هئڻ جي ڪري اهي تجربا منهنجي اندر



پاتار ۾ پيهي ويا. آئون پنهنجي جنهن اڳوڻي مذهب تي قائم هوس، تنهنجي حقيقت به توهان جي آڏو رکڻ چاهيان ٿو.

گوتم ٻڌ ۽ ٻڌ مذهب

ايشاء ۾ گوتم ٻڌ جهڙيون پنج سماجي انقلابي شخصيتون پيدا ٿيون آهن.

(1) 3 هزار سال اڳ ۾ زرتشت، ايران ۾ پيدا ٿيو.

(2) 2 هزار 4 سؤ پنجاهه سال اڳ ڪنفيوشس، چين ۾ پيدا ٿيو.

(3) 2 هزار 4 سؤ پنجاهه سال اڳ Loges چين ۾ پيدا ٿيو.

(4) 2 هزار 6 سؤ سال اڳ گوتم ٻڌ هندوستان ۾ پيدا ٿيو.

(5) 2 هزار سال اڳ يسوع مسيح فلسطين ۾ پيدا ٿيو.

570ع ۾ محمد ﷺ پيدا ٿيو. ۽ قبل مسيح 573ع ۾ گوتم ٻڌ هندوستان ۾ پيدا ٿيو هو. پنهنجي عمر جي 25 هين سال ۾ هو دربار ڇڏي سنياسي بنجي ويو. 29 هين سال ۾ بوڌي وڻ هيٺان هن کي گيان مليو. 36 هين سال جي عمر ۾ ڪاشي نديءَ جي ڪپ سان نديءَ کان اڍائي ڪلو ميٽر پري ناٿ نالي جاءِ تي هن آريا تهذيب جي ورڻ آشرم ڌرم (ذات پات جي نظام) کي ظلمن جي بخرلاف پنهنجن شاگردن جي وچ ۾ پهرئين تقرير ڪئي. 45 هين سال ۾ اتر ۾ بت پرستيءَ ۽ خدا جي نالي تي بيشمار جانورن کي ٻل چاڙهڻ (قرباني ڪرڻ) جي خلاف آواز اٿاري انقلاب برپا ڪيائين.

ٻڌمت جا ڪي بنيادي اصول

ڪوڙ نه ڳالهايو زنا نه ڪريو نشيدار شيون نه واپرايو اهنسا (عدم تشدد) جي اصول تي هلو گناهن کان پري رهو بت پرستيءَ جي مخالفت ڪريو.

انهن ڳالهين کي ڦهلائڻ لاءِ گوتم ٻڌ پنهنجي حياتيءَ جو ڳچ حصو کپايو. آخر ۾ ايوڌيا کان 250 ڪلوميٽر پري ڪشي نگر وٽ 82 سالن جي

عمر ۾ وفات ڪري ويو. گوتم ٻڌ جي زبان پالي زبان هئي. سندس وفات پڄاڻان ٻڌجي نالي سان هڪڙو ڪتاب لکيو ويو.

گوتم ٻڌ انسان جي حيثيت ۾ ڄائو هو. وڏو ٿي شادي ڪيائين. پوءِ سنياسي ٿي ويو ۽ انصاف خاطر پنهنجي حياتي قربان ڪري ڇڏيائين. وفات کانپوءِ ماڻهن هن کي خدا بنائي ڇڏيو. ٻڌ سنياسي هو. هو آريا قوم جي شاسترن ۽ پراڻن کي ڪونه مڃيندو هو. ملڪ جي حالتن پٽاندڙ هن ماڻهن کي پنهنجي عقل مطابق مشورا ڏنا. حياتيءَ ۾ آريا قوم وارن جو مخالف هو پر سندس وفات کانپوءِ سندس مذهب ۾ آريا تهذيب کي شامل ڪيو ويو، جنهن ڪري ٻڌمت ۾ مهايان ۽ هينايان فرقا پيدا ٿيا. آريا قوم جي چالاڪي ۽ مڪاري سان هندوستان جي سر زمين مان ٻڌمت کي ڏيهه نيڪالي ڏني وئي. ان زماني ۾ ڏکڻ هندوستان جي ناگ پٽنم علائقي ۾ هزارين ڀڪشوئن کي آريا پرهمڻن ڦاهيون ڏنيون. هن وقت ايشياء جي مختلف ملڪن ۾، مختلف شڪيلن ۾ ٻڌمت جا پوئلڳ عمل ڪن ٿا، جن جو تفصيل هن ريت آهي:

مهايان، تبت ۾، هينايان برما، سيلون ۽ ٿائيليند ۾، جمبوت جاپان ۾، ڪرين بوت اتر برما ۾ آهن.

هندوستان مان ٻاهر نڪرڻ کانپوءِ ٻڌمت ايشيائي ملڪن ۾ ڪيتري فرقن ۾ ورهائجي ويو. هندوستان اندر ٻڌمت کي ورڻ آشرم سان ملائي قائم رکيو ويو آهي. سيلون به ٻڌمت وارن جو ملڪ آهي، پر اتي نيچ ذات وارن لاءِ ٻُڌا ويهار (ٻڌ مندر) ڳوٺن ۾ هئا ۽ اُچي ذات وارن لاءِ خاص سنگ راج ٻڌا ويهار (محلاتن جهڙا ٻڌمندر) شهرن ۾ قائم ڪيا ويا هئا. دراوڙ ۽ ٻين اڏتين جا ماڻهو آزاديءَ لاءِ ٻڌم شرڻم جا نعرا هڻندا آهن. جمعي جي ڏينهن ماري امن (ماري امان) مندر ۾ پيٽ خاطر ايندا آهن ۽ ماني کائڻ کانپوءِ "ٻڌمت اسان جو آهي، اسان جو آهي." جا نعرا هڻندا آهن. ڇا ٻڌمت اسان کي آزادي وٺي ڏيندو؟



آزاديءَ جي واٽ تي

آزادي جا گهورا منهنجا دوستو! توهان کي آزادي ڪٿان ملندي؟ گمراهيءَ ۽ ضلالت جي واٽ تي توهين ٻوڙو پيا. ڀلي ٻوڙو ڀڄو جيڏانهن ڀڄي، تيڏانهن ٻوڙون پايو! پر جيڪڏهن توهان کي ذلت ٻڌست ڄار مان پاڻ ڇڏائڻو آهي، ته پنهنجي مذهب کي ڇڏي، اسلام جي ڇانوَ هيٺ اچو. منهنجا دلت ڀائرو! توهين ڀريا ٻُڌ ڪونه آهيو ۽ نڪي پلا ٻُڌ آهيو. توهين ڌرتيءَ تي ڄاول انسان آهيو ۽ انسان جو قدر فقط اسلام ۾ ئي اٿوَ. "هلو، اسلام ڏانهن هلو" نالي ڪتاب ۾ ان جي ليکڪ ۽ ڪميونسٽ ليڊر "ڪوڊيڪال چلايا،" اسلام قبول ڪرڻ کانپوءِ لکيو آهي ته "اڇوٽ، گانديءَ کان اڳ به هئا، ۽ گانديءَ کان پوءِ به هئا. اڄ سڀاڻي به هوندا، تنهنڪري دراوڙ ذات وارو! ڊوڙي هلو اسلام ڏانهن، توهان جي آزادي فقط ۽ فقط اسلام ۾ ئي آهي."

آل انڊيا دلت ورڪرس پارٽي جو جنرل سيڪريٽري ڊاڪٽر چيپن ايم بي بي ايس، يگمور (مدراس) جي سري لنڪا ويهار ۾ هميشه پوڄا لاءِ ويندو هو. هڪڙي دفعي هن تي اتي امبيدڪر جنتي جو پروگرام رکڻ لاءِ اجازت گهري. اتي جي ٻُڌ گرو سوامي نند جي شاستر چيو ته توهان سڀني ڀريا ٻُڌستن کي فقط ذات پات وسارڻ لاءِ ٻُڌم شرڻم جو منتر پڙهڻو آهي. اهڙي طرح هن ذات پات جي وضاحت ڪرڻ کانپوءِ ناڪار ۾ جواب ڏنو. ڊاڪٽر چيپن ٻُڌ ويهار مان ٻاهر نڪري وڏي حسرت مان ٿڌو ساهه ڀري چوڻ لڳو ته "جڏهن مون جهڙي ليڊر سان اهڙو سلوڪ ڪن ٿا، ته پوءِ منهنجي ذات وارن عوام سان ڇا ڇا نه ڪندا هوندا؟" ان کانپوءِ هن ڪتاب لکيو "مڪمل آزاديءَ لاءِ فقط اسلام." اسلام جي ڏنل آزادي، مساوات ۽ ڀائپي منهنجي دل تي وڏو اثر ڪيو. ان سلسلي ۾ آئون پنهنجي حج ۽ ان بابت احساس هيٺ پيش ڪريان ٿو.

حج جو سفر

حج جو احوال پيش ڪندي آئون تمام گهڻي خوشي محسوس ڪريان پيو. مختلف ملڪن مان ڪعبة الله جي طواف لاءِ ويهه لک ماڻهو آيل هئا. ۽ انهن سان گڏ ويهه لک ماڻهو سعودي عرب جا به هئا. سيئي هڪ آواز لبيڪ اللهم لبيڪ جا نعرا هڻي رهيا هئا. اهو منظر مون لاءِ حيرت ۾ وجهندڙ هو. چاليهه لک ماڻهو جو ميڙ ڪعبي ۾ لٿل هو. انهن جي وچ ۾ ڪنهن به قسم جو ڇوت ڇات ڪانه هئي ۽ نڪي ڪنهن ۾ مون کي ڪا وڏائي يا تڪبر جي ڳالهه ڏسڻ ۾ آئي. جيئن ته ذات پات جي ماحول ۾ رهندي مون زندگيءَ جو وڏو حصو گذاريو آهي, تنهنڪري هي نئون ماحول ۽ منظر منهنجي اندر ۾ پيهي ويو. ڳوري رنگ جا عرب, ڪاري رنگ جا آفريڪي, اڇي رنگ جا جاپاني, ڪڻڪ رنگا هندوستاني ۽ ڪار رنگا هندوستاني, وڻ وڻ جي ڪاٺي هئي, بهرحال مجال آهي جو ڪا اٽوٽ محسوس ڪجي. جڻ رنگارنگي موتين جي مالها هئي, ڪعبي جي چوڏاري صفون ٻڌي نماز پڙهڻ جو نظارو به حيرت انگيز هو. اهو اجتماع نه رڳو تاريخ ۾ آهي, پر اجوڪي نئين دنيا ۾ به عجب جهڙو اجتماع آهي, اسلامي تعليمات موجب محبت, الفت, ڀائيچارو ۽ مساوات مون هتي ڏٺو. اهو تجربو مون کي حج جي سفر ۾ ٿيو ۽ منهنجي دل دماغ ۾ سرايت ڪري ويو.

منهنجا مسلمان ڀائرو! فليبلغ المشاهد الغائب. (حديث)

”هتي موجود ماڻهو غير موجود ماڻهن کي اهو پيغام پهچائين“ هن حديث تي عمل ڪرڻ وارا بنجو. جيڪڏهن توهان نبي سائين جي ان وصيت تي عمل ڪندا ته اسلام ساري دنيا ۾ ڪامياب ٿي ويندو ۽ دنيا ” وَرَاَيۡتَ النَّاسَ يَدۡخُلُوۡنَ فِيۡ دِيۡنِ اللّٰهِ اَفۡوَاجًا “ جا نظارا ڏسندي. انشاء الله. شرط اهو آهي ته توهين پاڻ الله جي دين جا نمونا بنجي وڃو ۽ دنيا جي آڏو پنهنجي عمل سان ثابت ڪريو ته اسلام ئي نجات جي واحد واٽ آهي.

اي رب منهنجا, تون مون کي ۽ هن امت کي هن عظيم امانت کي ٻين



تائين پهچائڻ جي توفيق عطا فرماءِ ۽ اسان کي آخرت جي عذاب کان بچاءِ. آمين

مون وچن ڪيو آهي ته هاڻي باقي حياتي هن پيغام کي ٻين تائين پهچائڻ لاءِ خرچ ڪندس. ۽ پوئين پساهن تائين هن واٽ تي هلندو رهندس. انشاء الله.